
خوددار

هيءُ ڪتاب

آرپيان ٿو

سنڌ جي ٻن سوُرمين

گل ٽالپر ۽ ماهتاب محبوب کي

جن مان پهرين

سوُرج جيان تيجسوي

۽ ٻي

چندرما وانگر سيتل آهي!

— هري سنڌي

## گوئا ٻيج تي گل

ڪولوا ٻيج تي
ڏسندي لهرون سمنڊ جون
هوءَ گوجر
سندرُ پتري - سوُمري
باوري
ميهار ڪاڻ ماندي
سهڻي
ٻڌا گهڙي گهري پيٺي
گهيڙ ۾!

## اِرم نما ۾ ماهتاب

اَلمنظر وٽ
چنڊ
• چمڪيو پٽي اِئين
•• ارم نما ۾ ڪڄ پهرال
ماهتاب
مرڪيو بيٺي جهٽين!

**هري سنڌي**

---

• المنظر - ڄامشورو وٽ درياهه ڪناري اوپن ايئر ڪيفي
•• ارم نما - سرڳ سمان گهر.

# لبيڪ طرفان

مون تي ڪي دوست الزام هڻندا آهن ته ادب ۾ آءُ آدرش ۽ رومانسواد جو حامي آهيان. اها ڳالهه درست هجي به ته ان ۾ برائي ڪهڙي آهي؟ اهي ته آئيڊيل جذبا آهن جيڪي اڄ سوڌو ادب جا موضوع رهندا آيا آهن. ان ڪري، انهن رومان ۽ آدرش کي، اڄ جي سندرڀ ۾ مدي خارج ويچار چوڻ يا سمجهڻ، غلط آهي.

بحث خاطر چئي سگهجي ٿو ته اڄ جو هيءُ يُگ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو يُگ آهي جيڪو عقل ۽ منطق تي وڌيڪ زور ٿو ڏئي ۽ تصوري ڳالهين کي غير سائنسي، منطقي ڪسوٽيءَ تي غلط قرار ٿو ڏئي. ليڪن ڏٺو ويو آهي ته انساني وشواس ۽ مڃتائون ان ڳالهه کان اڪثر منڪر پئي رهيون آهن. اهي ڌارڻائون جيڪڏهن هڪدم بدلجي وڃن ها، جيئن مارڪسوادي ويچارڌارا ماڻهن جا ذهن بدلائڻ چاهيا هئا، ته اهو ضرور سوڀاري ٿئي ها. پر دنيا ڏٺو ته اها ويچارڌارا روسي لوڪن جا ذهن بدلائي نه سگهي هئي. هيئنر

a

اُتان جا ماڻهو، ڪامريڊ ۽ ترقي پسند، پڙهندڙن دلين ۽ ذهن ۾ ڦيرو آڻي، سرير ڪان آتما طرف، جڙ ڪان چيتنا طرف، موٽ ڪائي رهيا آهن.

ڏٺو وڃي ته دنيا ۾ مکيه طور ٻه فلاسافيون - ٻه وچارڌارائون گڏوگڏ هلي رهيون آهن. هڪ فلاسافيءَ جو مول مَتو آهي: جڙ پدارٿ يعني عقليت جنهن موجب عقل مادو آهي. ٻي فلاسافي آهي: وجوديت يعني تصور يا چيتنا. انهن ٻن سڌانتن تي ئي گهڻو تڻو ادب جي اڏاوت ٽيل آهي.

اسين، پارٽي اُپکنڊ جا اديب، جيئن ته اڪثر وجوديت جا پيروڪار رهيا آهيون تنهن ڪري اسان جي رچنائن ۾ انهن جو اثر نمايان آهي. اسان جو سمورو ڪلاسڪي ادب، خاص طور شاعري، ان جو وڏو مثال آهي. اسان جي سنڌي ڪلاسڪ شاعريءَ ۾ تصوف ۽ وحدت الوجود جو ناد ٻڌي سگهجي ٿو. ان سبب مادا پرستيءَ جو نظريو جيڪو مارڪس ۽ اينگلس جي فلاسافيءَ مان اُڀريو هو، اسان مان تمام ٿورن اديبن قبول ڪيو. مونکي اڄ به ياد آهي ته اسان جي مارڪسوادي مفڪر ۽ شاعر سڳن آهوجا تي جڏهن اڌرنگ جو حملو ٿيو هو ۽ هو زندگيءَ ۽ موت سان جدوجهد ڪري رهيو هو ته هڪ ڏينهن هن دوستن اڳيان آسمان طرف هٿ کڻي، چڙهيل آواز ۾

چيو هو: پوارٽعا! ان مان ظاهر آهي ته اسين ٻاهران ته بلاشڪ مارڪسوادي - جڙ وادي ٻڌجون ٿا ليڪن من طور اسين ان تصور، ان شڪتيءَ جا اُپاسڪ آهيون جنهنجو ذڪر اڪثر ڪيترن فلاسافرن ڪيو آهي! سعد ۽ سعدين جي روايت جيئن ته ان وچارڌارا لاءِ نامواقف ۽ اوپري هئي تنهن ڪري اها ان زمين ۾ پڌهنجون جڙون ڪپائي نه سگهي ڇو ته اسان جي ڪلاسڪ شاعرن ان حق جي ڳالهه ڇڏي هئي جنهنکي ڇيئن ڇڏجي تو يا اهو جزو جيڪو ڪل ۾ سمايل آهي!

اسان جي سنڌي ادب ۾ هڪ طرف حق جي جستجو هئي ته ٻئي طرف اُهي جديد اديب پڻ هئا جن تي عقليت جو غلبو هو ۽ هو غالبن مارڪسوادين کان متاثر هئا. پر جيئن ته انهن مان ڪيترا فڪشن پرست هئا تنهڪري جيئن ئي روسي لوڪن جي من ۾ ڦيرو اچڻ لڳو، اسان جي فڪشن پرست اديبن به پنهنجي موت ڪائڻ شروع ڪئي!

ٿلهي ليکي ڏسجي ته دنيا جي ڏاهن وچ ۾ هيءَ وڙهه ۽ جدوجهد من ۽ ٻڌيءَ، دل ۽ دماغ، عقل ۽ جذبي جي وچ ۾ آهي. سموري دليلبازي ٻن ٻن وچارڌارائن جڙ ۽ چيتن، آتما ۽ پدارٿ، سائنس ۽ ڪائنات جي وچ ۾ آهي! سوال ٿو اٿي ته هن ڪائنات ۾ ڪي به اديت ۽ عجائب ڏسي عقل چيو چرخ ٿيندو

آهي؟ ان گهڙيءَ، اوچتو، منهن مان اهي اُدگار ڇو نڪرندا آهن ته هن غيب جو انت لهڻ ممڪن نه آهي! اتي اچي انساني ڏاهپ کي مات ڇو لڳي ويندي آهي؟ ان وقت هو ٻاهران نه، ته ٻه من ئي من ۾ ڇوٽو ڇوي ته: قادر تنهنجي قدرت عجب ڏٺيسون!

هڪ دفعي گل ٽالپر مونکان پڇيو ته ادا، توهان عورتن طرف ايترو شردالو ڇو آهيو ته ڀورين ته مان چپ رهيس. پوءِ ڪيس ٻڌايم ته - ڀيڻ، ساٿير ڪان اڄ ٽائين، مونکي استري جاتيءَ وٽان جيترو سنيهه مليو آهي اوترو پرشن وٽان ڪين مليو اٿم. آءٌ ننڍپڻ کان ئي استرين جي ڪرپا جو پاتر رهيو آهيان. تنهن سان گڏ مونتي شرت چندر جي استري ڪردارن جو ٻڻ پرڀاءُ پيل آهي. مان استريءَ کي ڪائنات جي هڪ ئي جوڙ تخليق سمجهندو آهيان. انڪري منهنجي دل ۾ استرين لاءِ هميشه اپار شردا رهي آهي!

منهنجي هن ڪتاب جون گهڻيون ڪهاڻيون استري پردان ڪهاڻيون آهن. مون سندن جيون جي الڳ الڳ پهلن تي نظر وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان ڪوشش ۾ ڪيترو سو ڀارو ٿيو آهيان، اهو توهان کي ئي ٻڌائڻو آهي.

**- هري موٽواڻي سنڌي**

۱

# بند ڪمري جي ڪلبل هڪ دري

سدانند پنهنجي دوست انيل سان بلڪل سهمت نه هو ته هن مدورما کي اهو قدم کڻڻ تي مجبور ڪيو هوندو. اهو اڻ سڌيءَ طرح هن متان الزام هو جنهن کان سدانند بلڪل انڪاري هو. انيل جو دليل هو ته اهڙو قدم انتها بعد ئي ڪو کڻي سگهي ٿو ۽ مدورما اهو قدم کنيو هو! انيل جو ائين به چوڻ هو ته جيئن ته مدورما بيحد جذباتڻ هئي، هن ضرور سدانند طرفان ڪا اهڙي ڳالهه ٻڌي يا ڏٺي هوندي جنهنکي هوءَ برداشت نه ڪري سگهي هوندي. ۽ نتيجي ۾ هوءَ اهو قدم کڻي ويٺي هئي! ليڪن سدانند هن جي ڪنهن به اهڙي دليل سان سهمت نه هو. هن انيل کي صاف لفظن ۾ ٻڌايو ته هن طرفان اهڙي ڪا به ڳالهه ڪانه ٿي هئي جنهن مدورما کي اهو قدم کڻڻ تي مجبور ڪيو هجي.

"ڇا تون وشواس سان چئي سگهين ٿو ته تو طرفان
اهڙو ڪجهه نه ٿيو آهي جنهن سبب مدورما کي
صدمو رسيو هجي؟"

"مان ته ڪونه ٿو سمجهان. وري به مدورما بهتر
ڄاڻي ٿي."

"ته به ڪجهه نه ضرور هوندو. مدورما اهڙي اياڻي
نه ڪانهي جو بنا ڪارڻ اهڙو قدم کڻي!"

"ٿي سگهي ٿو هوءَ ڪنهن شڪ جو شڪار ٿي
هجي."

"مان به ته اهو ئي ڄاڻڻ ٿو چاهيان ته آخر اهڙا
ڪهڙي ڳالهه آهي جا شڪ پيدا ڪرڻ جو باعث ٿي
سگهي ٿي."

"ڪڏهن ڪي ننڍڙيون ڳالهيون تمام وڏيون معلوم
ٿينديون آهن ۽ چڀڻ لڳنديون آهن."

"اگزيڪٽلي. ته تون مڃين ٿو ته ڪي ننڍيون ڳالهيون
ٿيون آهن؟"

"پر اهي اهڙيون ته نه آهن جن ڪان مدورما بدگمان
ٿي هجي."

"اهو تون ٿو سوچين. ٿي سگهي ٿو اهي سچ
پچ خفي ڪندڙ ڳالهيون هجن. ڪڏهن ڪڏهن ائين
به ٿيندو آهي ته ڳالهه جو مطلب هڪڙو هوندو آهي
۽ اڳلو ان جي ٻي معني ڪڍندو آهي."

"ڪھڙي ٻي معنيٰ؟"

"اُهو تہ ڳالھہ ٻڌڻ کان پوءِ ئي ٻڌائي سگھبو تہ ڳالھہ جي معنيٰ ڪھڙي هئي ۽ ڪيڏي ڪھڙي ويئي."

سدانند هڪ سگريٽ ڏکائي پيڪيٽ انيل طرف وڌايو.

"سعگيتا آئي هئي. تون سچا ٽيئس ڪاليج ۾ گڏ پڙهندي هئي."

"سعگيتا! هاں ياد آيم. پر هوءَ تہ اسپين هلي ويئي هئي پڙهڻ جي لاءِ وٽ."

"واپس موٽي آئي آهي. مونسان آفيس ۾ ملڻ آئي هئي. مدورما جي بہ ساهڙي هئي ان ڪري مون کيس گھر ڊنر تي گھرايو هو."

انيل سگريٽ جو ڪش هنيو. هن سدانند طرف نهاري چيو، "ڪاليج ۾ هوءَ توتي فدا هوندي هئي. لڪڻ جي ڇيلهہ مان ٻانهن ۾ ئي ڪانہ ڪيندي هئي! مدورما کي بہ ان ڳالھہ جي خبر هئي."

"پر اُهي تہ ڪاليج جي ڏينهن جون ڳالھيون هيون. اهي اتي ئي ختم ٿيون."

انيل کليو. چيائين، "ڪير ٿو چوي تہ اتي ختم ٿيون. ڪجھہ بہ ختم نٿو ٿئي، سدانند، ڪجھہ بہ ختم نٿو ٿئي. مونکي ياد آهي پروفيسر توتي ڏمريو هو تہ

سدگيتا تعهدجو بچاءَ ڪندي هئي! پوءِ اچانڪ تــو مدورما سان شادي ڪئي ۽ سدگيتا اسپين هلي وئي."

"ان بعد سدگيتا ۽ مدهدجي وچم ته ڪو ناتو ئي نه رهيو هو. پوءِ به جي مدورما ڪجهه پيو ٿي سوچي ته غلط ٿي سوچي. سدگيتا آئي، مونسان ملي ۽ مون کيس ڊنر جي دعوت ڏني. ان ۾ غلط ڳالهه ڪهڙي آهي؟"

"بس، صرف ايترو ئي؟"

"پيو ڇاٿو ٿي سگهي؟"

"شايد ڪجهه هجي جيڪو تون ٻڌائڻ نه چاهيندو هجين."

"توکان لڪائيندس؟"

"مدورما کان لڪائيندو هجين. آخــر پراڻو پيار ڦاٽ به ته کائي سگهي ٿو."

"اهو تعهدجو اجايو گمان آهي."

"اهو مدهدجو انومان آهي."

"تون اهــو غلط انومان ڪڏهن کــان ڪيڻ سکيو آهين؟"

"جڏهن کان مدورما اهو قدم کنيو آهي!"

سڏانت اُتيجت ٿي چيو، "مدورما اهو غلط قدم کنيو آهي، اهو مون ور ور ڪري چيو آهي!"

"پر مدورمان کي به ته وشواس اچڻ گهرجي."

"مڌو رما اوشواس ڪري سٺو نہ ڪيو آهي. انهن ڪري هن مون لاءِ ڪمري جون سڀ دريون بند ڪري ڇڏيون آهن."

"توکي پورو يقين آهي تہ تنهنجو ڪو ڏوهہ، ڪا غلطي ڪانہ آهي؟"

انيل کي سگريٽ جي طلب ٿي هئي، هن سگريٽ ڪڍي دکايو.

انيل جا سوال سدانت جي ذهن ۾ ٻرڻ لڳا. هن سوچيو هو پنهنجي دوست کي ٻڌائي تہ ان ۾ هن جو ڪو قصور نہ هو. هو بزنيس ٽرپ لي سينگاپور ويو هو جتي کيس سنگيتا گڏجي وئي هئي. هوءَ پنهنجي ڀاءُ ۽ ڀاڃائيءَ سان هڪ ڊپارٽمينٽ اسٽور ۾ شاپنگ ڪري رهي هئي جتي هو کيس گڏجي ويو هو. ٻنهي هڪ ٻئي کي کلي ڪيڪاريو هو ۽ سنگيتا پنهنجي ڀاءُ سان سندس واقفيت ڪرائي هئي.

"هيرو، هيءُ سدانت آهي، منهنجو ڪلاس ميٽ. جهڙو نالو اديت اٿس تهڙو ئي پاڻ بہ آهي. ڪاليج جو هيرو هوندو هو. ڪيترين ٻين ڇوڪرين جيان مان بہ مٿس مفتون هئس. پر هن جو لاڙو هڪ ٻيءَ

ڇوڪريءَ طرف هو جنهن سان ئي شادي ڪيائين.“
ايڏي وڏي واقفيت ڏيئي هوءَ ڪلاڪ لڳي ته مجبور ن
سدانت کي پڻ ان ۾ شامل ٿيڻو پيو هو. هن هيروءَ
سندس پٽنيءَ سان هٿ ملايو هو.

پيڻ جي ڳالهه پڏي، پاڻس چيو، ”سنگيتا، تـــو وڏي غلطي ڪئي! ههڙو سهڻو ۽ هئندسم ڇوڪرو هٿن مان وڃڻ ڏنءِ!“ هيروءَ بولڻ بڻجڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

”مان نراس ٿي پيس ۽ تو وٽ اسپين هلي آيس. پر مان اڃا به سدانت کي پيار ڪريان ٿي!“

”هيئڙو ڪهڙو فائدو. هيئڙو ته نو ونڪدسي آهي.“

هيروءَ جي مذاق تي سيدي ڳڻجي ڪليو هو.

سنگيتا سدانت جي وڃهو ايندي چيو، ”ڳهڻا ڏينهن آهين هتي؟“

”ڪجهه ڏينهن تـه آهيان. جيئن ئـي ڪم پورو ٿيندو، هليو وينديس.“

”گڊ! پوءِ نه مان توکي سينگاپور گهمائي سگهان ٿي. ڇا تون مونسان گهمڻ پسند ڪندين؟“

”آفڪورس. ڇونه پسند ڪندس!“

سنگيتا خوشيءَ وچان اُڇلي پيئي. ياءَ طـرف نهاري چيائين، ”هيرو، توهين ڪمپني ڏيو ٿا يا اوهان جو ڪو بيو پروگرام آهي؟“

”تون بـلاشڪ پنهنجي دوسـت کـي سينگاپور جو سئر ڪراءِ، اسين شاپنگ بعد فلئٽ تـي پهچي وينداسين.“

”او. ڪي. مان اٽي پهچي وينديس.“

چائنا ٽائون جـي ڪلب اسٽريـٽ ۾ ڪيترا سنا بار ۽ پب هئا. هـو هڪ سٺي پب ۾ وڃي ويـنـا. چائنيز ڇوڪري آرڊر وٺي بيئر جا ٻـه مگ هنن جي سامهون رکي ويئي. چلڊ بيئر جا ڀريل مگ جن مٿان اڇي گج هئي. سدانند ان گج کي رجندو ڏسندو رهيو. پب ۾ سگريٽ جون تيز ڌنون، گلاسن جا کڙڪا ۽ ٽهڪڙا هئا.

بيئر جو وڏو ڍڪ ڀريندي سدانند چيو، ”تون ته اسپين وڃي هئينءَ نه؟“

”هائو، اٽي ٽي رهندي آهيان. هتي هڪ رليٽيو جي شاديءَ ۾ آيا آهيون.“ هـن بيئرسـپ ڪئي ۽ سدانند طرف نهاريو.

”تون شايد سينگاپور ڪافي دفعا آئي وئي آهين؟“

”هتي اڪثر ايندي رهندي آهيان“

”ڪٿي ڪٿي گهمائيندءِ؟“

"ڪافي جايون آهن. سنٽوسا آئرلئنڊ هلي سگهون ٿا. جورانگ گارڊن پڻ ڏسڻ وٽان آهي ۽ شاپنگ لاءِ هاءِ اسٽريٽ بيست آهي."

"مونکي گوڙ شور پسند ڪونهي."

"اهو مون تي ڇڏ. مان توکي پنهنجي نموني گهمائيندس."

"ٺيڪ آهي. مون توتي ڇڏيو. آخر تون منهنجي سهپاٺي آهين!" سڌانت کليو ته سنگيتا به کلي.

ٻن ڏينهن کان سڌانت ۽ سنگيتا سينگاپور جو سير ڪري رهيا هئا. هو فيري بوٽ ۾ سوار ٿي سينٽوسا آئرلئنڊ ويا هئا. ليڪن اتي ڏاڍي گپاگيهه هئي. هاءِ اسٽريٽ ۾ به ڪلهي گس هئي. سڌانت کي لطف آيو جورانگ گارڊن ۾. سهڻو ۽ صاف سٿرو گارڊن هو. اتي گهمندي سنگيتا پنهنجي هڪ ٻانهن سڌانت جي چيلهه چوڌاري ورائي ڇڏي جيئن ڪاليج وارن ڏينهن ۾ ڪندي هئي. سڌانت اعتراض نه ورتو هو. هو ڳالهيون ڪندا پئي ويا ۽ سنگيتا هن سان لڳي لڳي هلي رهي هئي.

ان شام هو پب بجاءِ بار ۾ وڃي ويٺا. سنگيتا

کي وسڪي پيئڻ جو موڊ هو. بلڪ ڊاگ جا ٻه پيگ پيئڻ بعد هن جون اکيون سرخ ٿي ويون. هوءَ ڪاليج وارن ڏينهن جون ڳالهيون ڪندي ويٺي هئي. سدانت ڪيس ٻڌي رهيو هو. سنگيتا ڪيس سندس اڻ رکيءَ تي ڏوراپا ڏيئي رهي هئي. هن پنهنجو هڪ هٿ سدانت جي هٿ مٿان رکي، لڙزندڙ آواز ۾ چيو، “تو مون سان انصاف نه ڪيو. مون توکي دل وَ جان سان پيار ڪيو ۽ تو مونکي ڇڏي معصوما سان شادي ڪئي. تون مونکي پنهنجو بڻائين ها ته مونکي اسپين وڃڻو نه پوي ها. توکي خبر ناهي سدانت، مان اتي بيحد ڏکي آهيان. اتي ڪا لائيف ڪانهي. صرف ڪم، پئسو ۽ سيڪس! مون شادي ڪري گهر وسائڻ پئي چاهيو پر مونکي هڪ به اهڙو ڇوڪرو نظر نه آيو جنهنکي مان پنهنجو جيون ساٿي بڻائي سگهان. هرڪو آزاد خيال! هڪ ڇوڪريءَ هيروءَ مان ٻار پئدا ڪيا ۽ شادي ڪنهن ٻئي سان ڪيائين. مونکي اهڙي آزادي، اهڙي زندگي پسند ڪونهي. مان بيزار ٿي پيئي آهيان اهڙيءَ زندگيءَ مان ...” هوءَ وڌيڪ ڪجهه چئي نه سگهي ۽ پيڙيل من سان سدانت جي هٿ کي دٻائڻ لڳي.

سدانت سوچيو سنگيتا تي بلڪ ڊاگ اثر ڪيو هو ۽ هوءَ بهڪي وئي هئي. هن سنگيتا جي هٿن

مان پنهنجو هٿ ڇڏائيندي چيو، "توتي نشو طاري ٿي رهيو آهي. هل ته مان توکي پنهنجي فليٽ تي ڇڏي اچان."

"اوهه، نو. مان نشي ۾ ڪانه آهيان. سدانت مان توسان پنهنجي دل جو حال اوري رهي آهيان. مان توکي اڄ به پيار ڪريان ٿي، ڀرپور پيار!"

سدانت چپ چاپ سنگيتا طرف نهاريندو رهيو. هن ڏٺو، سنگيتا جي اکين ۾ به قنڌاري ڏيئا ٻري رهيا هئا جي ڪڙڪائيون ڦڙڦڙائي هن کي ڏنگڻ لاءِ بي تاب هئا. هن ڪنڌ ڌوڻي اُنهن خيالي ڏيئن کي پاڻ کان پري ڀڄايو.

سنگيتا وسڪيءَ جو هڪ وڏو ڍڪ ڀريو ۽ خماريل نگاهن سان سدانت طرف نهاريو. هن ٻڏڪي چيو؛ "تون منورما جو آهين ۽ مان توکي منورما کان کسڻ نٿي چاهيان، پر ڇا هڪ پراڻي پريميءَ ناتي منهنجو توتي ايترو به حق ڪونهي ته مان پيار جي اُن جهرڻي مان هڪ لپ ڀري پنهنجي پياس ٻجهائي سگهان! تون ڇا منهنجي لاءِ ايترو به نٿو ڪري سگهين؟"

سنگيتا سچ پچ نشي ۾ هئي. هن کي پتو ئي نٿي پيو ته هوءَ ڇا چئي رهي هئي. سدانت وڌيڪ وقت ترسڻ ٺيڪ نه سمجهيو. هو اُٿي ايٺو.

هو ٻئي بار کان ٻاهر آيا ته سنگيتا پنهنجي ٻانهن

سدانت طرف وڌائي. ليڪن سدانت ٽئڪسيءَ طرف وڌي ويو هو.

”اڄوڪي رات مان توکان گهري تي وٺان، سدانت! اُميد تہ تون مونکي اهو اڌڪار ضرور ڏيندين!“

سدانت ڪجهہ نہ چيو. هن ٽئڪسيءَ واري کي سنگيتا جي فليٽ جو ڏس ڏنو.

ٽئڪسي رات جي روشنين ۾ سينگاپور جي صاف سنئين سڙڪن تي ڊوڙون پائڻ لڳي.

ٽئڪسيءَ ۾ هو ٻئي سمورو وقت چپ رهيا. ليڪن ٽئڪسيءَ مان لهڻ وقت سدانت سنگيتا جو دٻيل سڏڪو ٻڌي ورتو هو.

ٻئي ڏينهن بنا ٻڌائڻ جي سدانت بمبئيءَ موٽي آيو هو.

هن ڪجهہ نہ ڪيو هو، ڪا خيانت نہ ڪئي هئي ۽ پوءِ بہ مدورما شڪ جو شڪار ٿي هئي! اهو شايد ان ڪري ٿيو هو جو سنگيتا هن جي گهر ڊنر تي آئي هئي ۽ هن اتي ڏاڍيون چهريون ڳالهيون ڪيون هيون. هن کي اُن وقت اهو گمان بہ نہ هو تہ مدورما سنگيتا جي ڳالهين جو ڪو ٻيو غلط ارٿ ڪڍي رهي هئي.

ٿوري بعد هو ڪافي پي رهيا هئا ته سنگيتا ڪلهندي چيو هو، "مدو، تو ته سڌانت جون عادتون ئي بگاڙي ڇڏيون آهن. ويري ٻڌ! ڪاليج وارن ڏينهن ۾ ڪيترو نه سمارٽ هو."

مدورما سنگيتا جي ڳالهه جو مرم نه سمجهيو هو. تڏهن ڪري مرڪي چيائين، "تون سڌانت جي ڪهڙين عادتن جو ذڪر ڪري رهي آهين؟ مون ته سندس ڪا به عادت ڪانه بگاڙي آهي. باقي سمارٽ ته هو اڄ به آهي." هن فخر وچان سڌانت طرف نهاريو.

"ڪاليج ۾ تو، مون جهڙيون ڪيتريون ڇوڪريون مٿس موهت هيون. پر لاٽري لڳي توکي. ته ڇا ان ڪري ٻيون ڇوڪريون کيس پيار ڪرڻ جو اڌڪار وڃائي ويٺيون؟"

سنگيتا جي ان ڳالهه تي سڌانت خبردار ٿي ويو. کيس هڪ دفعو وري ڦندڙي ڏينهن جي ڀون ڀون ٻڌڻ ۾ آئي. هو سمجهي ويو ته سنگيتا جي ڳالهين جو لڪش هو پاڻ هو.

مدورما اڃا ڪجهه نه سمجهيو هو. تڏهن ڪري سنگيتا طرف نهاري چيائين، "شاديءَ بعد اهي ڳالهيون پاڻ مرادو ختم ٿي وينديون آهن."

سنگيتا مدورما جي ابوجهائيءَ تي کلڻ لڳي. چيائين، "تو سڌانت کي حاصل ڪري ورتو تڏهن ٿي

انهن چوڻ، نه ته جيڪر ڪجهه ٻيو ئي ٻولين ها."

مدورما ڳالهه جو رخ بدلائيندي چيو، "پر سنگيتا، تو اڃا تائين شادي ڇو نه ڪئي آهي؟ اسپين ۾ تنهنجي لاءِ عاشقن جي ڪوت هئي ڇا؟" مدورما چئي ته ويٺي پر اها ٺٺولي هئي يا ابوجهائي، اهو ڪنهن نه سمجهيو.

سنگيتا کلي چيو، "اسپين ۾ سدانت جهڙا ڳڀرو ڪٿي آهن!" ڪن ترسي سدانت طرف نهاري چيائين، "سدانت سينگاپور آيو هو ته اڪيلي مونکي گڏجي ويو. مان ساڻس ملي ڏاڍي خوش ٿي هئس. جهونا دوست هئاسين، پر ٽي ڏينهن خوب سير ڪياسين."

سدانت کي لڳو، قنداري ڌيئين کيس ڏنگڻ شروع ڪيو هو.

سنگيتا جي ڳالهه ٻڌي مدورما کان ڇرڪ نڪري ويو. سدانت کيس اها ڳالهه ڇو نه ٻڌائي هئي! هن سدانت طرف نهاريو ۽ پڇي ويٺي، "تو ته مونسان اهڙي ڳالهه ئي ڪانه ڪئي ته سنگيتا توکي ملي هئي؟"

"شايد ڌيان تان لهي ويو هوندو. يا شايد ضروري نه سمجهيو هوندم." سدانت ڌيئين کان بچڻ لاءِ جوابي حملو ڪيو هو.

"ڪمال تو ڪيو! پرديس ۾ ڪو جهونو واقفڪار ملي وڃي ۽ اهو ڌيان تان لهي وڃي! جڏهن ته سنگيتا منهنجي ساهيڙي ۽ ڪنهن وقت تنهنجي

پريمڪا هئي! ۽ پوءِ به توکان وسري ويو؟"

سنگيتا وڏو ٺهڪ ڏنو. چيائين، "سدو، تو چڱي ڀلايس! سدانت جي من ۾ چور هوندو تڏهن ئي توکي ڪونه ٻڌايو اٿس. پاڻ تي ڀروسو نه هوندس نه ته توکي ضرور ٻڌائي ها ته هو ڪيئن مونکان ڊڄي، ڀڄي آيو هو!"

"اهو غلط آهي، مونتي سراسر تهمت آهي!" سدانت تکي آواز ۾ چيو.

مدورما ٻنهي جو منهن تڪڻ لڳي. هيڏانهن وڃي ڪيئن سمجهه ۾ آيو ته ڳالهه ڇا هئي. هوءَ سمجهي ويئي ته هو سينگاپور ۾ مليا آهن، گڏجي گهميا ڦريا آهن ۽ پوءِ ڪا اهڙي ڳالهه ٿي آهي جنهن تان ٻنهي جي وچ ۾ غلطفهمي ٿي آهي. پر اها ڪهڙي ڳالهه هئي جنهن تان ٻنهي جي وچ ۾ غلطفهمي ٿي هئي؟ ان جو ڀيد هوءَ ڄاڻي نه سگهي ته سندس سيني ۾ ڇپ ڇپ ٿيڻ لڳي. هوءَ اها ڳالهه ڄاڻڻ چاهي جنهن لاءِ هو هڪ ٻئي کي ڏوشي سمجهي رهيا هئا. هن تکي گهور سان سدانت ۽ سنگيتا طرف نهاريو ليڪن وات مان هڪ اکر به نه ڪڍيو.

سنگيتا قعداري ڏيئين کي سدانت طرف اُڏاريندي چيو، "اُن شام شايد مان نشي ۾ هئس. مستيءَ ۾ اچي مان سدانت کان اُها چيز گهري ويٺيس جنهن

تي ڪڏهن وقت منهنجو انڪار هو. توکي ياد هوندو
مدورما ته ڪاليج ۾ اسان جو سنڌي پروفيسر هڪ
ڪريتا پڙهائيندو هو جنهنجي هڪ سٽ هئي:
چنڊ ڪنهنجو ٿي هجي پر چانڊني سڀ جي هجي!
مون سوچيو هيو چنڊ بلاشڪ تنهنجو هجي پر ان
جي چانڊنيءَ تي سڀني جو حق آهي! پر سڌانت
ڪمزور ثابت ٿيو ۽ پڇي آيو. خبر اٿيئي مڌو، مون
ان رات ڪيترو رنو هو؟ مون سڌانت کي توکان ڪسڻ
ته ڪونه پئي چاهيو. مون ته صرف ٿـــوري چانڊني
پئي چاهي ته جيئن پنهنجي اونـداهي جيون ۾ ٿورو
پرڪاش ڏسي سگهان!"

سنگيتا اهو سڀ چئي ته ويئي پر هن اهو نه سوچيو
ته اڳيان ٻڌڻ وارن تي انهن ڳالهين جو ڪهڙو اثـر
ٿيو هو.

مدورما جي سيني جي چـپ چـپ وڌي ويئي
هئي. هوءَ سمجهي ويئي ته سنگيتا سڌانت کان بدلو
وٺي رهي هئي. هن سوچيو سنگيتا ان ڪري واپس
آئي هئي ته جيئن هوءَ مونکان سڌانت کي کسي وٺي ۽
اهو ويچار هن جي من ۾ تڏهن آيو هو جڏهن سڌانت
ڪيس سينگاپور ۾ مليو هو، گڏجي گهميا ڦريا هئا ۽
هن جو سڌانت طرف دٻيل پريم اظهار پائي ويٺو هو.
جڏهـن ڪيـس سڌانت وٽـان گهربل مـوٽ نه ملي ته

هوءَ اُها حاصل ڪرڻ لاءِ هتي موٽي آئي هئي! تہ ڇا هوءَ پنهنجي خواهش لاءِ ساهيڙيءَ جو خيال بہ نہ ڪندي؟ سندس جيون برباد ڪرڻ ڪان بہ ڪين هٻڪندي؟

منورما جو من ڀاري ٿي ويو ۽ هوءَ ڊرائنگ روم مان اُٿي هلي وئي.

تہ ڇا زندگي هڪ ئي ٺوڪ تي هلي نٿي سگهي؟ ڇا سدانت جو بہ اهو ئي رايو هو تہ زندگيءَ ۾ چينج ضروري هئي؟ ايتري چينج جو ڪي سوڪيم سنبنڌ بہ خيال ۾ نہ آڻجن؟ تہ ڇا هيئنر هوءَ سدانت لاءِ ڪشش کوهي ويئي هئي؟ ڇا هو چينج خاطر سنگيتا طرف مائل ٿيو هو؟ سنگيتا جنهن سوسائٽيءَ مان آئي هئي، اُها سوسائٽي ڇا اسان جي سماج سيت اپ سان ٺهڪندڙ هئي؟ اسان جي ڀارتي سماج ۾ جيڪي پرمپرائون آهن — وشواس ۽ پيار، ان جو تہ پوءِ ڪرنگهو ئي ٽٽي پوندو! پوءِ ڪير ڪندو ڪنهن تي وشواس تہ ڪير ڪنهن سان سچو هو! پوءِ تہ صرف ڏيکَ جو ڊرم ئي باقي وڃي رهندو جنهن طرف يورپي سماج وڌندو وڃي رهيو هو!

جي معاملي ۾ استري بيحد سيدزيڻو ٿيندي آهي.
تون سنگيتا سان شادي ڪرڻ ها ته مان به توکي
وساري نه سگهان ها. پر مون ۾ ۽ سنگيتا ۾ اهو فرق،
آهي ته مان اُن جو اهڙي کليءَ نموني اظهار ڪري
نه سگهان ها جهڙي نموني سنگيتا ڪيو هو ۽ سو به
منهنجي سامهون، منهنجي ئي گهر.“
”ان ۾ منهنجو ته ڪو دوش ڪونه هو. مون طرف
تنهنجي من ۾ شڪ پيدا ٿيڻ جو ڪهڙو سبب هو؟“
”دوش نه به چوان پر آڪرشڻ ته ٿي سگهي ٿو.
جڏهن ته اڳلو ڪڏهن من جو ميت رهيو هجي!“
”پر منو ڊارلنگ اها ڳالهه ته عرصو اڳ ختم ٿي
چڪي.“
”نه سڌانت، ائين نٿو ٿئي. پيار ڪڏهن ختم نٿو
ٿئي. زندگيءَ جي آخري سواس تائين اُهو رهي ٿو.
هڪ ڪهاڻي پڙهي هئم جنهن ۾ ٻه جهونا پريمي، جي
پٽن پوٽن وارا هئا، پنهنجن ٻارن طرفان ايلبر هوم ۾
ڇڏي اچڻ بعد ملن ٿا ته سندن سُتل پيار جاڳي پوي
ٿو ۽ شادي ڪن ٿا. اُتي واسنا نه، اُهو پريم هو جيڪو
سندن دلين ۾ محفوظ هو. ٻئي طرف تنهنجي هڪ
دوست واسنا خاطر پتي ۽ ٻارن کي تياڳيو ۽ هڪ
اهڙي ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي جا هن وٽ
ملازم هئي!“

منورما پنهنجي من کي ڪيئن سمجهائي جيڪو سمجهڻ بجاءِ وڌيڪ الجهندو پئي ويو. ڇا سڌانت جي اُن دوست جيان هن جو رشتو به ٽٽو ٿي ويو هو؟ ڇا هيئنر اُن سمبنڌ ۾ ڪا گرمي اچي نه سگهندي؟ تنهن ڪري، سڌانت، جنهن سنگيتا طرف وک وڌائي ته هو صحيح هو! پوءِ ته هن جو سڌانت تي ڪو حق ئي نه رهندو. پوءِ ته قدرت طرف به هن جو ڪو بندن نه رهندو. پوءِ ڪنهنجو ڪنهن سان ڪو سمبنڌ نه رهندو. ته ڇا اُن بعد هوءِ اهو ڏسڻ لاءِ زنده هوندي ته سڌانت ڪيئن سنگيتا جي چيلهه ۾ پنهنجي ٻانهن وجهي هن جي سامهون آيو آهي؟ اُن وقت هوءِ ڇا اهو سڀ ڏسي سگهندي؟ اهو ڏسڻ بعد هوءِ ڪهڙي منهن سان هنن طرف نهاري سگهندي! ان ڏسڻ کان ته موت صدبار بهتر هو! ها، موت ئي ان جو علاج هو!

هن جو مٿو ڏکڻ لڳو. هوءِ پنهنجن هٿن سان پنهنجو مٿو دٻائڻ لڳي. ليڪن سور گهٽجڻ بجاءِ وڌندو ئي رهيو. هوءِ سمجهي وئي ته هن جو بلڊ پريشر وڌي ويو هو. نه، هن ائين مرڻ نٿي چاهيو.

مڌورما ڪافي رات تائين جاڳي ڪتاب پڙهندي رهي. ليڪن هوءَ پڙهي گهٽ، سوچي وڌيڪ رهي هئي. هن جي سامهون هن جي ساهيڙي سنگيتا زندگيءَ جو هڪ نئون ارٿ ڪٺي آئي هئي ته چنڊ ڪنهن جو پئي هجي پر چانڊني سڀ جي هجي! جي ائين ٿئي ته پوءِ پتي پتني جي رشتي کي ڪهڙي معنيٰ هوندي؟ پوءِ هيءَ ٻنهي قدرت ڪنهنجي ڏيءَ سڏبي؟ پوءِ ته هر ٻار تي سوال جي ليبل لڳي ويندي ته هيءُ ٻار ڪنهن جو هو؟

مڌورما انهن سوالن جا جواب ۽ معنائون ڳولهڻ جي پٺن ۾ وڌيڪ ٻاڙ اُلجهائيندي وئي.

سنگيتا بمبئيءَ ۾ آئي هئي، سدانت مڌورما کي ٻڌايو هو ۽ هن ڪيس ڊنر تي گهرايو هو.

اُن ڏينهن صبح جو ناشتي جي ٽيبل تي مڌورما سدانت کي ورجايو، "ڇا هوءَ توسان ملندي رهندي آهي؟"

سدانت روسٽ سلائيز تي مکڻ لڳائيندي سهج ڀاوَ چيو، "ٻه دفعا ملي آهي. هڪ دفعو اُن ڏينهن آفيس ۾ آئي هئي ۽ ٻيو دفعو ريڊيو ڪلب ۾ ملي هئي."

"ريڊيو ڪلب ۾!" مڌورما تعجب مان پڇيو ،
"تو ڇا اتي ڪوٺ ڏني هئس؟"
"نه! هوءَ پڻهنجي ڪزن سان آئي هئي. هو ڪلب
جو ميمبر آهي."
"آفيس ۾ ڪهڙي ڪم سان آئي هئي؟" مڌورما
چانهه جو ڪوپ سڌانت طرف وڌائيندي تجسس وچان
پڇيو .
"هوءَ هتي هڪ فلئٽ خريد ڪرڻ ٿي چاهي. اُن
لاءِ صلاح وٺڻ آئي هئي."
"تو ڪان صلاح وٺڻ آئي هئي! پنهنجي ڪزن ڪان
نٿي صلاح وٺي سگهي؟"
سڌانت مڌورما طرف نهاريو. رهي نه سگهيو ۽
چئي ويٺو ، "تون مون سان اهي سوال جواب ڪهڙي
خيال ڪان ڪري رهي آهين؟ ڪٿي تنهنجي من ۾
ڪو شڪ ته جنم نه وٺي رهيو آهي؟"
"ٿي سگهي ٿو ائين هجي. سنگيتا جون ڳالهيون
ٻڌي ڪير به جيڪر ٻڏي وڃي."
"تون مون تي به شڪ ڪندينءَ؟ ڇا مان ائين
ڪري سگهان ٿو؟"
"ڇا ائين ٿي نٿو سگهي؟ سنگيتا اڄ به توکي
چاهي ٿي. عورت جنهنکي چاهيندي آهي اُنکي
حاصل ڪرڻ جو هر ممڪن يتن ڪندي آهي. پيار

هن سنڌانت کي سزا ڏيڻ پئي چاهي. هن ڪيس اهڙي سزا ڏيڻ پئي چاهي جيئن هو سڄي عمر پنهنجي ضمير اڳيان قصوروار هجي!

هن من ئي من ۾ ڪو فيصلو ڪيو ۽ بئنڪ مان اٿي ڪچن ۾ وئي. هن ڪٻاٽ کولي ان مان ٽڪ ـ ٢٠ جي بوتل ڪڍي. هوءَ واپس بئنڪ ۾ آئي ۽ ٽيبل لئمپ اڳيان ٻهي بوتل جي ليبل پڙهيائين. ان بعد بوتل جو ڍڪڻ لاهي اها هڪ ئي ڍُڪ ۾ پي وئي!

هيءَ سپنو ڪيترو نه سندر آهي! اُڀ ۾ جهرمر ڪندڙ تارا، رات ۽ ايڪانت جنهن ۾ انوکو سنگيت پيو گونجي! وڻن ٽڻن تي اکيون ٻوٽي ستل پرندا ۽ پهاڙن کان هلڪو شور ڪري ڪرندڙ جهرڻو! ههڙي سانت ۾ پري پري تائين وڙ وڪڙ کائي ويندڙ رستو!

اوچتو سنڌانت جي اک کلي پيئي. هن سپني ۾ قدرت جو جمال پئي پسيو جنهن ۾ سندس ڌيءُ قدرت جي رودن خلل وڌو هو. هن ٻٻيءَ جو روئڻ ٻڌي، الان ٻيڊ تان ئي مدورما کي سڏ ڪيو جيڪا شايد اڃا تائين بئنڪ ۾ هئي. پر مدورما وٽان ڪا موٽ نه آئي. ٻٻي اڃا تائين روئي رهي هئي. هو اٿيو

۽ ٻچيءَ جي پيرنگهي طرف ويو. ٻچيءَ جي وات مان نپل نڪري ويو هو. هن نپل کڻي ٻچيءَ جي وات ۾ وڌو ۽ هوءَ چپ ٿي وئي.

بيٺڪ جي لائيٽ ٻري رهي هئي. هن سمجهيو مدورما اڃا تائين پڙهي رهي هئي. اڄڪلهه هوءَ تمام گهڻو پڙهي رهي هئي. پڙهڻ سٺي ڳالهه هئي. پر ايترو دير تائين پڙهڻ سٺي ڳالهه نه هئي. مدورما کي بلڊ-پريشر جي شڪايت هئي. هن کي ايترو گهڻو پڙهڻ نه گهرجي.

هن وري سڏ ڪيو ۽ وري به ڪا وراڻي نه آئي. هن سوچيو مدورما پڪ ئي پڪ اتي سمهي پيئي هئي. هو آهستي دروازو کولي بيٺڪ اندر داخل ٿيو. اندر ٽيبل ليمپ جو پرڪاش پکڙيل هو. هن ڏٺو مدورما پٽ تي سمهي پيئي هئي. هو مدورما طرف وڌيو ۽ ڪيس ڏونڌاڙي اٿارڻ چاهيو. ليڪن هن جي نڪ هڪ عجيب بانس سنگهي ورتي ۽ هو ڏڪي ويو. هن گهٻرائجي مدورما کي ڏونڌاڙيو ليڪن هوءَ بي سرت هئي. هن ڊوڙي وڃي فون ڪيو ۽ پنهنجي فئملي ڊاڪٽر کي ماجرا ٻڌائي. ڏهن منٽن اندر ڊاڪٽر پهچي ويو ۽ هن مدورما کي تپاسي سکه جو ساهه ڪڍيو.

سدانت چپ چاپ ڊاڪٽر کي ڏسي رهيو هو.

"شڪر جو وقت سر پهچي ويس. ٿوري دير

ڪرين ها ته پڇنائين ها. هينئر سيگهه ڪر، ڪيس ڪڍ ته اسپتال هلون."

سدانت پنهنجي دوست انيل کي فون ڪري اسپتال ۾ گهرايو هو. هن سدانت جون سموريون ڳالهيون ٻڌيون هيون. ڪافي بحث مباحثو به ڪيو هئائون.

انيل سگريٽ ڇڪي پورو ڪيو ته ان جي ٻچيل پچڙي ايش ٽري ۾ وجهندي چيائين، "منهنجي ويچار ۾ جيئن ته مدورما توکي تمام گهڻو پيار ڪندي آهي، تنهنڪري هوءَ اهو برداشت نه ڪري سگهي آهي ته سندس پيار تي ٻيو ڪير اچي پنهنجو اڌڪار ڄمائي!"

"ان ۾ منهنجي ڪهڙي خطا ٿي؟"

"توکان هڪ ئي خطا ٿي. تو مدورما کي وشواس نه ڏياريو ته تون به ڪيس اوترو ئي پيار ڪرين ٿو جيترو هوءَ توکي ڪري ٿي. تو ساڻس سنگيتا سان ملاقات جو ذڪر نه ڪري سندس وشواس کي لوڏي ڇڏيو هو. هڪ دفعو اگر عورت جي دل ۾ شڪ جو سلو اڀريو ته اهو ڏينهون ڏينهن وڌندو ئي ويندو. زندگيءَ جي گاڏي صحيح ٽرئڪ تـــي تڏهن هلندي جڏهن

هڪ ٻئي ۾ وشواس ۽ پيار هوندو. جي ائين نه هوندو ته گاڏي ڪڏهن به وقت پٽو بدلائي ويندي!"

انيل جون ڳالهيون ٻڌي سدانت سوچ ۾ پئجي ويو. آخر ڪجهه سوچي چيائين، "تون شايد ٺيڪ چوندو هوندين. مان مدورما کي پيار ته ڪريان ٿو ليڪن شايد ان جو ڪيس وشواس ڏياري نه سگهيو آهيان. مون شايد ان جي ضرورت ئي محسوس نه ڪئي هئي. پر هينئر مان ڪيس ٻئي چيزون ڏيندس- پيار به، وشواس به!"

انيل هڪ سگريٽ ڪڍي دکايو ۽ ٻه ٽي ڪش هڻي، اهو سدانت کي ڏنو.

دکيل سگريٽ ٻنهجين آڱرين ۾ جهلي، چپن تائين آڻڻ کان اڳ، سدانت چيو، "مان ان بعد ٽيل ڪمري ۾، ان هڪ ئي کليل دريءَ مان داخل ٿيندس - پيار ۽ وشواس جي دريءَ مان!" ●

(اڻ ڇپيل)

۲

# مون توکي قبول ڪيو

زندگيءَ ۾ ائين به ڪڏهن ٿي ويندو آهي ته ماڻهو ٺهيل جڙيل چيز کي ڀڃڻ لئي هٿن سان پڃي ڇڏيندو آهي. اهو عمل شايد تڏهن ٿي گذرندو آهي جڏهن ذهن تي ڀڄتائي حاوي هوندي آهي ۽ فيصلي ڪرڻ جي شڪتي ٻرف جيان ڳري پاڻي بڻجي ويندي آهي. ۽ پوءِ ائين ٿيندو آهي ته اهو پاڻي جڙن تائين پهچي مضبوط بنيادن کي به ٽوڙي وجهندو آهي.

سنيتا سان ائين ئي ٿيو هو. الائي اها ڪهڙي گهڙي هئي جڏهن گهڙيءَ ڪمار مان هن جو موهه ٽٽو ۽ هوءَ بنا سوچي سمجهي اهڙو قدم کڻي ويئي جنهن هن جي ٺهيل ٺڪيل زندگيءَ کي پڃي پوري ڇڏيو!

سنيتا ۽ ڪمار هاءِ اسڪول ۾ گڏجي پڙهيا، ڪاليج ۾ به گڏ هئا جتي ٻنهي جو پيار سڌن جيان

جوان ٿيو ۽ پروان چڙهيو. ليڪن ڪمار ڪاليج جي تعليم وڌيڪ جاري رکي نہ سگهيو ۽ وچــي نوڪري ڪيائين. پوءِ ۾ پيار پوءِ بہ وڌندو رهيو. هو ٻئي ڪاليج ۾ خواهہ ڪاليج کان ٻاهر گڏجندا رهندا هئا.

هڪ ڏينهن سنيتا چيو، "ڪمار، اسين شادي ڪنداسين تہ مان الڳہ رهڻ پسند ڪنديس."

ڪمار کلي چيو، "مونکي سٺي نوڪري آهــي، پگهار بہ سٺو ٿو ملي، پوءِ تون نوڪري ڇو ڪندينءَ؟"

"ان ڪري جو مان جنهن آزاد ماحول ۾ پلي ۽ وڏي ٿي آهيان اهو ماحــول تنهنجي گهر ۾ ڪونہ ملندم. تو پاڻ ٻڌايو آهي تہ تنهنجو پيءُ ۽ ماءُ جهوني ويچارن جا آهن!"

"آخـر تون ڪهڙي قسم جي آزادي وٺڻ ٿي چاهين؟"

"اها جا هر پڙهيل لکيل ڇوڪري چاهي ٿي."

"اهڙيون ڇوڪريون تہ ٻار ڄڻڻ ۽ نپائڻ بہ پسند نہ ڪنديون!" ڪمار کلي چيو.

"اوترا ڄڻڻ پسند ڪنديون جيترن کي پالي نپائي سگهنديون." سنيتا چيو.

"هڪ يا ٻہ ۾ ٻہ ٻار! سرڪار جو بہ اهو ئي پرچار آهي." ڪمار بدستور کلي رهيو هو.

"تون ڳالهہ کي مذاق ۾ نہ اڏاءِ، ڪمار. جيڪڏهن

اسانکي پنھنجي باري ۾ سوچڻو آھي تہ انھن ڳالھين تي اڳوات سوچڻو پوندو."

"چڱو سنيتا، ٻڌاءِ، تون جيڪر پنھنجي لاءِ ڪھڙي نوڪري پسند ڪرين؟"

سنيتا ڪجھہ پل سوچي چيو، "مان تہ جيڪر ٽائيپسٽ جي جاب پسند ڪريان."

"نوڪريءَ لاءِ روز بمبئيءَ ويندينءَ؟"

"بمبئيءَ ڇو؟ الھاسنگر ۾ ڪيترئي فرمس آھن جن ۾ ڇوڪريون ٽائيپسٽ آھن."

"تہ تنھنجو اھو پڪو فيصلو آھي؟"

"توکي اعتراض ڇو آھي؟"

"مون چاھيو پئي تہ تون ڪجھہ عرصو گھر ۾ ئي ھجين. دادا ۽ پاپاءَ کي خوشي ٿيندي."

سنيتا جو منھن ٽامڻي ھڻي ويو. تيسي مان چيائين، "تون ڇا ايترو سوارٿي آھين جو پنھنجي ماءُ پيءُ جي خوشيءَ خاطر مونکي رنجائيندين؟"

"ھن جون مون مان ڪي اميدون آھن، سنيتا. تنھن ڪري مون چاھيو پئي تہ تون ڪجھہ عرصو گھر ۾ ھجين تہ بھتر."

"سمجھہ ڪري مان تنھنجو پرپوزل قبول تي ڪريان. پر پوءِ ڪيترو ڪرصو؟"

"اھو توتي ڇڏيل آھي. جنھن ڏينھن محسوس

ڪرين ته تون هيترو رهي نٿي سگهين ته اسين مائٽن کان الڳ ٿي ويندا سين."

سنيتا ڪمار جي اکين ۾ نهاري ڪجهه جاچڻ چاهيو. ساڳئي نموني نهاريندي پڇيائين، "پوءِ بلاشڪ ته اهو رهڻ هڪ ڏينهن ئي هجي؟"

سنيتا جي ڳالهه ٻڌي ڪمار کليو. چيائين، "مونکي وشواس آهي تون هميشه گڏ رهڻ چاهيندينءَ!"

٢٠ فيبروري ١٩٨٥ع تي سنيتا ۽ ڪمار جي شادي ٿي. هني مون لاءِ هو گوئا ويا جتي گهمندي، بيچ تي گڏ سنان ڪندي، ڏهه ڏينهن موج مزي ۾ گذاري آيا.

ڪمار جو گهر هڪ ٻرڪ ۾ هو جنهنکي شاديءَ کان اڳ ٿورو ڦير گهير ڪري ٺهرايو ويو هو. ڪمار کي الڳ ڪمرو هو جنهن ۾ ٽي. وي هئي. سندس ننڍو ڀاءُ پرتاپ شاديءَ کان اڳ اسڪول مان اچي، ڪمار جي ڪمري ۾ ٽي. وي تي فلم ڏسندو هو. شاديءَ بعد هن ڀاءُ جي ڪمري ۾ وڃڻ ڇڏي ڏنو هو.

ڪمار جي ماءُ چاهيندي هئي ته هيترو رنڌڻي جو بار ڪنوار پنهنجن ڪلهن تي کڻي ليڪن جڏهن

ڏنائين ته ڪنوار رڌڻي ۾ وڃڻ کان ڪيٻايو هئي ته هن اڳ وانگر پاڻ ئي رڌڻو سڀاليو.

ٻه ٽي مهينا گذريا ته هڪ ڏينهن ڪمار جي ماءُ بيمار ٿي پيئي. ڪمار هڇڪندي، هٻڪندي سنيتا کي چيو، "ڏس، تون ڪجهه ناهي وٺين ته ٺيڪ ته ٻاهران هوٽيل تان ڪجهه وٺي اچان."

سنيتا کي وڻيو ته ڪونه، ته به چيائين، "مونکي جيڪي ايندو هوندو اُهو ٺاهيندس. پوءِ ڏوراپو نه ڏج!"

"ٺيڪ آهي، تو کي جيڪي اچي ٿو اُهو ئي ٺاهي وٺ. ڪجهه ٻاهران وٺي ٿو اچان."

"مان چانور ۽ ڀاڄي ٺاهيان ٿي، تون پڪوڙا ۽ ٻريڊ وٺي اچ. مان اُهي کائيندس."

شاديءَ جي چوڏهين مهيني سنيتا هڪ ڌيءَ کي جنم ڏنو. ڪمار ڏاڍو خوش ٿيو. هن جا ماءُ پيءُ به ڏاڍو خوش ٿيا. سندن گهر ۾ پهرين ڌيءَ جنم ورتو هو. هنن ڏاڍي ڌام ڌوم سان ڌيءَ جو جنم دن ملهايو.

چاليهو پورو ٿيو ته سنيتا پيڪن ۾ رهڻ وئي. ڪمار ڌيءَ ۽ سنيتا کي ڏسڻ ساهرن ۾ ويندو رهندو

هو. مهدو سوا گذريو ته ڪمار سنيتا کي گهر هلڻ لاءِ چيو.

سنيتا ڪجهه سوچي ٺهه ڪري ويٺي هئي. ڪمار کيس گهر هلڻ لاءِ چيو ته هن دريءَ آواز ۾ چيو، "مون تنهنجي چوڻ تي تنهنجن مائٽن سان گڏ رهڻ قبول ڪيو هو. ليڪن هينئر مان الڳ رهڻ چاهيندس."

"هيءَ تون ڇا پيئي چوين سنيتا! ٻچيءَ جي اچڻ بعد ته گهر ۾ رونق اچي ويئي آهي. سڀ مٿس ٻلهار پيا وڃن. اسين الڳ رهڻ جي ڳالهه ڪنداسين ته ڪين ڏاڍو ڏک ٿيندو. تنهن کانسواءِ هينئر تون سڀني سان هري مري به ته ويئي آهين."

"هري مري نه ويئي آهيان، مان ماري ويٺي آهيان. پر هينئر مان تنهنجي ڳالهه ڪانه مڃيندس. يا مائٽن کان الڳ ٿيءُ يا مونکي نوڪري ڪرڻ ڏي."

"پر توکي نوڪري ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ مان ڪمايان ٿو، دادا جو دڪان به سٺو هلي پيو. توکي ڪهڙيءَ چيز جي ڪمي آهي؟"

"مونکي آزاديءَ جي درڪار آهي. مان تنهنجي گهر ۾ رهي ٻوساٽجي ويئي آهيان. مونکي ٻاهر جي تازي ۽ آزاد هوا گهرجي. ان ڪري يا ته تون مائٽن کان الڳ ٿيءُ يا مونکي نوڪري ڪرڻ ڏي."

”ليڪن سعيتا، ٻڌي حالتن ۾ ٻيبيءَ جي پالنا تي اثر نه پوندو؟ الڳ رهندي تون اڪيلي سر ٻيبيءَ جي پوري ديکڀال ڪري نه سگهندينءَ ؛ جي نوڪري ڪندينءَ ته ٻيبيءَ کي ڪهڙو وقت ڏيئي ڪين سگهندينءَ!“

”تون ان جو فڪر نه ڪر. مان ٻڌي حالتن ۾ مئنيج ڪنديس. الڳ رهڻ چاهي نوڪري ڪريان، مان ڦل ٽائيم هڪ آيا رکنديس.“

”نوڪرياڻيون ڇا ٻڇيون رکيون آهن جو توکي يڪدم ملي ويندي!“

”دائيءَ جي ڪافي واقفيت آهي. مان اُن کي چونديس. هو ضرور مونکي نوڪري وٺي ڏيندو.“

”ته اهو ضد آهي تنهنجو؟“

”اها خواهش آهي منهنجي!“

”ٺيڪ آهي، بلاشڪ نوڪري ڪر.“

سعيتا کي هڪ ڪانٽريڪٽر جي آفيس ۾ ٽائيپسٽ جي نوڪري ملي ويئي. ڪمار جي ڀيءُ ورود ڪيو ليڪن ڪمار کيس سمجهائي راضي ڪري ورتو.

سعيتا هيڏي خوش هئي. هوءَ صبوح جو نوڪريءَ

تي و ينديون هئي ۽ شام جو گهر موٽنديون هئي. پگهار مان آيا ڪي پگهار ڏيئي باقي پئسا هوءَ پنهنجي اڪائونٽ ۾ جمع ڪرائينديون هئي.

ٻيجي سومر جي پهرين ڄڻ دن ڪي ڪٽي ڦال مڙس جي وڃڻ متيپيد تي ٿيو. سيتا جو ضد هو ته جدم دن هوٽيل ايگل ۾ ملهايو وڃي ليڪن ڪمار جو ويچار هو ته جدم دن گهر ۾ ئي ملهايو وڃي. سيتا هوٽيل ۾ ان ڪري پئي چيو جيئن هوءَ اتي پنهنجن مائٽن ۽ ساهڙين کي گهرائي سگهي. ڪمار گهر ۾ ملهائڻ تي ان ڪري زور پيو رهيو هو جيئن هو پنهنجن مائٽن سان گڏجي جدم دن ملهائي سگهي. بحث مباحثي ۾ جيت ضد جي تي ۽ ويچار هار کاڌي.

سيتا جي آفيس ۾ ڪم ٿورو ليڪن ماڻهن جي اچ وڃ گهڻي هئي. انهن ۾ هڪ ونود نالي شخص به هو جيڪو جيترو ونودي هئو، اوترو ئي وناشي پڻ هو. هن جي اک ميري ۽ ذهن شيطاني هو. هن پانچي ورتو ته هيءَ سهڻي ٽائيپسٽ پٽائي سگهجي ٿي. اهو سوچي هن مرغيءَ اڳيان داڻو وجهڻ شروع ڪيو.

هن ڀيرين ڪانئس ڪجهه ليٽر ٽائيپ ڪرايا. پوءِ ڪيس سوکڙيون ڏيڻ شروع ڪيائين. سعيتا ڀيرين ته اهي سوکڙيون قبول نٿي ڪيون پر اڳيان ٻه ونود هو جنهن پنهنجي چترائي ۽ ڏاهپ سان ڪيس مجبور ڪيو ته هوءَ اهي سوکڙيون قبول ڪري.

مهني ٻن اندر ئي هو پاڻ ۾ ايترو گهرو ٿي ويا جو ڪلاڪن ٻاهر وڃي چانهه به پيئڻ لڳا. ونود هو ڳالهين جو ڳوٽ. هو ڳالهه ڪٿان شروع ڪندو هو ۽ ڪٿي وڃي پهچندو هو. هن سعيتا کي هانگ ڪانگ، سينگاپور ۽ دبئيءَ جي ٽرپ جون ڳالهيون ٻڌائي ٽپرس ۾ وڃي ڇڏيو هو. هو ڪيس ٻڌائيندو هو ته هن انهن مسافرين ۾ ڪافي ناڻو ڪمايو هو.

هڪ ڏينهن ونود سعيتا کي چيو، "تون نه جيڪر هڪ ٻه ٽرپ هڻين ته اصل مالدار ٿي پوين!"

"پر مان ڪيئن وينديس. مون ته اڃا تائين پاسپورٽ به ڪونه ٺهرايو آهي."

"پاسپورٽ ٺهڻ ۾ ڪيتري دير ٿي لڳي. تون چئه ته مان توکي هفتي اندر ٺهرائي ڏيان."

"ڪمار نه ڇڏيندو!"

"ڇونه ڇڏيندو؟ تون مورک آهين! پنهنجو ڪجهه کي نٿو گهرجي؟"

"هو ته منهنجي نوڪري ڪرڻ جي به خلاف آهي."

"تڏهن ئي ته پڪتي پيل آهي. نه ته هن مهل تائين فلئٽ ۾ نه هجي ها!"

"مان ڇا ڪريان؟ هو آهي ئي اهڙو."

"گولي مار اهڙي احمق کي! تون پڙهيل ڳڙهيل ڇوڪري آهين، تون ڇو ٿي پرواهه ڪرين هن بيوقوف جي!" ونود موقعو ڏسي تير هلايو.

سنيتا سوچيو ونود برابر چئي رهيو هو. اڄ جي زماني ۾ به ماڻهو بڙڪ ۾ رهي! مان پاڻ ڪمايان ٿي، آزاد رهي سگهان ٿي؛ جيڪي من ۾ اچي، ڪري سگهان ٿي؛ مان ڇو پرواهه ڪريان ڪمار جي!

هن ڪجهه سوچيندي چيو، "اگر ڪمار هلڻ نه چاهي ته ڇا تون مون سان ٽُور تي گڏجي هلندين؟"

ونود من ئي من ۾ مرڪيو. ٻاهران چيائين، "تون زور ڀريندينءَ ته ضرور هلندس. پر پوءِ خريداريءَ لاءِ ناڻو ڪٿان آڻيندينءَ؟"

"مان ڪوشش ڪندس جيئن ڪمار هلي. نه ته مان بئنڪ مان پنهنجا پئسا ڪڍائيندس."

مهني جي اندر سنيتا جو پاسپورٽ ٺهي ويو. هن ڪمار جي رخ مان محسوس ڪيو ته هو ڪيڏانهن ٻاهر هلڻ لاءِ تيار نه هو. ان ڪري هن کيس بدائڻ

ڪانسواءِ پنهنجو پاسپورٽ نهرائي ورتو.

ڇنڇر ڏينهن سنيتا آفيس مان سويل موٽندي هئي. البت ڪمار ٿورو دير سان ايندو هو ڇو ته ان ڏينهن ڪيس سڄي هفتي جو اڪائونٽ ڏيڻو پوندو هو.

ان ڏينهن سنيتا ڪافي دير تائين گهر ڪانه آئي ته ڪمار جي ماءُ کي خيال ٿي پيو. هن پرتاپ کي ڪمار جي آفيس ۾ موڪليو. ڪمار سنيتا جي آفيس ۾ فون ڪيو ليڪن آفيس بند هئي. ڪمار کي فڪر ٿي پيو. هن سوچيو سنيتا آخر ڪيڏانهن وئي هوندي؟

رات جو اٺين بجي تائين سنيتا ڪانه آئي ته هن پاهر اچي سهوري کي فون ڪيو. سنيتا اُتي به ڪانه هئي. سندس سهرو به چئتا ۾ پئجي ويو. رات جو سهرو ۽ ناني سنيتا کي ڳولهڻ نڪتا. سنيتا جي هڪ ٻه ساهيڙي هئي، موهني. هو ان جي گهر ويا پر هوءَ اتي ڪانه آئي هئي. هو سنيتا جي مالڪ جي فليٽ تي ويا. هن کين ڊرائنگ روم ۾ ويهاري خاطرداري ڪرڻ چاهي پر هو معافي وٺي موٽي آيا. سڀ پريشان هئا ته آخر سنيتا ڪيڏانهن وئي.

رات وهامي وئي پر سنيتا گهر ڪانه آئي. ٻئي ڏينهن صبح جو ڪمار ۽ سندس سهرو پوليس اسٽيشن تي وڃي رپورٽ لکائي آيا.

ڪمار ڪپاٽ کولي ڏٺو، سعيتا جا زيور ڪونه هئا. سومر ڏينهن بئنڪ مان پتو پيو ته هن اڪائونٽ مان سمورا پئسا ڪڍائي ورتا هئا. ٽين ڏينهن سڄي شهر کي سڌ پئجي وئي ته سعيتا گهر مان ڀڄي وئي هئي!

لڄ، شرم ۽ بي عزتيءَ جي ڊپ وچان ڪمار ڪيترا ڏينهن گهر کان ٻاهر ئي نه نڪتو.

گپ چڪ ڪٿي نه آهي؟ اها هر هنڌ آهي. سياڻو اهو آهي جيڪو ان ۾ ترڪڻ کان پاڻ کي بچائي. ٿوري غفلت ان چڪڻ ۾ ترڪڻ جو باعث بڻجي سگهي ٿي.

سعيتا سان ائين ئي ٿيو. هن اڻڄاڻائيءَ وچان گپ ۾ پير وڌو ۽ ترڪي پيئي. پاڻ تڏهن سڃاڻيائين جڏهن هوءَ سموري گپ جي چڪي هئي. هينئر گپ مان ڪيئن نڪري، اهو هوءَ سوچي ٿي ڪانه پئي سگهي. هوءَ ونود جي نيت سمجهي وئي هئي. هن ڪانئس سمورا پئسا ۽ زيور وٺي پاڻ وٽ سوگها ڪيا

هئا. هو کيس سينگاپور جي بهاني، راجستان جــي هڪ شهر ۾ وٺي ويو هو جتي هڪ جاءِ ۾ کيس قيد ڪري رکيو هئائين. هـڪ مائي ايندي هئي جا گهر جي صفائي ۽ هُن لاءِ ماني ٺاهي ويندي هئي.

ٻه مهينا گذري ويا ۽ انهن ٻن مهينن ۾ هن جــي سون جهڙي ديه ڳري ڪنڊا ٿي وئي. هڪ ڏينهن ونود گهر ۾ ڪونه هو ته هن روئي مائيءَ کي پنهنجو داستان ٻڌايو. مائيءَ کي هن تي ديا اچي وئي. هن جيئن تيئن ڪري ڀاڙي جيترا پئسا آڻي سنيتا کي ڏنا. نه صرف ايترو بلڪ کيس وٺــي گاڏيءَ ۾ به ويهاري آئي.

سنيتا مائٽن وٽ موٽي آئي ته سڄي پاڙي کـــي خبر پئجي وئي. هن پيءُ کي سموري ڳالهه ٻڌائي. هن کيس ڪجهه نه چيو. هن خاموش رهڻ ئـي بهتر سمجهيو. مسئلو اهو هو ته هو ڪمار کي ڪيئن ٻڌائي ته سنيتا واپس آئي هئي. ٻڌڻ بعد هن جـــو ڪهڙو رد ـ عمل ٿيندو، ان ڳالهه کيس پـريشان ٿي ڪيو. سنيتا کي پنهنجي ڏيءُ سونوءَ جي سڪ لڳي هئي، پر ان تائين هـوءَ ڪيئن پهچي؟ اوستائين پهچڻ لاءِ

صرف پڙهائون رستو ئي نہ هو، باهہ جو هڪ درياهہ
پڻ هو جيڪو ڪيس ٻار ڪرڻو هو!

سعيتا دري آواز ۾ چيو، "مان ڪمار کي چڱيءَ
ريت سڃاڻان، هو مونکي ضرور معاف ڪندو."

پيءُ چڙندي گاڏر لهجي ۾ چيو، "۽ جي معاف نہ
ڪيائين تہ؟"

"مان ڪڏهن تي ٻار نہ بڻبس، اها اوهين خاطري
رکو پاپا!"

"تون اسان تي بار ناهين پٽ!"

"مان ڪمار کي سڀڪجهہ ٻڌائيندس ۽ سندس
جواب جو انتظار ڪنديس."

سعيتا ڪمار کي خط ۾ لکيو:

ڪمار،

مان توکي پوءِ ڪونڻ جو اڌڪار وڃائي چڪي
آهيان. پر مان جيئري موٽي آئي آهيان تہ صرف ان
وشواس تي تہ تون مونکي معاف ڪندين ۽ مونکي
قبول ڪندين. مان توکي يقين تي ڏياريان تہ مان
ميري ضرور آهيان پر مندي نہ آهيان.

تنهنجي سعيتا

سعيتا موٽي آئي هئي، ڪمار کي خبر پئجي وئي

هئي. ليڪن ان کان اڳتي هو ڪجھ سوچي نہ پئي سگھيو. هن جي سامهون ميرانجھڙو اُپ هو جنھن ۾ هڪ بہ تارو ڪونہ هو. ان ميري اُپ ۾ چنڊ اُڀرڻ جي تہ ڪا اميد ئي ڪانہ هئي!

۽ هن کي سنيتا جو خط مليو. ڪمار خط پڙهيو ۽ سوچ جي ساگر ۾ لڙهڻ لڳو: سنيتا کي معاف ڪرڻ ئي گھرجي. آخر غلطي ڪنھن کان نٿي ٿئي؟ مون هن کي پيار ڪيو آهي ۽ اڃا بہ ڪريان ٿو. هوءَ مونکان معافي گھري رهي آهي ۽ قبول ڪرڻ جي وينتي ڪري رهي آهي. ان طرح مونکي منھنجي سنيتا ۽ سونوءَ کي پنھنجي ممي ملي رهي آهي.

پر پوءِ سماج، دادا، پاپي ۽ مت مائٽ؟ هو ڪهڙي منھن سان ويندو هنن جي سامهون؟ ڇا هو ڪنھن ڪٺي ساڻن اکيون ملائي سگھندو؟

تہ ڇا مان سماج کان ڊڄي سنيتا کي تياڳي ڇڏيان، سونوءَ کان سندس ماءُ وڇوڙي ڇڏيان; صرف ان ڪري تہ جيئن سماج ۽ سنبندين سان اکيون ملائي سگھان؟ تہ ڇا هيئنر هو سماج سان اکيون ملائڻ جھڙو آهي؟ هڪ دفعو دامن تي جيڪو داغ لڳو آهي، اهو ڇا ايترو جلد ڌوپجي ويندو؟

اهڙي غلطي اگر مان ڪريان ها تہ ڇا ٿئي ها; انجو ڪهڙو نتيجو نڪري ها؟ ڇا سنيتا ڪيس معاف

نہ ڪري ها؟ هوءَ استري آهي تنهن ڪري هوءَ
پرش کي هڪدم معاف ڪري ها؛ ۽ مان مرد ٿي
عورت جي هڪ غلطي بخشي نٿو سگهان! ان ۾
ڪهڙي سورهيائي آهي تہ جنهنکي چاهجي تنهنکي
هڪ غلطيءَ جي ايڏي وڏي سزا ڏجي!

مان سنيتا کي معاف ڪري، ٻيهر قبول ڪري،
هڪ مثال پيش ڪندس تہ غلطيون معاف ڪري
سگهجن ٿيون ۽ معاف ڪري ويران زندگيون ٻيهر آباد
ڪري سگهجن ٿيون!

۽ هن جواب ۾ سنيتا کي لکيو:

منهنجي سنيتا،

غلطيءَ جو اعتراف ڪرڻ وڏي ۾ وڏو پراشچت
آهي؛ ۽ معاف ڪرڻ وڏي ۾ وڏو پڄ! تون جهڙي
بہ آهين، منهنجي آهين؛ مون توکي معاف ڪيو ۽
دل سان قبول ڪريان ٿو!

تنهنجو ڪمار

الائي تہ ڪيترا هنجون هاريا سنيتا ان خط مٿان.
اهي هن جا آنسون نہ هئا، خوشي ۽ غم جو مليل
جهليل احساس هئا. خوشي ان ڳالهہ جي جو ڪمار

كيس معاف ڪيو هو ۽ دل جـي گهراڻ سان قبول ڪيو هو. ۽ غم ان ڳالهه جو هوس ته هن ڪمار جهڙي پتيءَ سان وشواس گهات ڪيو هو! هو دکه جي ڪوري ۾ پچرندو رهيو پر باهر باق نه ڪيڍي هٿائين! هـــو سچ پچ ته هڪ مهان پرش هو!

هن سوچيو هوءَ ڪمار کي لکندي ته هـن كيس قبول ڪري، پنهنجي جيءَ سان جڙي، هن تي وڏو اُپڪار ڪيو هو! پر جڏهن خط لکڻ ويٺي ته اهو سڀ لکي نه سگهي. هن سوچيو، ڪمار کيس قبول ڪري پنهنجي پيار جو ثبوت ڏنو هو. ليڪن هن ڪمار جي پريتما هڻڻ جو، ڪمار جي پتني هڻڻ جـو، پنهنجو اڌڪار کوهي ڇڏيو هو. ان صورت ۾ هوءَ ڪمار وٽ ويندي ته ڪهڙي منهن سان ويندي؟ ڇا هوءَ ڪمار اڳيان ديا جو پاتر بڻجي وڃي جيئن هو پنهنجي سکا جي جهول مان هن جي پالهي پاند ۾ ديا جي ڀيکه وجهي! ان ديا ڀاوَ جي سهاري هن جي زندگي ڪيترو وقت نارمل نموني گذري سگهندي؟ اکين ۾ هــروقت دٻ، هراس ۽ خوف ڪٽي جيئڻ تـه ڪٿي، ڪڏهن، ڪمار کا ڳالهه ڇٽي نه وجهي ۽ تعهن ڪري اکيون هميشه هيٺ جهڪائي، انشچنتا سان جيئڻ، ڇا جيئڻ هوندو؟ اهو جيئڻ موت کـــان ڇا ۾ بهتر هوندو؟ هڪ طرف ديا ۽ ٻئي طرف حقارت جي وچـم گهٽو

لڳل هن جو وجود آخر ڪيترو عرصو سلامت رهي سگهندو؟

سديتا خط ۾ لکيو:

منهنجا سرتاج،

مون لاءِ اهو سوڀاڳيه ڪافي آهي ته توهان مونکي قبول ڪيو آهي. مان چاهيان ٿي، توهين پنهنجن هٿن سان منهنجي چتا کي اگني ڏيو......

مرڻ گهڙيءَ تائين اوهانجي
سديتا

## ٣

# ماڪ جا قطرا

شيڪو ۽ سرِيتا اڄ اوچتو ئي هڪ ٻئي جي سامهون ٿيا هئا. ٻنهي مان ڪنهن کي به اهڙيءَ ملاقات جي اُميد ڪانه هئي. ان ڪري اها گڏجاڻي ٻنهي مان ڪنهن کي وڻي به ڪانه. ٻنهي هڪ ٻئي ڏانهن اکين نهاريو جڻ چوندا هجن ته هيءَ اوچتو گڏجاڻي سندن مرضيءَ خلاف مٿن مڙهيو ويو هو. ڪين اگر سڌ هجي ها ته هن طرح، اوچتو، سندن سامهون ٿيندو ته هو هتي اچن ئي ڪين ها.

ٻه سال اڳ ٻنهي جي ملاقات هڪ سيمينار ۾ ٿي هئي. اُڄين ۾ شايد هيءَ ٻيهريون دفعو سيمينار ٿيو هو. الڳ الڳ شهرن مان عالم، اديب ۽ شاعر آيل هئا. سرِيتا کي شعر و شاعريءَ سان

رغبت هئي. ڪويتائون پڙهندي ٻه هئي ۽ ڪويتائون لکندي پڻ هئي. پر اُهي سندس ڊائريءَ ۾ اُئي محفوظ هيون.

سريتا ان سيميدار ۾ ٽئي ڏينهن شامل ٿي هئي. سيميدار جي پهرين ڏينهن رات جو مشاعرو ٿيو هو. سريتا کي ڏاڍو لطف آيو. اڄ هن پهريون دفعو پنهنجي سامهون شاعرن کي شعر چوندو ٻڌو هو. رات جو پهر، هلڪو هلڪو سيءُ ۽ سامهون منچ تان ڪويتا پاٺ! سريتا سامهون ٽئين قطار ۾ شال اوڙهي ويٺي هئي.

شيکر ڇهون نمبر شاعر هو جنهن منچ تان اُتي ٻهي پنهنجي ڪويتا پڙهي. اُها نئين ڪويتا هئي. هن جو ڪويتا پڙهڻ جو ڍنگ اهڙو ته سهڄ ۽ سپاويڪ هو جو ٻڌندڙن دل کولي کيس داد ڏنو. ڪن سڄڻ ته سريتا کان ٻه واهه واهه نڪري ويئي. رات جو ڏهين بجي تائين مشاعرو هليو. مشاعرو پورو ٿيڻ بعد سريتا پنهنجي گهر ويئي.

سيميدار جو ٽيون ۽ آخري ڏينهن هو. چانهه جو دور پئي هليو. سريتا به چانهه پيئي پئي. اوچتو هوءَ شيکر جي سامهون وڃي بيٺي. هلڪو مرڪندي چيائين، "توهان رات مشاعري ۾ جيڪا ڪويتا پڙهي هئي ان جو هڪ نقل موکي ڏيندا؟"

شيکر هڪ دوست سان گڏ بيٺو هو. پنهنجي

سامهون هڪ اڻ واقف استريءَ کي ڏسي، جا ڪانئس رات واري پڙهيل ڪويتا جو نقل گهري رهي هئي، پهرين ته هو ٿورو مونجهيو پر پوءِ ميزبان مراچي، مرڪي چيائين، ”تنهنجي معنيٰ ته اوهان کي منهنجي ڪويتا وڻي هئي؟“

”ظاهر آهي تڏهن ئي ته توهان کان ان جي ڪاپي گهري رهي آهيان. نه صرف ڪويتا سٺي هئي پر توهان جو ڪويتا پڙهڻ جو انداز به مونکي وڻيو هو.“

”دادرسيءَ لاءِ ڌنيواد. پر ان ڪويتا جي ڪاپي هن وقت ته مون وٽ ڪانهي. هان البت شام جو ڏيئي سگهان ٿو.“

”ٺيڪ آهي. شام جو ئي ڏجو. پر اڄ سيمينار جو آخري ڏينهن آهي، پلجي نه وڃجو.“

”توهان جيڪڏهن شام جو چانهه پيئارڻ جو واعدو ڪريو ته ڪونه پلجندس.“ شيکر بدا هيڪ کلي چيو.

”ٺيڪ آهي. شام جو چانهه جي دعوت منهنجي پر پهرين هڪ ٻئي جا واقف ته ٿيون.“ سريتا هٿ وارو خالي ڪوپ سامهون ميز تي رکي مرڪي چيو.

”اڌ واقفيت ته ٿي چڪي آهي، اڌ هيئنر ڪري ٿا وٺون. منهنجي نالي جي ته اوهان کي سڌ هوندي ته مان شيکر آهيان، بمبئيءَ مان آيو آهيان. هيئنر

توهين پنهنجي واقفيت ڏيو. "
"مان سريتا آهيان، سريتا ملاڻي."
"توهان سان ملي خوشي ٿي." شيکر هٿ جوڙي نمسڪار ڪئي.

موٽ ۾ سريتا به ساڳيءَ طرح هٿ جوڙي نمسڪار ڪئي.

اهڙيءَ واقفيت تي ٻنهي ڳنڍيل ٿهڪ ڏنو.
"توهان جو ڪلرڪ مونکي وڻيو. اهو ڪلرڪ شاعراڻي ٻڌش ۾ هو!"
"اوهان به ڪلعدي هوويرو خراب ڪونه ٿا لڳو. رڱو پان ۽ سگريت نوشيءَ سبب ڏند پيلا ۽ ميرا نظر ٿا اچن!"

"واهه، خوب! توهان جي نظر تمام تيز آهي. توهان جي نگاهن کان ڏند به ٻچي نٿا سگهن."

وري به ٻنهي کليو.
"شام واري چانهه ته پڪي آهــــي نه؟" شيکر ڪلعدي پڇيو.
"بلڪل پڪي، پر توهين ڪويتا آڻڻ نه وسارجو."

مها ڪوي ڪاليداس جي اُجين نگري. ميرانجهڙي

ٽِڏيري شام. شيکر ۽ سريتا، هڪ شاعر ۽ ٻي شاعرا، شهر جي هڪ صاف سٿري هوٽيل جي هڪ ٽيبل تي آمهون سامهون ويٺا آهن. ٻنهي جي وچ ۾ ٻـاڦ ٻاڦيندي گرم گرم چانهه جا ٻه پيالا رکيا آهن ۽ هڪ پليٽ ۾ ڪجهه بسڪيٽ. ڳالهيون ادب ۽ شـاعريءَ تي ٿي رهيون آهن. شيکر سريتا کي روايتي شاعري ۽ نئين ڪويتا جو ڀيد سمجهائي رهيو آهي. وچ وچ ۾، ڳالهين دؤران، چانهه جي سرڪي ٻه ڀري ٿا وٺن.

”مونکي نعيڪ ڪان ئي شاعريءَ سان لـڳاءُ رهيو آهي. جيڪي شعر وٽندا اٿم اُهي پنهنجي نوٽ ٻوڪ ۾ لکندي ويندي آهيان. هيءُ پهريون دفعو آهي جو هيترن شاعرن کي روبرو ڏٺو اٿم.“

”اها اسان جهڙن شاعرن جي خوشنصيبي آهـي جو هن دوردراز شهر ۾ اوهان جهڙا قدردان مليا آهن. نه ته اڄ ڪالهه ته ماڻهن کي شاعريءَ سان ڪا رغبت ئي ڪانه رهي آهي. جڻ ته جهنگل ۾ مـور نچيو ۽ ڪنهن نه ڏٺو.“

”قدردان ڪونه آهن پوءِ ٻه اوهين ڪويتائون لکو ٿا ۽ ڇپايو ٿا ته آخر ڪنهنجي لاءِ؟ ڪويءَ جـي من ۾ جذٻن کي ڀاونائون ڪر موڙي اُتندڙيون آهن تڏهن اُهي ٻني تي اچڻ لاءِ اُتاوليون ٿيڻجي پونديون آهن. جيستائين اهي لکيون نه وڃون آهن تيستائين

شاعر کي آرام ئي ڪونہ ايندو آهي.“

سريتا اهو ٻڌائي رهي هئي ۽ شيکر سندس منهن تڪي رهيو هو. جڏهن سريتا ٻڌائي ماٺ ڪئي تہ شيکر چيو، ”مان شرط رکي چئي سگهان ٿو تہ تون شاعرا آهين ۽ ڪويتائون لکندي آهين! ٻڌاءِ مان صحيح آهيان يا نہ؟“

سريتا کلندي چيو، ”منهنجي ٻڪواس مان توهان کي شاعريءَ جو آڀاس مليو ڇا؟“

”پهرين منهنجي سوال جو جواب ڏي.“

”پنهنجي من کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ڪويتائون لکندي آهيان، بس!“ سريتا کلي وراڻيو.

”ان جو فيصلو پوءِ ڪنداسين. پهرين تون مونکي پنهنجي ڊائري ڏي تہ مان تنهنجون اهي ڪويتائون پڙهان.“

اوچتو واچ ۾ ٽائيم ڏسي سريتا ڇرڪي ويئي. ”ڏهہ ٿي ويا. اٿو تہ هلون.“

ٻئي اُٿي هوٽيل کان ٻاهر آيا. سردي وڌي ويئي هئي. شيکر هڪ آٽو رڪشا کي هٿ ڏيئي بيهاريو.

”هل تہ مان توکي گهر تائين ڇڏي اچان.“

شيکر سريتا جي ڪرائي پڪڙي کيس آٽو ۾ چاڙهيو ۽ پاڻ به هن جي پاسي ۾ ويهي رهيو.

"اوهين تڪليف نه ڪريو. مان پاڻيهي هلي ويندس."

"ڪهڙو فرق پوندو. مان هن ئي آٽو ۾ واپس موٽي ايندس." ٿورو کلي چيائين، "توهان پنهنجو گهر ڏيکارڻ نه چاهيندي هجو ته ٻي ڳالهه آهي."

شيکر جي حجت اڳيان هار مڃي، سريتا وڌيڪ ڪجهه نه چيو. هوءَ چپ ڪري ويهي رهي. وچ ۾ صرف آٽو واري کي گهر جو ڏس ڏنائين.

سيءُ ڪافي وڌي ويو هو. ٻئي لڳولڳ، چپ چاپ ويٺا رهيا. رڪشا هلي رهي هئي ۽ سرد هوا سبب سريتا سوڙهي ٿيندي پئي ويئي.

اوچتو سريتا چيو، "توهين پنهنجي ائڊريس ڏيو، مان پنهنجون ڪويتائون اوهان کي پوسٽ ڪنديس."

شيکر ٿورين ڪجهه نه چيو. پوءِ ڪجهه سوچي چيائين، "سياٽي جيتوڻيڪ مان وڃي رهيو هوس پر جي تون چاهين ته مان رڪجي پوان."

"جي!" سريتا عجب مان شيکر طرف نهاريو. ڏيمي آواز ۾ چيائين، "ڪهڙي ضرورت آهي. منهنجي ڪري پنهنجو ڏينهن ڇو ٿا ضايع ڪريو؟"

شيکر کلي ڏنو. چيائين، "ڪمال ٿي ڪرين سريتا!

ڏينهن ڪيئن ضايع ٿيندو؟ مونکي ته اڃا هفتو موڪل آهي. تو جهڙو قدردان ساٿي هجي ته هفتو ٻيو رهي سگهان ٿو!"

سونيتا سنجيده ٿي وئي. چيائين، "نه، توهين سپاڻي وڃو، مان اوهان کي خط لکنديس."

سندس لهجو پروڙي شيکر چيو، "ٺيڪ آهي. پر خط ضرور لکجانءِ."

"ها، مان خط لکنديس، پنهنجون ڪويتائون به موڪلينديس. ۽ توهان جي جواب جو انتظار ڪنديس."

سونيتا خط سان گڏ چار ڪويتائون به موڪليون. خط ۾ صرف چار لائينون لکيائين جنهن ۾ ڪويتائن بابت راءِ پڇيو هئائين.

ڪجهه ڏينهن بعد سونيتا وٽ هڪ مخزن پهتي جنهن ۾ سندس اُهي چار ڪويتائون ۽ ان سان گڏ شيکر جو نوٽ ڇپيل هو. هن کي عجب لڳو. هن پنهنجون ڪويتائون ڇپڻ جي ارادي سان ڪونه موڪليون هيون. پر پوءِ ڪيس خوشي به ٿي. ان احساس بدولت هوءَ سڄو ڏينهن ڪويتائن جون ٽڪون گڻگڻائيندي رهي. رات جو جڏهن ڪم ڪار کان فارغ

تي ته شيخ کي هڪ وڏو خط لکيائين. جنهن ۾ اڇي هوءَ ان خط ۾ پنهنجي زندگيءَ بابت پڻ ڪي ڳالهيون لکي ويٺي. پوءِ ڪيترا ڏينهن خط جي جواب ۾ اکيون پائي ويٺي. جواب آيس مهني بعد جڏهن هوءَ اهو سوچي چپ ڪري ويهي رهي هئي ته شيخ جهڙي وڏي شاعر کي فرصت ئي ڪٿي هوندي هڪ نئي شاعرا کي جواب ڏيڻ جي. پر جڏهن شيخ جو خط مليس ته اصل هوا ۾ اڏامڻ لڳي. شيخ واڌايون ڏيندي لکيو هوس ته سندس ڇپيل ڪويتائون ادبي ڪيترن ۾ ڪافي پسند ڪيون ويئون هيون. ڪجهه خط به آيا هئا ايڊيٽر وٽ جيڪي هو پڻ پرچي ۾ ڇپڻ وارو هو.

سرويتا خط سان گڏ ڪجهه پيون ڪويتائون ڊائريءَ تان اُتاري شيخ کي موڪليون. سندس همت افزائيءَ جون مهربانيون مڃيندي لکيائين ته هو سندس ساهتڪ گرو هو تنهن ڪري داد جو حقدار هو پاڻ ئي هو.

سرويتا جون اهي ڪويتائون به اُن ساڳيءَ مخزن ۾ ڇپيون جنهن ۾ اڳي ڪويتائون ۽ پاڻڪن جا رايا ڇپيا هئا.

اهو سلسلو ڪيترا مهنا هلندو رهيو. سندن خطن

۾ ساهت ۽ ڪويتائن بابت بحث مباحثو وڌيڪ هوندو هو. شيکر ڪن ٻين شاعرن جا ڪليڪشنس ڪيس موڪليا هئا جي هوءَ ڌيان سان پڙهندي هئي.

اهڙيءَ طرح سريتا جي زندگيءَ جو ٻيو پهلو، ساهتڪ پهلو، دن بہ دن ڦلندو- ڦولجندو ويو.

هڪ ڏينهن سريتا کي شيکر جو هڪ اهڙو خط مليو جنهنجي مضمون جي هن سپني ۾ ڪلپنا ڪانہ ڪئي هئي. هن ڪڏهن ڪونہ سوچيو هو تہ شيکر ڪيس اهڙو خط لکي سگهيو ٿي. خط پڙهي هوءَ ڄڻ پڙائين زمين تي ڦهڪو ڪري اچي ڪري ۽ ڇيهون ڇيهون ٿي ويئي. هن جو تن ۽ من ٻئي ضربجي پيا. هن سوچيو، شيکر کي اهڙي ڳالهہ لکڻ جي جرئت ڪيئن ٿي؟ هن اهو ڪيئن ۽ ڪهڙي بنياد تي سوچيو هو.

شيکر پنهنجو، استرين جي سڪالاجيءَ جو گيان ظاهر ڪندي، ڇيد ڪندي لکيو هو: پهرين ملاقات ۾، سياري جي رات جو، مان جڏهن توکي، تنهنجي گهر ڇڏڻ هليو هوس، مون تنهنجي ڪرائي پڪڙي هئي؛ پوءِ مان آٽو ۾ توسان لڳي ويٺو هوس؛ مون بہ دفعا تنهنجي سرير کي سپرش ڪيو هو؛ پر تو ڪو بہ احتجاج ڪونہ ڪيو، ڪو بہ ردعمل ڪونہ

ڏيکاريو، جڏهن مان مون اندازو لڳايو ته تون سڀڪ طور پياسي آهين ۽ پورڻتا جي تلاش ۾ ڀٽڪي رهي آهين؛ تنهنجي اندر جو ناري هردو ڪنهن ڪوٽ جي ڀورائيءَ لاءِ تڙپي رهيو آهي!

وڏيڪ لکيائين: مان عورتن جي نفسيات جو ماهر آهيان. ان سبجيڪٽ تي ڪافي ڪتاب پڙهيا اٿم. مونکي خبر آهي ته ڪنهن عورت جي ڪرائي پڪڙجي ۽ هوءَ اعتراض نه ڪري ته ان جو ڪهڙو مطلب ٿيندو آهي؛ ڪيس ڏورن وٽان جهلجي ۽ هوءَ چپ رهي ته پوءِ سندس چيلهه ۾ ٻانهن وجهي، ڪيس آهستي آهستي پاڻ طرف ڇڪجي. مون ڪي ڳالهيون آزمايون ۽ تو اعتراض نه ورتو؛ تڏهن مون کي يقين ٿي ويو ته تون ڪنهن جي چاهت لاءِ ڇڙي آهين!

پڇاڙيءَ ۾ لکيائين: منهنجي تنهنجي باري ۾ اها ئي ريڊنگ آهي؛ غلط يا صحيح، اهو تون ئي ٻڌائي سگهين ٿي. مان تنهنجي جواب جو انتظار ڪندس.

خط پڙهي سريتا جو دماغ ڀڙوائيون کائڻ لڳو هو. من ۾ چيائين، مار؛ شيکر باٻوءَ جي اهڙي شيخي! هيءُ خط اگر منهنجو پتي پڙهي ته جيڪر ڇا سوچي؟

سوچيندو، مون سندس آزاديءَ جو، وشواس جو چڱو اجورو ڏنو هو! پوءِ ته مان هن جي نگاهن ۾ هڪ واهيات عورت ليکجس جنهن سندس پيار ۽ وشواس جو ههڙو قُل ڏنو هو!

بلڪل واهيات ڳالهه آهي، بڪواس آهي! شيکر اهو ڪيئن سوچيو ۽ سمجهيو ته مان هڪ اپورڻ ناري آهيان ۽ ڪنهن چاهه جي تلاش ۾ ڀٽڪي رهي آهيان؟ وڏي ڳالهه ته اهو وچار هن جي ذهن ۾ آيو ئي ڪيئن؟ ڇا ان ڪري ته مون پنهنجي ڪرائي ڪيس جهلڻ ڏني؛ هن کي پنهنجي ويجهو ويهڻ ڏنو؛ ڪيس خط لکيم؛ ليڪن ان مان اهو ڪيئن ٿو ثابت ٿئي ته مان ڀٽڪندڙ سوير آهيان! ڇا هو ائين سمجهي ويٺو آهي ته منهنجي تلاش جي منزل هوئي هو؟ ته ڇا گرو ۽ شش جو ناتو ڪجهه به نه ٿيندو آهي! جيڪڏهن اهو به ممڪن نه آهي ته ڇا استري ۽ پرش جي وچ ۾ مترتا جو سنبنڌ جڙي نٿو سگهي؟ ان رشتي ۾ جيڪا آتميتا آهي ان اڳيان جسم ڇوٽو اچي وڃي؟ ڇا پرش ۽ استريءَ جي وچ ۾ صرف اهو ئي هڪ ناتو آهي، جسمن جو ناتو؟

سريتا وڌيڪ ڪجهه سوچي نه سگهي. هن کي شيکر بابوءَ جي اهڙي قياس آرائيءَ تي بيحد گهڻو ڏک ٿيو.

اُماڪ هوءَ اُتي اندر ويٺي ۽ پنهنجي ڊائري کولي
اُن ۾ لکيائين

سٺي ڪويتا لکڻ لاءِ الڪارن ۽ ڪلپنا جو سهارو ورتو ٿي پوي ٿو. ليڪن زندگي ڪويتا ناهي جنهن کي ڪلپنا جي آڌار تي پرکجي. منهنجي ليکي ڪويتا ماڪ جي قطرن مثل آهي جنهنجو واسطو حواسن سان آهي. پر زندگي اُس جو اهو ٽڪرو آهي جيڪو ماڪ جي ڦڙن کي اُڏائي ڇڏيندو آهي.

٣

# مينوءَ جي سمسيا

مينوءَ سوچيو، نيڪ آهي - اهو ئي نيڪ ٿيندو ته هوءَ شريڪانت جو پرپوزل قبول ڪري وٺي. هن سوچيو، هوءَ شريڪانت سان گڏ پڙهي آهي، هن جي سڀاو کان واقف آهي. وڏي ڳالهه ته هو سانتيڪو ۽ سوبر آهي. اهو سڀ سوچي هن پنهنجي ڊئڊيءَ کي، پنهنجي فيصلي کان واقف ڪيو.

مينوءَ جو ڊئڊي وهنوارڪ ماڻهو هو. سندس ٻارن ڪانوينٽ اسڪول ۾ تعليم ورتي هئي. تنهن ڪري سڀ آزاد خيال هئا. هن سوچيو ٻار ڪندا اهائي جا سندن من ۾ ايندي. تنهنڪري هن وڌيڪ سوال جواب نه ڪري، ڌيءَ مينوءَ کي چيو، "نيڪ آهي؛ توکي ڇوڪرو پسند آهي ته نيڪ آهي."

اهڙيءَ طرح اهو رشتو - مينا ۽ شريڪانت

جي شاديءَ جو، طئه ٿيو ۽ جيئن ته شريڪانت جي ڀيڻ کي شاديءَ جي تڪڙ هئي، تنهنڪري ٻن مهين اندر شادي ٿي ويئي.

شريڪانت جي گهر ڪٽنب جي ٻوري ۾ واقفيت:

گهر جو وڏو - پيءُ، شري پريداس: عمر ٽيونجاهه سال. سرڪاري نوڪري ڪندڙ. رٽائر ٿيڻ ۾ باقي ٿورا سال رهيل. صحت هونءَ ته سٺي هئس پر موهنيءَ، سندس زال جي اوچتي ديهانت اهڙو ڌڪو ڏنس جو مٿس ڍهي پيو. دل جو هلڪو دورو به پيس. کائڻ پيئڻ جو شوقين هو ۽ اڃا به آهي.

وڏو پٽ شريڪانت: مئٽرڪ تائين ڪانوينٽ اسڪول ۾ پڙهيل. قدبت ۾ ماءُ پيءُ جو گڏيل اثر. ماءُ جيان لنبو ۽ پيءُ جيان گورو. مڇون وڌيون ۽ سڀاو جو ٽورو گهٽيل. مهيني ۾ ڪڏهن پنج سؤ ته ڪڏهن ست سؤ ڪميشن جي روپ ۾ ڪمائي آڻيندڙ. سرڪاري نوڪريءَ لاءِ پڻ جي ڪوشش جاري هئي.

ننڍو پٽ نرمل: عمر چوڏهن سال. ڪانوينٽ اسڪول ۾ پڙهندڙ. سڀاو جو شرارتي، خرچائو ۽ جهڳڙالو.

ڌيءُ - پدما؛ ماءُ جيان سٺي، ڏڳي ۽ سهڻي. ليڪن ڄائي ڄمر کان ننڍڙي هئڻ. سياءَ جي ٿوري تيسڙ ۽ رسڻي. ريڊيو ۽ ٽيپ رڪارڊر تي فلمي گانا ٻڌڻ لاءِ چري. ڪاڏي پيٽي کان لاپرواهه.

رهڻ جي جاءِ: ٽن بيڊ رومس ۽ هال وارو سرڪاري ڪوارٽر. هڪ روم ٻارڙن جي حوالي، ٻيو ميدا ۽ شريڪانت کي ۽ ٽيون ننڍي ڀاءُ ۽ ڀيڻ کي مليل.

فرنيچر ۾ اڄ ڪلهه جي ماڊرن زماني جون گهرجون پوريون ڪندڙ سڀ چيزون موجود. ٽي.وي، وي.سي.آر، ٽيپ رڪارڊر، هڪ شيلف انگريزي ڪتابن جو، ڪجهه انگريزي مخزنون، ٽائيمس آف انڊيا انگريزي روزاني ۽ سنڌيءَ ۾ هندواسي هفتيوار جا موهني پڙهندي هئي ۽ هيمنٽر پٽيو اُٿلائي پٿلائي ڏسندو هو ۽ ڪجهه پڙهي وٺندو هو.

شاديءَ کان پوءِ جا ٻه ٽي مهنا ميدوءَ جا تمام سٺا گذريا. سهرو صبح جو آفيس وڃي ۽ نرمل اسڪول. ٻنهي لاءِ هلڪي ماني تيار ڪرڻ ۾ اڌ ميو ڪلاڪ مس لڳندو هوس. پوءِ ٻرڻ - ٻهارو ۽ ٻون وڃا پي، پنهنجي ڪمري ۾ وڃي، گانن جي ٽيپ هلائي ويهي رهندي هئي.

پوءِ باقي وڃي بچندا هئا ميدا ۽ شريڪانت. نئين نئين شادي ڪئي هئائون تنهن ڪري ڪلاڪن جا ڪلاڪ پنهنجي ڪمري ۾ بند ٿي ويندا هئا. وچ ۾ ميدو ٻاهر ايندي هئي ته پنهنجي منهن ۾ پئي گنگنائيندي هئي. جڏهن ٽين چئين ٻجي شريڪانت هليو ويندو هو ته هوءَ ڪجهه وقت لاءِ پدما جي ڪمري ۾ هلي ويندي هئي.

هڪ ڏينهن پرڀوءَ شريڪانت کي چيو، "ٻڌ پٽ، گهر جو خرچ اڳ جي ڀيٽ ۾ ڪافي وڌي ويو آهي. ۽ ڪجهه مهينن کان تو پنهنجي ڪم طرف به گهٽ ڌيان ڏنو آهي."

شريڪانت پيءُ جي ڳالهه سمجهي ۽ محسوس ڪئي. ليڪن هو پيءُ کي ڪيئن ٻڌائي ته ٽنهان ميدوءَ گهر ۾ اڪيلائي پئي محسوس ڪئي. هن پيءُ کي ٻڌايو ته اڄ ڪالهه مارڪيٽ ۾ مندي هئي جنهن ڪري ڪيس آرڊر گهٽ پئي مليا.

پرڀوءَ کي جيڪي پٽس ٻڌايو تنهنجي ڪيس پرط سٽ هئي. پوءِ به هن چاهيو پئي ته شريڪانت ڪم طرف ٿورو وڌيڪ ڌيان ڏئي ۽ ڪوشش ڪري ته بهتر هو.

هڪ ڏينهن پرڀوءَ کي بخار ٿي پيو. ڪيس سڌن جي سور جي به شڪايت هئي. ان ڏينهن هو آفيس

کونہ ويو. نرمل اسڪول هليو ويو. پيءُ کي گهر ۾ ڏسي، ٻارهين بجي ماني کائي شريڪانت پڻ مارڪيٽ هليو ويو. پدما کائي پي ڪشيدو هلائي ويٺي هئي.

ٻنپهرن جو ميدو ڪم کان فارغ ٿي تہ هڪ دفعو سهري کي ڏسڻ سندس ڪمري ۾ ويئي. بخار ۾ سور کان هو ڪنجهي رهيو هو. ميدوءَ سهري جي ويجهو وڃي پنهنجو نرم ۽ ٿڌو هٿ سندس نراڙ تي رکيو تہ پرڀوءَ کان ڇرڪ نڪري ويو. هن اکيون کولي ميدوءَ طرف نهاريو. سندس اکيون بخار کان ڳاڙهيون هيون. ليڪن ميدوءَ جي ڇهاءَ هن جي گرم جسم ۾ هڪ سرد لهر ڊوڙائي ڇڏي هئي. هن کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ مدت بعد هن جي گرم ۽ اساتيل سرير تي ڪنهن سيتل جل جي ڌارا وهائي هئي. هن پنهنجون اکيون ٻوٽيون ۽ من ئي من ۾ اُن جل - ڌارا ۾ ترڻ لڳو.

پرڀوءَ محسوس ڪيو تہ جڏهانڪر موهني هن جي جيون مان هلي ويئي هئي، اڄ پهريون دفعو کيس ڪنهن استريءَ جو سپرش نصيب ٿيو هو. هن اکيون کوليون ۽ ميدوءَ طرف نهاريو جا اڃا تائين سندس قريب بيٺي هئي. هن اشاري سان ميدوءَ کي گورين جي شيشي ڏيکاري، ٻہ گوريون ورتيون ۽ پاڻيءَ سان ونئي پاسو ورائي سمهي پيو.

ڇنڇر ۽ آرتوار ٻئي ڏينهن پرڀوءَ کي بخار هو.

سومر ڏينهن سندس بخار ته لٿو ليڪن ڪمزوريءَ سبب هو اُن ڏينهن به آفيس ڪونه ويو.

ميندوءَ اهي ٽئي ڏينهن سهري جي ڪافي شيوا ٽهل ڪئي. صبح جو برش ڪرائڻ، گرم ٽوال سان سندس بدن اُگهڻ ۽ نيرن ڪرائڻ وغيره...

ٻڌر ڪان وٺي پربو آفيس وڃڻ لڳو.

اُن ڏينهن ميندو اڪيلي هئي ۽ پنهنجي ڪمري ۾ ليٽي ڪا مخزن پڙهي رهي هئي. نرمل ممٽني شو ڏسڻ ويو هو. هن ڪيس به هلڻ لاءِ چيو هو. ليڪن اڄ نه چاهڻ جو هوءَ پاڻ کي گم سم ۽ خالي محسوس ڪرڻ لڳي هئي. دراصل اڪيلائيءَ ڪان هوءَ ڊڄندي هئي. اڪيلائي ڪيس ويڳاڻو بڻائي ڇڏيندي هئي. اهو ئي ڪارڻ هو جو هوءَ ڪنواري هوندي ننڍن ٻارن کي ٽيوشن ڏيئي پاڻ کي مشغول ۽ وندريل رکندي هئي. هڪ ڏينهن هن شريڪانت سان ڳالهه به ڪئي هئي ته اگر هوءَ ڪا نوڪري يا اڳئين وانگر ٻارن کي ٽيوشن ڏيڻ شروع ڪري ته اهڙيءَ طرح هڪ ته هن جو ٽائيم پاس ٿي ويندو ۽ ٻيو ته گهر جي آمدني به وڌي پوندي، ليڪن شريڪانت ڪان وڌيڪ

سندس سهري اعتراض ورتو هو. هن ائين به چيو هو
ته سندس پٺيان، گهر ۾، پدما کي ڪمپني ڏيڻ وارو
ڪير به نه رهندو! ان تي هن سوچيو هو ته هونءَ به
هوءَ پدما کي ڪهڙي ڪمپني ڏيئي رهي هئي؟ چيو
ته پدما، پنهنجي ليکي، پنهنجي ڪمري ۾ ويٺي
صرف گانا ئي ٻڌندي رهندي هئي. هوءَ وٽس وڃي
ويهندي به هئي ته صرف اهو ڏيکارڻ لاءِ ته هوءَ وٽس
آئي هئي، ويٺي هئي ۽ ڪي ڳالهيون ڪيون هئائين.
ليڪن اهڙيءَ طرح ته هن صرف پدما جي اڪيلائپ
پئي دور ڪئي. هن جي پنهنجي اڪيلائي ته پنهنجيءَ
جاءِ تي موجود هئي، جنهن کان هن مڪتي پئي
چاهي. ڪجهه ڏينهن کان هن اهو پڻ محسوس ڪيو
هو ته پدما ڪيترا دفعا ڪانئس اهڙا سوال پڇيا هئا
جن جا صحيح جواب ڏيڻ هن لاءِ ممڪن ئي نه هو!
خاص طور جڏهن هوءَ سورداس چوڪري ڪانئس
استري پرش جي سمبنڌ بابت ڪي ڳالهيون ڄاڻڻ
چاهيندي هئي ته مينوءَ لاءِ وڏي مشڪلات ڪڙي
تي ويندي هئي. هوءَ اهڙي سوالن جا جواب ڏيڻ
کان ٽٽائي ويندي هئي ۽ ڪم جو بهانو ڪري ڪمري
مان اٿي ويندي هئي.

ڪجهہ ڏينهن بعد پريوءَ وري موڪل ڪئي. ڇپائين سندس ڪاوي موڪلون رهيون پيئون هيون جي هن آهستي آهستي پوريون ڪرڻ پئي چاهيون. هن پورو هفتو آرام ڪيو. هن پورو هفتو صرف آرام ئي نہ ڪيو، ميندوءَ کي گهر جي ڪم ڪار ۾ هٿ بہ وٺايو. صبح جو اٿي چانهہ ناهڻ، کير گرم ڪرڻ، مارڪيٽ مان ڀاڄيون ۽ ٻيو سامان وٺي اچڻ، ڌوٻيءَ کان ڌوتل ڪپڙا سنڀالي وٺڻ ۽ ميرا ڪپڙا ڊائريءَ ۾ نوٽ ڪري ڏيڻ ۽ وغيره وغيره...

اهڙيءَ طرح سڀڪجهہ سياڻڪ نموني ٿي رهيو هو. پر پولڻ ٻن ڏينهن ۾ اهڙو ڪجهہ ٿيو جو هونءَ تہ ڌيان ڏيڻ لائق نہ هو ليڪن الائي ڪيئن ميندو ان ڳالهہ طرف ڪانشس ٿي ويئي. هن جي ذهن ۾ هڪ وهم نقطو بڻجي اڀريو جيڪو ڌيري ڌيري آڪار وٺندو، ڦهلجندو، سندس ذهن تي حاوي ٿي ويو.

ٿيو هيئن جو هڪ ڀيري جو پريوءَ مٿي جـي سور جي شڪايت ڪئي. ميندوءَ بام آڻي سهري جي مٿي ۽ لوندڙين تي لڳائي. پريو اکيون ٻوٽي، سڌو ليٽيو رهيو ۽ من ئي من ۾ هڪ انوکو سک محسوس ڪندو رهيو. ميندو سهري کي ننڊ ۾ ڏسي، آهستي آهستي اتان هٽي - ٻاهر اچي - واش بيسن ۾ هٿ ڌوئڻ لڳي. تڏهن هن ڏٺو هن جو سهرو پنهنجي ڪمري مان ٻاهر

آيو - جهٽ ٻهي ميڊوءَ طرف نهاريو ۽ ڀوءِ باٿ روم ۾ هليو ويو.

ڏسجي ته اها بلڪل رواجي ڳالهه هئي يعني طلب تيز ٿي ڪير به باٿ روم ۾ وڃي سگهيو ٿي. ليڪن ساڳي ڳالهه جڏهن ٻئي ڏينهن به ٿي تڏهن اچانڪ - جهٽڪو ڏيارينڌڙ هڪ وهم ميڊوءَ جي ذهن ۾ اڀريو جنهن هڪ وار ته سندس وجود کي ئي ڏوڏي ڇڏيو. ان ڏڏڪو ڏيارينڌڙ وهم کيس اهڙو نيپوڙيو جو هوءَ سستي ٿي - پنهنجي ڪمري ۾ وڃي - پلنگ تي پئجي رهي. هوءَ ڪيترو وقت ائين ئي اکيون ٻوري پئي رهي. جڏهن ٿورو سامت ۾ آئي تڏهن اکيون کولي - هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳي. جڻ ڪا دير اڳ ڪو طوفان آيو هو جنهن جا اثر تلاشي رهي هئي. در ٻيڪڙيو پيو هو ۽ درين تي پردا هئا. ان سبب ڪمري ۾ هلڪو انڌڪار هو. اوچتو هوا جي جهونڪي ٿي ٻيڪڙيل در ٿورو کلي پيو ته پرڪاش ۽ هوا جو جهوٽو ڪمري ۾ گهڙي آيا. هوا کيس فرحت جو احساس ڪرايو ۽ هوءَ اٿي ويٺي.

ائين ويٺي ويٺي، پنهنجي ليکي - سندس منهن مان نڪتو: "نه - نه، اهو ممڪن نه هو! اهو محض هڪ وهم هو جيڪو سندس ذهن ۾ اچڻ ئي نه گهربو هو!" هن ساڳئي جهٽڪي سان ان وهم کي ذهن مان

پوري ٽڪي ڇڏڻ چاھيو. جڏھن جھٽڪي سان اُھو سڌس ذھن ۾ آيو ھو. ھن اڳ جيان وري نارمل ٿيڻ چاھيو. ليڪن اُمالڪ ھڪ ٻيو ويچار سڌس ذھن جي ھڪ ٻيءَ ڪنڊ مان اُڀريو:

- پيلا ڇو نٿو اچي سگھي؟

ان سوال کي ڪٽي، ھوءَ پنھنجيءَ من ۾ ڪن ڳالھين جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ لڳي. ڇنڊ ڇاڻ بعد ھوءَ ان نتيجي تي پھتي ته انساني سڀاو موجب ڪا به ڳالھ اسپاوڪ نه ھئي. يعني، ھن اھو انومان ڪيو ته ھڪ پرش، پوءِ چاھي اھو ڪيتري به وڏي عمر جو ٿي وڃي، واسنائن کان پوريءَ طرح مڪت نٿو ٿئي.

ميدوءَ سوچيو سڌس سس کي گذريئي ٻه سال ٿي ويا ھئا ۽ اھي ٻه سال سڌس سھري، يعني ھڪ پرش جون واسنائون دٻيل رھيون ھيون. ليڪن جيئن ئي اُن پرش کي ھڪ استريءَ جو ڇھاءُ نصيب ٿيو ھو، ھن ۾ عارضي طور دٻيل اھي واسنائون ڀڙڪو کائي، اُڀري آيون ھيون! پر ڇاڪاڻ تہ سس کي رشتا، کي ٻڌن، کي مرياداون ۽ ان سان گڏ کي سماجڪ جوابداريون اھڙيون ٿين ٿيون جي لڪشمڻ ريکا اورانگھڻ کان روڪي رکن ٿيون، ھن معاملي ۾ به ائين ئي ٿيو ھو ۽ تڏھن ڪري اھو پرش، ھن جو سھرو، پنھنجي

واسطائن کي ظابطي ۾ رکي، باٽ روم جو سهارو وٺي رهيو هو.

ميدوءَ جڏهن سموري سوچ جو اهو نچوڙ ڪڍيو ته هڪ دفعو وري هوءَ ڏکي ويئي.

هن سوچيو جيڪڏهن اها اسٽنٽي سچ پچ اهڙي نمولي ڊيولپمينٽ ٿيندي رهي ته اڳتي هلي ان جو نتيجو اُڏرو به نڪري سگهي ٿو. ان حالت ۾ چاهيندي به، ڇا هوءَ باهه جي ان سيڪ کان پاڻ کي بچائي سگهندي؟ ۽ جي بچائي نه سگهي ته ڇا اها باهه ڏيري ڏيري ڪيس جلائي رک نه ڪري ڇڏيندي؟! ۽ جي بچائي نه سگهي ته ڇا اها باهه ڏيري ڏيري ڪيس جلائي رک نه ڪري ڇڏيندي!؟

مريادا جي رکيا ڇا صرف عورت کي ئي ڪرڻي آهي؟ مريادا جي اُها لڪير، جا مرد ته ڪڏهن به اورانگهي ٿو وڃي، ليڪن جڏهن به ڪا عورت اها ليڪ اورانگهي ٿي وڃي ته ڪيس ان جي ڀاري قيمت چڪائڻي ٿي پوي!

ميدوءَ سوچيو مرد لڪشمڻ ريکا پار ڪرڻ کان پوءِ به نرليپ ۽ اُجرو آهي؛ ليڪن عورت هڪ دفعو ان

ريکا ڪان ٻاهر اچي وڃي ته هميشهه لاءِ مٽيءَ ۾ ان
ڪري لڪيو ڪان ٻاهر نٿي رهندي!

هن وقت ميڊوءَ سامهون جيڪا سمسيا اچي کڙي
ٿي آهي تنهنجو هوءَ ڪهڙو سماڌان ڳولهي؟ ڪنهن
کان مدد وٺي؟ ڪير ڪندو کيس مدد؟

۽ هوءَ سڄو ڏينهن ان سمسيا جو سماڌان ڳوليندي
رهي ......

## ٣

# سڪ - مٺي

ڪيترن مشغولين سبب مان ڪيترا ڏينهن مدن سان ڪونه ڳڏيو هوس. ان ڏينهن ياد پيم ته ڪيس هڪ ٻڌائڻ ناهڻ لاءِ ڏني هئم. سوچيم، مٺان ڏهي رکي هجئين، تنهنڪري ڇهين ڏينهن وٽس هليو ويس. ليڪن اتي جنهن روپ ۾ ڪيس ڏٺم تنهن مونکي ڇرڪائي ڇڏيو. ڏاڙهي وار وڌيل، اکين جا ڏوڏا ڳاڙها ڇهڙا اگهر. مان جيترو ڪجهه پڇيانس ته ٻاڻ ئي ڇپائين، "توهان ويهو ته مان هيءُ هٿ وارو ڪم پورو ڪري وٺان." آواز اهڙو ڳوڙ و هئس جڻ ڪير سندس نڙيءَ کي دٻائي بيٺو هو. مان سوچ ۾ پئجي ويس ته اهڙو ڇا ٿيو هو جنهن اهڙي چڱي ڀلي ماڻهون کي بن - مانس بڻائي ڇڏيو هو!

مدن سان منهنجي سڃاڻپ راهه ويندي ٿي

هٽي. مان دادر اسٽيشن تي لهي ساهت اڪاڊميءَ جي آفيس ۾ پئي ويس ته اچانڪ هڪ هڏ ڀڃي رهيس. فٽ پاٿ جي وچھ، رستي جي هڪ ٽڪري کي صاف ڪري، ارڙهن اُڻويهن سالن جو هڪ ميرو گدلو ڇوڪرو، ڪوئلي سان هڪ چٽر ليڪي رهيو هو. سندس هٿ ايترو ٽڪڙو ۽ صحيح دشا ۾ پئي هليو جڻ جيڪو چٽر ڪيڻ پئي چاهيائين سو اڳواٽ اُتي نڪتل هو ۽ هن اُن مٿان صرف ڪوئلو پئي گهمايو.

ليڪن ائين هو ڪونه. هو چٽر ڪڍي رهيو هو. جيستائين هن اُهو چٽر پورو نه ڪيو ليستائين مان اُتي بيٺو رهيس. جڏهن اسڪيچ ٺاهي پورو ڪيائين ته مون ڏٺو اهو گڻپتي ديوتا جو چٽر هو. هن ڪوئلو رکي چٽر کي ڏٺو. ڪيس شايد گڻپت جي سونڊ ۾ ڪا ڪاڻ نظر آئي. ڪوئلو کڻي ان کي درست ڪيائين ۽ پوءِ پاسي ۾ رکيل دٻي جو ڍڪ کوليائين جنهن ۾ الڳ الڳ رنگن جا چاڪ پيا هئا.

پندرهن منٽن جي اندر هن الڳ الڳ رنگن جي چاڪن سان چٽر مڪمل ڪري ورتو. آخر ۾، چٽر جي چوڌاري هڪ چئسالي‍ءَ جو باربر ڪڍي، تصوير کي جڻ هڪ فريم ۾ بند ڪري ڇڏيائين.

ان وچ ۾، چٽر کي ڏسڻ لاءِ ڪيترا واٽھڙو بيهجي

ويا هئا. اُنهن مان هڪ ماڻهوءَ روپيو ڪڍي، ڇٽو اڳيان رکيو، شرڌا وچان هٿ جوڙيا. ٻين به ڪن ٽورا ٽورا سڪا اُڇلايا. ليڪن مان چپ چاپ بيهي ڇٽو ڏسندو رهيس. جڏهن سڀ ماڻهو هليا ويا ۽ هو پيڙي دڪائي ڇڪڻ لڳو تڏهن مان ويجهو ويوسانس.

"تنهنجو هٿ ته تمام سٺو آهي. ڇا تون صرف ديوتائن جا ئي ڇٽو ڪيندو آهين؟"

منهنجي سوال تي هن ڪجهه ڪٺي مون طرف نهاريو. پوءِ ڇڻ طنز ڪندي ڪيائين، "ماڻهو صرف ديوتائن جي تصويرن تي ئي پئسا ڏيندا آهن!" ٿورو ڪلي چيائين، "هونءَ مان ديوتائن جون تصويرون به ٺاهيندو آهيان!"

"منهنجو مطلب ديوتن - ديوتائن جي ڇٽن سان نه هو."

"تڏهن؟"

"جنهن قابليت سان تو ريکا - ڇٽو پئي ڪڍيو تنهن مان اها پڪ ٿي ته تون ڊرائنگ جو ڄاڻو آهين."

هن جي چهري تي خوشي ۽ فخر جون ريکائون مڙي آيون. چيائين، "اسڪول ۾ ڊرائنگ ۾ هوشيار هئس. ڪيترا انعام به مليا هئا."

"پوءِ اڄ ۾ چو ڇڏي ڏنئه؟"

هن جو منهن ڪومائجي ويو. جنهن ڪري ٻڌايائين ته سندس ڇاڇي وڌيڪ پڙهڻ نه ڏنس. هن جڏهن پڙهڻ تي ضد ڪيو ته مار کاڌائين. ان ڪري هو گهران ڀڄي بمبئيءَ هليو آيو. تڏهن کان هو هتي، هن نموني سڙڪن تي چنڊ ڪڍي پيٽ گذر ڪري رهيو هو.

"ٻڌ، مان تنهنجي ڪجهه مدد ڪري سگهان ٿو. مان پبلشر آهيان. ڪتاب ڇپائيندو آهيان. تون مونکي ڪتابن لاءِ ڪور ڊزائن ٺاهي ڏين ته مان توکي انهن جا پئسا ڏيندس. تنهنجو نالو به ڇپيندس."

هو خوش ٿيو ۽ ڊزائن ٺاهڻ قبول ڪيائين. مون کيس پنهنجي ائڊريس لکائي ۽ ملڻ لاءِ چيم.

هن جو نالو مدن هو ۽ اها منهنجي هن سان پهرين ملاقات هئي.

هڪ ڏينهن مدن کان پڇيم، "تون جو رستن تي صرف ديوتائن جون تصويرون ٿو ڪڍين ته ان پٺيان تنهنجي اها منشا ته ڪانهي ته اهڙيءَ طرح ماڻهن جي ڀاونائن کي اڀاري ڪانئن پئسا ڇڏائين؟"

منهنجي سوالن تي هو مرڪيو. ان مرڪ کي اڄا

۽ گھرو ڪندي چيائين، ”ماڻھن کي جيڪي گھرجي سو مان ڪين ڏيان ٿو ۽ موت ۾ مونکي جيڪي گھرجي سو ملي پيو.“

”ڇا توکي ڪڏھن ائين نہ لڳو آھي تہ تون ٻيھڪي فن کي گھٽ اھميت ڏيئي رھيو آھين؟“

ھو ڪا دير چپ رھيو. پوءِ چيائين، ”ٻيو رستو ئي ڪھڙو آھي.“

”تون ڇتر ڪلا جو وڏيڪ ابياس ڇو نٿو ڪرين؟ ٿي سگھي ٿو ھڪ ڏينھن تون جڳ ٻرسڌ چترڪار بڻجي وڃين.“

ھن جي ڇھري تــي ڪروڌ لھي آئي. اُن ئي لھجي ۾ چيائين، ”مان ان لائق بڻجان تہ ٻيو ڇـا گھرجيم. ليڪن منھنجا اھڙا ڀاڳ ڪٿي؟ اھڙي سڌ ڪرڻ مان ڇا ورندو!...“

مون کيس اڌ ۾ روڪي چيو، ”سنڪلپ اڳيان اھي ڳالھيون رڪاوٽ نـہ بڻبيون آھـن. مکيہ ڳالھہ چاھت جي آھي. تو جيڪو ڪتاب لاءِ ڊزائن ٺاھي ڏنو آھي اُھو ڏسي مونکي پڪ ٿي ويئي آھي تہ تو ۾ مٽيا آھي - اُن کي صرف پالش ڪري، چمڪائي، ظھور ۾ آڻڻو آھي.“

مون ڏنو ھن جو ڪنڌ ساراھہ جـو بوجھہ نہ سھي جھڪي ويو ھو. کيس ھمٿائيندي چيم، ”تون ھڪ

نٿون تجربو ڪري ڏس.“

هو سوالي نگاهن سان مون طرف نهارڻ لڳو.

”تون هيئن ڪر، تجربي طور، ديوتائن جا چٽر ڪيڻ بجاءِ اڄ جي انسان ڪي، سندس روزمره جي جيون ڪي پورٽريٽ ڪر يا جي چاهين ته قدرت ڪي چٽ ۽ پوءِ ماڻهن جا رد-عمل جاچ.“

هن جي منهن تي اُتساهه جهلڪڻ لڳو. چيائين، ”مان اهو پريوگ ضرور ڪندس.“

مدن وري ٻن مهينن بعد مونکي مليو. اسين هڪ هوٽل ۾ وڃي ويٺاسين. چانهه جي سپ ڀري چيائين، ”مون توهان جي صلاح موجب تجربو ڪيو ۽ اميدن کان به وڌيڪ ڪامياب ويو.“

”واهه، اها سٺي خبر ٻڌايئه! ٻڌاءِ ڪهڙو تجربو ڪيئه؟“

”هڪ ڏينهن صبح جو مان حاجي عليءَ وٽ سمنڊ طرف منهن ڪري ويٺو هوس. مون ڏٺو سمنڊ جون ننڍيون وڏيون لهرون ڪناري طرف ڊوڙنديون پئي آيون. مونکي جنهن چيز متاثر ڪيو سا اها هئي ته جيستائين ننڍي لهر ڪناري تائين پهچي، پٺيان ايندڙ

وڏي لهر ان ننڍي لهر کي ڳڙڪائي، اورانگهي، اکيان نڪري پئي ويئي. اهو منظر منهنجي ذهن ۾ اهڙو کپي ويو جو اوڏيءَ مهل ئي رستي تي ويهي ڪڍيم. سڀو ڏٺم: سمنڊ ۽ لهرون. وڏي ڳالهه ته مون ان اسڪيچ ۾ صرف ڪوئلو ۽ اڇو چاڪ استعمال ڪيو. ڏاڍو سٺو ڪامبينيشن هو.”

مان ڪليس. چيم، “پنهنجي منهن سان پنهنجي رچنا جي ساراهه ڪرڻ عيب آهي. ٻيو ڪو ڏسڻ وارو ڪري ته نيڪ آهي، هلي.”

“ائين ئي ٿيو هو. جنهن وقت مون اسڪيچ ڪڍي پورو ڪيو ته پٺيان بيٺل هڪ شخص ڪلهي تي هٿ رکي ساراهه ڪرڻ لڳو. مان هن طرف نهارڻ لڳس ته چيائين: تمام سٺو اسڪيچ آهي. سڀو ۽ تڙ آهي: سمنڊ ۽ لهرون. ٿو جهڙي نموني وڏيءَ لهر کي ننڍيءَ لهر مٿان حاوي ٿيندو ڏيکاريو آهي ان مان هڪ صاف ۽ چٽو ويچار اُڀري ٿو بيهي! هو مون سان ڪافي دير تائين ڳالهيون ڪندو رهيو. ويندي وقت پنهنجو وزٽنگ ڪارڊ ڏئي چيائين: فائونٽين وٽ منهنجو “آرٽ ڪارنر” نالي سان شو روم آهي. هن قسم جا لئنڊ اسڪيپ ٺاهي ڪٺي ايندين ته مان توکان اهي خريد ڪندس.”

هن جو چهرو ٻهڪيو پئي.

هن جي ڳالهه ٻڌي مونکي به ڏاڍي خوشي ٿي. آخر هن کي پنهنجي اهميت معلوم ٿي هئي.

"مدن چيو، "مون ڏهه لڳڀڳ اسڪيچ ٺاهيا آهن، پر مان اهي پهرين توهان کي ڏيکارڻ ٿو چاهيان."

هو منهنجي ايتري عزت ڪري رهيو هو، مونکي فخر ٿيو. مون کيس چيو، "مان آرتوار ڏينهن تو وٽ ضرور ايندس."

آرٽ ڪانڙ وارن مدن ڏهه ئي اسڪيچ خريد ڪيا. تنهن کان سواءِ آئينده هو جيڪي به چٽر ٺاهيندو، هو ڪانئس سڀ خريد ڪندا.

هينئر هو رستن تي تصويرون نه ڪڍندو هو.

ڪجهه عرصي کان پوءِ مون پنهنجي مخزن ڪڍڻ شروع ڪئي ته مدن ان جا ڪور ڊزائن ٺاهڻ لڳو. اهڙي طرح هو ادبي کيتر ۾ به پرسڌ ٿي ويو.

هڪ ڏينهن هن مونکي هڪ چٽر ڏيکاريو. مان کافي دير تائين ان چٽر کي ڏسندو رهيس. آخر چيم، "هيءُ چٽر ته ڪا رومانوي ڪويتا ٿي لڳيم."

هن جون اکيون ڪشاديون ٿي ويون. "عجب ٿو لڳيم. توهين چترڪار ناهيو پوءِ به توهان جي نظر ڪيڏي نه تيز آهي. چيز کي ائين پرکي ٿا ڄڻ ته گويا اها توهان جي من جي ڪلپنا آهي." هن ميز جي خاني مان هڪ پنو ڪڍي مونکي ڏنو.

اها هڪ لکيل ڪويتا هئي.

چيائين، "مون اڄڪلهه هفتي هيءَ ڪويتا لکي هئي."

سوچيم، "توهان کي مخزن ۾ ڇپڻ لاءِ ڏيندس، پر پوءِ خيال بدلائي ڇڏيم. هن ڪويتا جو ڀاڱو - ارپت ڪيو ٿي هن چتر ۾ چٽيو اٿم."

مون ڪويتا پڙهي ڏني. پريم ڪويتا هئي. ڪلهڻدي چيم، "جنهن نوع جي تو ڪويتا لکي آهي تنهن مان لڳي ٿو ته تون پريم جي راهه جو پانڌيئڙو بڻيو آهين!"

هن به کليو. چيائين، "ائين نٿي سمجهو. هوءَ سامهون رهندي آهي. روز دريءَ مان ڏسندو آهيانس."

"يعني هڪ طرفو ڏسڻ آهي؟"

"ڪيئن چئجي، ڳالهايو ته اڪر به ڪونهي!"

"پيو نه ته به ان هڪ طرفي پريم توکي ڪوي ته بڻايو آهي."

"مونکي ته هن سان ڳالهائڻ جي همت ئي ڪانه ٿي ٿئي. سندس منهن ۾ اهڙي ڪا معصوميت

پئي آهي جو مان هن کي صرف ڏسندو ئي رهجي ٿو وڃان."

مون مدن جي کلهي تي هٿ رکي چيو، "ايترو جذباتي ٿيڻ چڱو ناهي. تون ڪوشش ڪري هن سان ڳالهائي ڏس."

ليڪن هن ڪا وراڻي نه ڏني. تڏهن مون هلڪو ٽهڪ ڏيئي چيو، "چڱو بابا، تون ڪيس ڏسندو رهه ۽ سندس فراق ۾ شعر چوندو رهه. پوءِ اهي شعر مونکي ڏج ته پڙهڻجي مخزن ۾ شايع ڪندس."

"نه، مان اهي ڪو ڇپائيندس ڪونه!"

"ائين نه ٺيڪ آهي. هن زماني ۾ نه ڪو سامي ۽ پارو هجي جيڪو پڙهڻجا شعر لکندو رکندو وڃي."

"مان انهن ڪويتائن جي آڌار تي چتر ڪيندس."

مون چتر ڪندي چيو، "هائو، ايترا چتر ڪيڄ جو انهن جو تاج آرٽ گئلريءَ ۾ 'ون مين شو' ڪري سگهجي. پوءِ تنهنجو نالو اخبار ۾ ايندو ۽ آرٽ ڪرٽڪ تنهنجي ساراهه ۾ ڪالم ڪارا ڪندا. ان بعد تون ايترو مشهور ٿي ويندين جو هڪ ڏينهن پڳوان ڪپور ۽ مهرواڻ مامتاڻي جيان وديش وڃي وسائيندين!"

ان بعد مان ڪيترن ڪمن ۾ مشغول رهيس. مهدو

ڪن ٻاهر ٻه هليو ويس. ليڪن اڄ جڏهن مدن وٽ آيو آهيان ته ڪيس هن حالت ۾ ڏسي عجب ۾ پئجي ويو آهيان. هن پنهنجي حالت اهڙي ڪٿي ٺاڻي آهي جهڙو ان - مانس!

مدن هٿ وارو ڪم پورو ڪيو ۽ ڏنو ساهه ڪٽي اُٿي بيٺو. هن تصوير کي مٿي ڪٽي ڏٺي ۽ پوءِ اُها مهنجي هٿن ۾ ڏيئي پاڻ پري وڃي بيٺو. مان تصوير ڏسڻ لڳس. مون ڏٺو اها آئل پينٽ هئي. تصوير ڏسي هري آيم ته هيءَ اُها ئي ڇوڪري هئي جنهنجو اسڪيچ اڳ ڏٺو هوم. ليڪن هن چٽر ۾ اهڙو ڪجهه هو جنهن مونکي ڪي ٽڪ ان ۾ نهارڻ تي مجبور ڪيو. سفيد وسترن ۾ هڪ استري هئي جنهن جا آلا وار چيلهه تائين لڙڪي رهيا هئا ۽ اُنهن وارن مان جل جون بوندون موتيءَ جي داڻن مثل ٽپڪي رهيون هيون. ائين لڳم ڄڻ اُها ناري ساڪيات سامهون اچي بيٺي اٿم. چٽر جو نالو هو: سڪ - مڻي!

مون تصوير تان نگاهون هٽائي مدن طرف نهاريو. ڪن پل ترسي چيم، "هن ڇوڪريءَ توتي ايترو جادو ڪري ڇڏيو آهي جو پنهنجي تن بدن جي سڌ ٻه ڪانه رهي اٿيئي؟"

ليڪن مدن ڪجهه نه ڪڇيو.

"آخر به ڳالهه ڪهڙي آهي، ايترو اداس ڇو آهين؟ ڇا ڇوڪريءَ ڪجهه چيو اٿيئي؟"

"نه، مان ته هن سان مليو به ڪونه آهيان!" هن جيئن تيئن ٻڌايو.

"پوءِ ڪا ماجرا آهي؟"

هن کان هلڪو ٿڌو ساهه نڪري ويو.

موهن اڳتي وڌي هن جي ڪلهي تي هٿ رکيو.

"هوءَ وڌوا ٿي وئي!" مدن جي وات مان نڪتو.

"وڌوا! ته ڇا هوءَ شادي ڪيل هئي؟"

"ها، مونکي پوءِ خبر پيئي! گهوٽ ولائت ۾ هوس. ڪجهه ڏينهن اڳ هو ڪار دُرگهٽنا ۾ گذاري ويو!"

مدن جي ڳالهائڻ ۾ جيڪو درد هو ان جو اثر موهن تي به ٿيو. مان کان دير چپ ويٺو رهيس. موهن هڪ دفعو وري تصوير ۾ نهاريو. لڳو ٿي هن جي وارن مان ٻوندون نه، اکين مان آنسون ٽپڪي رهيا هئا.

موهن مدن کي دلداري ڏيندي چيو، "ان ڳالهه ۾ تون يا مان ڇا ٿا ڪري سگهون. تون اجايو ايترو دلگير نه ٿيءُ!"

موهن جي ڳالهه ٻڌي هن ڪروڌ ڀري نهار سان موهن طرف ڏٺو. مونکي لڳو موهن جي ان ڳالهه هن جي دل کي چوٽ رسائي هئي. هن غمگين لهجي ۾ چيو،

"مون هن کي پريم ڪيو ليڪن منهنجو اهو پريم هڪ طرفو هو. ليڪن جڏهن گهڙيءَ پٺو پيم ته هوءَ وڌوا ٿي ويئي هئي ته منهنجو اهو پريم شرڌا ۽ ڪروڻا ۾ بدلجي ويو!"

موهن کان اوچتو ڪل نڪري ويئي. چيائين، "جيئن تنهنجو پريم هڪ طرفو هو تيئن تنهنجي اها شرڌا ۽ ڪروڻا به هڪ طرفي آهي."

مدن کي جوش اچي ويو. وڏي آواز چيائين، "ها، منهنجو پريم هڪ طرفو هو؛ ان ۾ چاهت هئي، غرض هئي؛ ليڪن هڪ انسان جي ناتي ڇا منهنجو اهو فرض نه آهي ته مان جنهنکي پيار ڪريان انجي ڏک ۾ حصيدار به ٿيان؟"

"بلاشڪ حصيدار ٿيءُ، ليڪن اهو ٿلهو آدرشواد آهي. ان جو حقيقتواد سان ڪو ميل، ڪو واسطو ڪونهي. حقيقت ته اها آهي ته هيڏڙ تنهنجي لاءِ رستو صاف آهي!"

منهنجي ڳالهه شايد مدن کي ڪانه وڻي. هن جو منهن ٽامڻي هڻي ويو. پوءِ به پاڻ تي ظابطو رکي چيائين، "توهان جي ۽ منهنجي درشٽيءَ ۾ اهو ئي بنيادي فرق آهي. توهان جي نظر ۾ مون لاءِ هيڏڙ رستو صاف آهي ۽ منهنجو آدرش چوي ٿو ته جڏهن کي مون پيار جي درشٽيءَ سان ڏٺو تنهن کي

آدر جي نگاهن سان ٻه ڏسان. پريم صرف واسنا نه آهي. اها شردا به نه آهي. واسنا سرير جي بک آهي ۽ شردا آتما جي شدي آهي! اُن ڏينهن هُن جا ورلاپ ٻڌي منهنجي من ۾ هن جو ساٿ ڏنو هو. ان جاءِ تي مان اهو ويهي سوچيان ته هينئر مون لاءِ رستو صاف هو؟ ان کان وڌ ٻي ڪا خود غرضي ٿي نٿي سگهي! ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن وقت هو وهنجي سفيد وسترن ۾ سکمڻيءَ جو پاٺ ڪري رهي هئي ته ڪيس ان روپ ۾ ڏسي منهنجي اندر وارو ڪلاڪار جاڳي اُٿيو هو. مون من ئي من ۾ سندس اها ڇٻي ڪئنوس تي اُتارڻ جو فيصلو ڪيو هو. ۽ گذريل ڏهن ڏينهن کان مان هر ڳالهه کان بي خبر سندس ان روپ ۽ ويس کي ڪئنوس تي اُتاريندو رهيو آهيان. اڄ ئي اهو چتر مڪمل ٿيو آهي ۽ هينئر توهان جي هٿن ۾ آهي. مون چتر کي نالو ڏنو آهي- سک - مڻي!"

"يعني؟" مون مدن طرف نهاريو.

"يعني - من جو سک! مون هيءَ چتر مڪمل ڪري من جو سک ماڻيو آهي. ڪلا جو اُديش به ته اهو ئي آهي - من کي سک ڏيڻ؟" ائين چئي مدن مون طرف نهارڻ لڳو.

مون مدن جي پاونائن کي پروڙي ورتو هو تنهن کري لاجواب هوس.

مون هڪ دفعو وري هٿن ۾ جهليل سڪ - مڏي چٽر تي نظر وڌي. مون دل ئي دل ۾ مدن کي داد ڏنو. چٽر ڏسي منهنجي من کي واقعي سڪ جو احساس ٿيو هو. هيل توڙي ناهيل چٽرن ۾ سڪ - مڏي چٽر مدن جي بهترين رچنا هئي!



٦

# يار سڄڻ دي نال....

شام جا ڇهه ٿيا هئا جڏهن مان گهر پهتس. باندرا کان دادر تائين لوڪل ٽرين ۾ ئي سفر ڪيو هوم. هڪ هٿ ۾ بريف ڪيس هو ۽ ٻيو هٿ جهول ڪڙي بجاءِ ڪيسي مٿان هو. لوڪل ٽرين جي لهڻ وقت، ڀيڙ ۾ پاڪيٽ مار پنهنجي هٿ جي صفائي ڏيکارڻ لاءِ تيار بيٺا هوندا آهن. مون به ڪيترا دفعا ڪيسو ڪٽايو هو. هڪ دفعي ته سڄا سارا پنج سؤ رپيا نڪري ويا هئا. موب خراب ٿي پيو هو. ان وقت ڪو جيب ڪترو هٿ چڙهي وڃي ها ته چڱي ڪسر ڪڍانس ها. ريلوي پوليس ۾ ڪمپليمنٽ لکائي هئم پر ورلو ڪجهه به نه هو. پاڻ وقت وڃايو هوم. ماڻهو چوندا آهن پوليس ۽ پاڪيٽ مار پاڻ ۾ ڀت هوندا آهن.

دادر کان چرچگيٽ تائين ويهڻ جي جاءِ ملي ويئي. هڪ سردار ويهڻ جي جاءِ ڏيڻ کان

ڪيٻايو پئي. پر مان ويٺي رهيس. اُن جي جاءِ هئي پر هميشه چار ويهندا آهن. سردار شوڪي نهاريو پر مون پنهنجو منهن ڦيرائي ڇڏيو. هڪ ٻه دفعو پنيءَ ۾ چيله وٽ ٽونبت هڻيائين ته جيئن مان اُٿي ٻيهان پر هن دفعي مون کيس شوڪي نهاريو. پر ءِ نه هو ٽورو سريو ۽ نه مان اُٿي بيٺس.

شام جي وقت چرچگيٽ اسٽيشن تي ڪافي رش هوندي آهي. ماڻهن جو سيلاب پنهنجي لاءِ ويهڻ جي جاءِ هٿ ڪرڻ واسطي گاڏيءَ ۾ ڏوڪي پوندو آهي. گاڏيءَ مان لهڻ وارا اندر ئي پاسو وٺي بيهندا آهن ته جيئن چڙهڻ وارا پهرين چڙهي وڃن. هڪ دفعي، بي خياليءَ ۾، لهڻ جي ڪوشش ڪئي هئم ته ماڻهن جا ٽيلها ڪائيندو اندر ڌڪجي ويو هوس. ان ڏينهن بعد وري ڪڏهن لهڻ جي تڪڙ نه ڪئي هئم.

الهاس نگر پيو ايندو ويندو آهيان. هڪ دفعي ڇهين نمبر پليٽ فارم تي بيٺو هوس ته پريان لوڪل ٽرين کي پليٽ فارم طرف ايندو ڏٺم. روز ڏسندو آهيان. پر اڄ الائي ڇا ڏسي وسميءَ ۾ پئجي ويس. ڏٺم ته ٻارهن ڏٻن واري لوڪل ٽرين نانگڻ وانگر وڪڙ ڪائيندي، پليٽ فارم تي داخل ٿي رهي هئي. جنهن وقت ٽرين وڪڙ پئي کائي، ان وقت ائين اصل نه پئي لڳو ته هيءَ ڪا بي جان لوهه جا ٽڪر هئي! هيڏرا

دفعا لوڪل ٽرين ۾ چڙهيو هوس پر اُن درشيه طرف ڏٺائين ان ڏينهن ئي ويو هو.

چرچگيٽ کان پنڌ ڪري گهر پهتس. هڪ ته سڄي ڏينهن جو ٿڪ ۽ مٿان هيءُ چوراسي ڏاڪا چڙهڻ! وري جي سهڪي سهڪي مٿي پهچجي ۽ در کلڻ ۾ دير ٿئي ته رهيل دم به نڪري وڃي. پر شڪر جو اڄ در کلڻ ۾ دير نه پئي. دراصل مان ڪال بيل جو بٽڻ به دفعا دٻائيندو آهيان. اندر گهر وارا سمجهي ويندا آهن ته مان آهيان ۽ پوءِ ڊوڙي اچي دروازو کوليندا آهن. نه ته خبر اٿن ته مان ڪاوڙجي ويندو آهيان!

پنهنجي ڪمري ۾ پهچي سڀ کان اڳ A.C ۽ پنکو، بئي هلايم. پنجن منٽن اندر ڪمرو ٿڌو ٿيو ته فرحت محسوس ڪيم. ٻچڙن جو هڪ ٻچي کان شام جو پنجين بجي تائين، اپريل جي مهيني ۾ آفيسن ۾ پيدا هين جا چڪو هٽي ٻلن جا پئسا ونڻ ڪو چرچو نه هو. ماڻهو سڄو پگهرجي پوءِ ٿو گهر موٽي.

باندرا ۾ رهندڙ هڪ واپاري گهر مان ئي هڪ ٻجي ايندو آهي. آفيس ۾ پهتو ته مون ڪيس پنهنجو ڪارڊ موڪليو. چوائي موڪليائين ته اڄ ٻزي آهيان، سڀاڻي اچجو. هاڻي ڪيس ڪير سمجهائي ته وري سڀاڻي ٻنپهرن جو اچڻ ۾ ڪيترو پسينو وهائڻو پوندو!

مون چوائي موڪليس، مان سڀاڻي نه، پرينهن ايندس.

ساڍي ڇهين ٻجي مون ايئرڪنڊيشن بند ڪئي ۽ ٻاهر بالڪنيءَ ۾ وڃي ويٺس. ڏينهن جو سخت گرمي هئي پر ٻن ٽن ڏينهن کان شام جو ڪافي تيز هوا پئي لڳي. اڄ پڻ هوا سبب بالڪنيءَ جا پردا پئي اڏاميا. مون پردا سيري پري ڪيا ته هوا جا جهونڪا اندر هليا آيا.

بالڪنيءَ کان ٻاهر، ساڄي طرف سمنڊ هو جنهن ۾ پاڻيءَ جا جهاز بيٺا هئا. انهن ۾ ڪي جنگي جهاز پڻ هئا. بالڪنيءَ جي کاٻي طرف، ٿورو پري، ٻامبي يونيورسٽيءَ جو راجاپائي ٽاور نظر پئي آيو. وشنو ڀاٽيا هڪ ڪهاڻي لکي هئي جنهن جو عنوان هو: راجاپائي ٽاور تي ويٺل هڪ طوطو! بالڪنيءَ جي بلڪل سڌ ۾، هڪ وڏي عمارت جي ڇت هئي جنهن جي پٺيان شيئر بزار جي وڏي شاهي بلڊنگ نظر آئي پئي. ڇت تي هڪ طرف پاڻيءَ جون ٽانڪيون رکيل هيون ۽ ٻئي طرف ٽي. ويءَ جي اينٽينا لڳل هئي. ان ڇت تي صبح جو ساڍي ڇهين ۽ ستين ٻجي ڏارا

۽ شام جو چڱين ۽ ٻچڙن جي وچ ۾، منهنجو پيءُ كبوترن لاءِ جوئر، چانور ۽ ماني ڀوري اڇلائيندو آهي. شروع ۾ فقط ڏهه ٻارهن كبوتر ايندا هئا پر هينئر سؤ كان به مٿي ايندا آهن. هو سڀ داڻو چڳي، پنهنجي پنهنجي ماڳ موٽي ويندا آهن. كيترن كبوترن ته اسان جي گهر ۾ ئي پنهنجو ڏيرو ٺاهيو آهي.

مان روز صبح جو بالڪنيءَ ۾ ٻهي كبوترن جي اها چڳ چڳ ۽ سڌن گٽرگو گٽرگو ٻڌندو آهيان. كيترا دفعا پيءُ كان پڙو وٺي مان ئي ڇت تي اڇلائيندو آهيان. الائي ته كيتان اچي كبوتر كٺا ٿيندا آهن. كين وقت جي خبر به الائي ته كيئن ٿي پوي؟ پر مونكي اهو نظارو وڻندو آهي، خاص كري تڏهن، جڏهن داڻو چڳيندي چڳيندي، اچانك كبوتر ۽ كبوترين پاڻ ۾ پريم ونڊڻ لڳندا آهن! هو پاڻ ۾ ائين پريم نه ونڊين ته جيكر خبر ئي نه پوي ته منجهن نر كير آهي ۽ مادا كير!

مون اكثر ڏٺو هو ته انهن كبوترن ۽ كبوترين جي وچ ۾، كڏهن، كو كانءُ اچي وگهن وجهندو هو. كانءُ ٿيندو آهي سياڻو. هو ڀرپائين اَٺنيدا تي اچي ويهندو هو. پوءِ اوچتو لامارو ڏيئي، كبوترن جي وچ ۾ ٽپي پوندو هو. ويچارا كبوتر

پنهنجي وچ ۾ ڪانو کي ڏسي، ڏهلجي، ڦڙ ڦڙ ڪندا.
اُڏامندا هئا. اهو نظارو به ڏسڻ وٽان هوندو هو. سوين
ڪبوتر هڪ ئي وقت پر ڪولي اُڏامندا هئا ۽ آسمان
۾ ڦيريون پائيندا، هيٺ وڃي ويهندا هئا. جڏهن
ڪانءُ پنهنجو پيٽ پوري اُڏامي ويندو هو تڏهن هو
واپس موٽي ايندا هئا.

مان ڪافي دير تائين بيهي اهو تماشو ڏسندو
هوس. مان ڏسندو هوس ته ڪيئن انسان جيان هنن
پرندن ۾ به سياڻيءَ ڏاڍي جي سرسي هئي!

مونکي ڪڏهن ڪڏهن ڪانوَ جي ان زوراوريءَ
تي ڪاوڙ لڳندي هئي. تڏهن مان ڪو پٿر کڻي
ڪانوَ کي هڻندو هوس ته هو اُتان ڀڄي ويندو هو.

مان بالڪنيءَ ۾ بيهي هوا جا فرحتي جهوٽا
کائي رهيو هوس. اوچتو منهنجي نظر هڪ ڪبوتر تي
وڃي پيئي جيڪو انٽينا جي هيٺان ويٺو هو. سوچيم
هيءُ وقت ته هنن ڪبوترن جي اچڻ جو نه آهي،
پوءِ هيءُ هن وقت ڪيئن آيو آهي؟ ڇا ڪيس ڏاڍو
چڱڻ لاءِ ڪونه مليو آهي؟ پر مون وٽ ڪا ڏيان ڪونه
ڏنو. مان پنهنجي ڪمري ۾ وڃي، وسڪيءَ جي

هو منهنجيءَ ڳالهه تي کليو. چيائين، "پيئان نہ تہ
چريو تي پوان!"

مونکي هو دلچسپ ماڻهو لڳو. پڇيومانس، "سنڌ
۾ ڪٿي رهين؟"

چيائين، "حيدرآباد ۾!"

اهو ڄاڻي مونکي خوشي تي. مونکي حيدآباد ئي
وڃڻو هو. سوچيم، "اگر مونکي ڪير وٺڻ نہ آيو
تہ مان هن سان گڏجي حيدرآباد هليو ويندس. تنهن
ڪري پڇيومانس، "مونکي پڻ اوڏانهن ئي وڃڻو آهي.
مان چاليهن سالن بعد پنهنجي وطن پيو وڃان.
جيڪڏهن مونکي ڪير ڪراچيءَ ۾ وٺڻ نہ آيو تہ مان
توسان گڏجي هلندس."

هن خوش تي چيو، "پوءِ تہ توهين مون وٽ ئي
هلي رهجو. مونکي لطيف آباد ۾ پنهنجو بنگلو آهي."

لطيف آباد جو نالو ٻڌي مونکي ڪجهہ هري آيو.
مون ڊائري کولي ڏٺي. لطيف آباد جي ئي ائڊريس هئي.
مون ڊائري اڪبر طرف وڌائي. هن ائڊريس پڙهي
چيو، "هيءُ بنگلو اسان جي ويجهو ئي آهي. هيءُ
ڇهين نمبر ۾ رهن ٿا ۽ اسين ٽئين نمبر ۾. پر توهين
مون وٽ ئي رهجو. مان توهان کي سڄي سنڌ
گهمائيندس."

هو مونتي انڪري مهربان هو جو مون سهار

ايئرپورٽ تي سنڌس مدد ڪئي هئي. هوٽل جي هڪ گاڏي هن کي نشي جي حالت ۾ لاهي هلي وئي هئي ۽ هو رستي تي به تيز ڳالهائي رهيو هو. مون سنڌس سامان ٽراليءَ ۾ رکائي، ڪيس ۽ پاڻ کي، هن جي ۽ پنهنجي سامان سميت، پورچ ۾ ويهي ۽ وڃي سمورو لگيج ٽورائي اندر آماڻيم. هن منهنجا ٽورا مڃيا هئا ۽ ائين هو منهنجو دوست بڻجي ويو هو.

هن مونکان واعدو ورتو ته جيڪڏهن مونکي ڪراچيءَ ۾ ڪير وڻڻ نه آيو ته مان ساڻس گڏجي حيدرآباد ويندس. پر جي ڪو وڻڻ آيو ته مان هن جي هڪ دعوت جهليندس، سا به سندس ڳوٺ ۾!

هو جاگيرداري يار هو. مون هن جي ڳوٺ وڃي ڏٺو ته هو وڏي جاگيردار جو پٽ هو. ان دعوت ۾ ٽر جا وڏيرا، رئيس ۽ ڪامورا آيل هئا. هتي گهڻوتڻو سياست تي پئي ڳالهايو جو اڪبر جو والد صاحب سنڌ اسيمبليءَ جو چونڊيل ميمبر هو. سياست بعد زمين ۽ جائدادن تي بحث هليو. ان بعد نڙونڪاءَ کل پوڻ ۽ تنهن سان گڏ شراب جو دؤر شروع ٿيو.

اتي نعيو وڏو هرڪو مشنوش هو!

اڪبر جڏهن هوش سنڀاليو هو ته پڻهنجي هٿ ۾ مٺ جو پيالو ڏٺو هئائين. ڪير روڪي، ڪير ٽوڪي؟ والد صاحب سياست ۾ مشغول، وڏو ڀاءُ زميداري معاملن ۾ اُلجهيل ۽ وچون ڀاءُ ولائت جي چڪرن ۾ پورو! اهڙي ماحول ۾ اڪبر بڻا بعد بـدل واهه جي وهندو، وڏو ٿيندو ويو. سعدس وڏن هوش تـڏهن سنڀاليو جڏهن هو پوريءَ طرح شراب جـــي ساگر ۾ ٻڏي چڪو هو. ليڪن هن جي زندگيءَ ۾، پاڻمرادو، هڪ اهڙو وقت آيو جڏهن هن مٿ جي ساگر مان پاڻ کي ٻاهر ڪيڻ شروع ڪيو، واهه کـي بعد ٻڏڻ جو يتن ڪيو.

هن جو هڪ ڇوڪريءَ سـان عشق ٿي ويو. ان عشق کيس اهـڙو نشو ڏنو جو هـو ٻئي ڪنهن نشي کي ڀلجي ويو. هن لاءِ محبت اُـي نشو ۽ سـرور ٻڻجي وئي.

هو ٻڻا ناگي ڪاليج وڃڻ لڳو. روز ملاقاتون، روز انجام اقرام. هو مقرر جاءِ تـي پهچي، جتي سعدس مومل ملڻ ايندي هئي، ٻهي انتظار ڪندو هو. ملڻ

بعد ٻئي عاشق ڪيترو وقت ماٺ ڪري ويٺا هوندا هئا. يا هڪ ٻئي طرف نهاريندا رهندا هئا. ٻنهي جي محبت مک مان ٻولڻ بجاءِ اکين معرفت اظهار پائيندي هئي. سامهون مهراڻ پيو وهندو هو ۽ هو ميربحرن جي ٻيڙن کي پيا ڏسندا هئا جي پنهنجا ڄار وجهيو پلن جي قاسجڻ جو انتظار ڪندا هئا. ٻنهي جي دل چاهيندي هئي ته جيڪر هو به ميربحرن جي ٻيڙن تي ويهي سندوءَ جي سير ۾ سڏ ڪن. پر ميربحر ڪانئن گهڻو پري، درياهه جي وچ ۾ هوندا هئا ۽ هنن جي سڌ دل جو دل ۾ رهجي ويندي هئي.

هڪ ڏينهن اڪبر همت ڪري مومل کي چيو، "اسين لڪي ڇپي آخر ڪيترو وقت ملندا رهنداسين؟"

مومل درياهه جي تيز لهرن طرف نهاري رهي هئي. نظرون هٽائڻ بنا چيائين، "جيستائين اسين چاهينداسين."

"نيٺ به؟"

مومل ڪا وراڻي نه ڏني.

"پر به ڪڏهن ته سوچڻو ئي پوندو؟" اڪبر اداس لهجي ۾ پڇيو.

"چڱي ئي ٿيندي!" مومل ڏانهس نهاريندي چيو، "منهنجو بابا شاعر آهي ۽ ترقي پسند ويچارن جو

آهي. هو ناڪار نہ ڪندو.“ مومل مرڪيو.

مومل جي مرڪ ۽ جواب تي اڪبر ڪي پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪو ڪپر، ڪو ڪنارو نظر ايندو نہ آيو. اهڙي همٿائيندڙ جواب تي هو سچ پچ خوش ٿي ويو هو. مومل جي ان اُتساهہ بخش موت هن ۾ شگفتگي ۽ رونق ورائي آندي هئي. سندس مائٽن کيس سرهو ڏسي پاڻ بہ سرها ٿيا هئا. ليڪن شايد کين خبر نہ هئي تہ اها خوشي، اها سرهائي ڪن ڏينهن جي هئي! اها آئي هئي ۽ ڪافور ٿي وئي! اها چڱ بهار جو جهونڪو هئي جيڪو آيو ۽ گذري ويو!

اهو ويو تہ پنهنجي پويان سرءُ جي پيلاڻ ۽ پن ڇڻ جي موسم ڇڏي ويو.

مومل جي ترقي پسند شاعر پيءُ کي هن جي عشق جي سڌ پئجي وئي. عشق ۽ مشڪ تہ هونءَ بہ لڪي نہ سگهندو آهي. اهو ڪستوريءَ مثل آهي جيڪو عاشقن جي وجود کي تہ مهڪائي ئي ٿو، آس پاس بہ پنهنجي هٻار پکيڙي ٿو. ليڪن شاعر پيءُ کي اهو ناگوار لڳو. سندس ڌيءَ مومل ڪنهن نشئي رئيس زادي سان پيار ڪري، اهو کيس منظور نہ هو. هن پنهنجي اثر رسوخ وسيلي اڪبر کي ذهن نشين ڪرايو تہ هو ان ڳالهہ کان باز اچي. هن پنهنجي ڌيءَ کي بہ اڪ ڏيکاري ڇڏي!

اڪبر جي دل وري ٻڏڻ لڳي. هن ٻڏڻ کان بچڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ شروع ڪيا. مومل جي ماڙيءَ تي نياپو موڪليو، ملڻ جي التجا ڪيائين. ليڪن ڪوٽن تي پهرا هئا تدهڪري مومل ملڻ ڪانه آئي. ڪلاڪن جا ڪلاڪ، گدوءِ وٽ، سنڌو ڪناري، ان هنڌ جتي مياڻي جنگ وارو انگريزن جو ڀڳل ڀريل جهاز بيٺو هو، ديويءَ جي جهڳٽن سان ڀريل ٻيڙي تي ٻهي، هن سندس وات تڪي. ليڪن مومل ڪانه آئي، ڪڏهن ڪانه آئي!

ان گهڙيءَ اڪبر جيڪي دانهون ڪيون ان جو ساکي هڪ مهراڻ ۾ ٻيو ديويءَ جا اهي ڪانڌيرا جهڳٽا هئا! هن تي ديوانگي طاري ٿي ويئي. ان عالم ۾ عجيب حرڪتون ڪرڻ لڳو. ڪپڙ تان چيڪي مٽيءَ جا پتر ڪٽي، درياهه کي هڻڻ لڳو. جڻ هو اهي پتر درياهه کي نه، پيار جي انهن ويرين کي هڻي رهيو هو جن سندس مومل کي هن کان جدا ڪيو هو. جڏهن اڪو ته پنتي مڙي، ديويءَ جي جهڳٽن کي پٽي، پنهنجا هٿ رتورت ڪري ڇڏيائين. مومل جي ماڙيءَ هيٺان ٻهي، مومل کي سڏ ڪيائين. ليڪن سندس اهي سڏ جڻ سوين ميل لنبي غفا پار ڪندا، ڪوه ڪاف جبل تان ٽيڙ کائيندا، هيٺ ڪرندا، پٿون پٿي ٿي ويا. هن جا سڏ غوطا

ڪائيندڙ ماڻهوءَ جا سڏ هئا، ٻڏل ٻڏل ۽ نٻل! اڪبر جو هڪ ٻه سڏ موهل جي ڪنن تائين ڪين پهتو.

اڪبر وري شراب جي پناهه وٺي ورتي. هو ايترو گهڻو پيئندو هو جو شراب جي نشي ۾ وڦلڻ لڳندو هو. هڪ ڏينهن ڊاڪٽر کي گهرائي کيس ڏيکاريو ويو. ڊاڪٽر تپاس ڪري لکي ڏنو ته مٿس ديوانگيءَ جو اثر هو!

هڪ ڏينهن سندس مائٽ کيس گدوبندر جي چرين جي اسپتال ۾ داخل ڪرائي آيا جتان مهنن بعد ٺيڪ ٿي گهر موٽيو. گهر اچي سڀ کان اول هو ڪاليج ويو. اُتي وڃي کيس معلوم ٿيو ته موهل ڪاليج ڇڏي وئي هئي. ان بعد هن به ڪاليج وڃڻ ڇڏي ڏنو.

۽ پوءِ هو ڀارت ياترا تي هليو ويو. سندس مائٽن جي به اها ئي مرضي هئي ته هو ڪجهه عرصو ٻاهر هليو وڃي ته بهتر هو.

جڏهن وقت اڪبر موکي پنهنجي پريم ڪهاڻي ٻڌائي بس ڪئي، موکي هڪ ٻيو قصو ياد آيو.

هڪ دفعي ٻن ڏاهن، سقراط ۽ ڊايوٽما، وچ ۾ پيار تي گفتگو ڇيڙجڻ لڳي.

سقراط پڇيو: "آخر پيار آهي ڇا؟ ڇا اهو امر آهي؟"

ڊايوٽما وراڻيو: بلڪل نه. اهو نه فاني آهي نه لافاني. اهو ٻنهي جو وچ آهي. پيار هڪ عظيم جذبو آهي ۽ هر اُها شيءِ جيڪا پيار جي جذبي جهڙي آهي، سا ايشور ۽ انسان جو وچ هوندي آهي!

"مان اڃا به وڌيڪ ڄاڻڻ چاهيندس."

"جن جي محبت هڪ خاص رنگ، ڍنگ ۽ ڏس وٺي ٿي، تن کي ئي عشق ڪندڙ ۽ عاشق ڪوٺيو وڃي ٿو. ۽ عاشق اهي جيو هوندا آهن جيڪي پنهنجي ٻئي اڌ جي تلاش ۾ هوندا آهن. اڃا به جي تون وڌيڪ ڄاڻڻ ٿو چاهين سقراط، ته ٻڌ: سموريون ساهواريون - حيوانن توڙي انسانن ۾، جڏهن پيار جي سڌ يعني ڪامنا اُٿڻ شروع ٿيندي آهي تڏهن هو درد ۽ پيڙا واري حالت ۾ هوندا آهن. ڇو ته سڀني پيار جو پهريون مقصد ميلاپ هوندو آهي ۽ ٻيءَ ڪو ٻيو......"

تڏهن وڃي مونکي سمجهه ۾ آيو ته پيار جي اصل معنيٰ ميلاپ آهي، جا ڳالهه سقراط ۽ ڊايوٽما جي ڊائلاگن مان به ثابت ٿي، ۽ ته ان جو مطلب اهو ٿيو ته اکبر کي جو مومل جو ميلاپ نصيب نه ٿيو هو ته هو پنهنجو ميزان ڪوهي ويٺو هو. ان جو ٻيو مطلب اهو ٿيو ته پيار ۽ ميلاپ جو پاڻ ۾ چولي دامن جو رشتو هو! هڪ آهي ته ٻيو ان جو لازمي حصو آهي، جيئن هدن ٻنهي ڏاهن چيو ته عاشق اهي انسان هوندا آهن، جيڪي پنهنجي ٻئي اڌ جي ڳولا ۾ هوندا آهن.

اهو قصو ۽ ان قصي جو مقصد پروڙي، مون اکبر طرف نظر ورائي ته ڏٺم هو اڃا سرور ۾ هو. سندس اکيون اڌ کليل، اڌ ٻوٽيل هيون. مون محسوس ڪيو ته هو اهو ديوانو عاشق هو جيڪو پنهنجي اڌ جي ڳولا ۾ سرگردان هو!

# ٨

## عدد - واحد

عدد واحد مان عدد جمع ٿيڻ لاءِ هن کي ڇيتڙا به جتن ڪرڻا هئا، هو اهي سڀ ڪري چڪو هو. ليڪن هيٺئر شايد ڪافي دير ٿي چڪي هئي، اِهو سوچي هن، اُن تي سوچڻ ڇڏي ڏنو هو. صفا ڇڏي ڏنو هئائين، اِئين نه به ڇئجي ڇو ته هڪ هلڪي آس - اُجهامندڙ لاٽ جيان، ڪڏهن ڪڏهن، سندس من ۾ اُڀرڪو ڪائي اُٿندي هئي؛ خاص ڪري ان وقت، جڏهن وقت ڏسندو هو ته هن جي نسي عمر جو ڪو سندس دوست يا واقفڪار، عدد واحد مان عدد جمع بڻيو هو - ته هنجي من ۾ به اُها آس سلي جيان اُڀري ايندي هئي.

در اصل هنجي آدرشوادي سڀاءَ ۽ من به ڪيس دوکو ڏنو هو. نه ته سندس زندگيءَ ۾ پڻ ڪيئي اهڙا موقعا ميسر ٿي آيا هئا جڏهن ڪيس صرف

هٿ وڌائي، هٿ پڪڙڻ جي دير هئي. ليڪن ان وقت سندس اڳيان وڏي ۾ وڏي مشڪلات پنهنجن ڀينرن کي پرڻائڻ جي هئي جنهن لاءِ سندس آدرشوادي من کيس انتظار ڪرڻ جي صلاح پئي ڏني. ۽ جيستائين سندس ڀينرن جي شادي نه ٿي چڪي، هنجي پنهنجي معاملي ۾ دير ٿي چڪي هئي.

سندس پريتما شيلو، جنهن سندس ڪيترا سال انتظار ڪيو، آخر تنگ ٿي اچي ڏاڏيءَ جي هڪ ڌنوان واپاريءَ سان شادي ڪري هلي وئي. ڪجهه عرصو کيس شيلوءَ جي ياد ڪافي ستايو ۽ ٻوڙايو هو. ان ٻوڙندا کيس اهڙو تواڻي بڻائي ڇڏيو هو جو ڪن وقتن تي پنهنجي سڌ بڌ به کوهي ويهندو هو.

هڪ ڏينهن هو آئيني اڳيان بيهي ڦڻي ڏئي رهيو هو ته اچانڪ نوڪن وٽ اڇن وارن تي نظر پئجي ويس. پهرين ته ڪانئس ڇرڪ نڪري ويو، پوءِ اهو سوچي ته هو جوانيءَ جون حدون اورانگهي آيو هو، سندس چپن تي تلخ ۽ ترش مرڪ ڦهلجي وئي.

هو منهنجو سنگتي هو - پڪو يار. هو مون سان پنهنجي دل جو حال بي حجاب ٿي اوريندو هو. مان

ساڻس چرچو ڪري چوندو هئس، "تون ٻاهرڻ ماڻيءَ تي ايترو هري ويو آهين جو هيڏڙ اوکي گهر جي ماني پاڻ ئي ڪاڻ پوندي!"

منهنجي ڳالهه ٻڌي هو چڙي پوندو هو. پوءِ پنهنجي مخصوص انداز ۾ ٺهڪ ڏيئي چوندو هو، "ٻهرين گهر جي ماني ملي ته سهين!"

هونءَ ته شايد هو عدد واحد مان عدد جمع بڻجڻ جي آس هميشه لاءِ ڇڏي ويٺي هئا ليڪن سندس ماءُ، جنهنجو هو سڪيلڌو پٽ هو، اڃا تائين اها آس رکي ويٺي هئي ته هڪ نه هڪ ڏينهن سندس پٽ پڻ جيان وني وٺي ايندو.

مون ڪيترا دفعا کيس صلاح ڏني هئي ته هو اگر ٿوري قرباني ڪري ته سندس ڪم راس ٿي سگهي ٿو. مون کيس چيو هو ته هو ڪنهن غريب يا وڌوا يا ڪنهن طلاق ورتل عورت سان شادي ڪري پنهنجي گهر گرهستي آباد ڪري سگهي ٿو. اهڙيءَ طرح هو هڪ سماج سڌارڪ جو نيڪ ڪم به ڪري سگهندو جيڪو اڳتي هلي کيس فائدو پهچائيندو. ليڪن هن کي اها ڳالهه منظور نه هئي. ان لاءِ هو پنهنجي ماءُ جو حوالو ڏيندو هو ۽ چوندو هو ته سندس ماءُ اها ڳالهه مور ڪين مڃيندي.

هڪ ڏينهن هو مون وٽ آيو ته ڏاڍو خوش

پيٽي نظر آيو. ان ڏيهن هن مونکي، منهنجو دلپسند ۽ مهانگو پان وٺي ڪارايو. مان سمجهي ويس ته ان خوش - دليءَ جو ڪارڻ ڪو خاص ئي هوندو.

مون ڪانئس ان خوشيءَ ۽ ان خوشيءَ بدولت ايتري فراخدليءَ جو سبب پڇيو ته چيائين هڪ ماسترياڻي ذري گهٽ راضي ٿي وئي آهي.

هنجي ڳالهه ٻڌي مون کان وڏو ٽهڪ نڪري ويو. شڪر جو پان جي ٽڪ ٻاهر نڪري نه آئي نه ته جيڪر ڪپڙا خراب ٿي وڃن ها. مون انڪري کليو هو جو مونکي ڄاڻ هئي ته هو ماسترياڻين کي ناپسند ڪندو هو. هو چوندو هو ته ماسترياڻيون مڙسن کي اسڪولي ٻار سمجهي، اُنهن سان ان نموني هلنديون آهن.

ليڪن هينئر جڏهن پاڻ ٻڌايائين ته هو هڪ ماسترياڻيءَ سان لائون لهڻ لاءِ تيار ٿيو هو ته مون کان ٽهڪ نڪري ويو هو.

مون ٽوڪ هڻي چيس: "تون ته ماسترياڻين کي پسند ئي ڪونه ڪندو آهين. چوندو آهين ته ماسترياڻي معنيٰ - ماءُ!"

منهنجي ٺٺوليءَ تي ڀڙڪڻ ته هو ڪڪو وڪو ٿيو. پر پوءِ ٻاهريون ٻڌو رکي، جڻ مڙي هٿيار ڪي وري آزمائيندو هجي، چيائين، "ماسترياڻي آهي ته ڇا ٿيو،

عورت تہ آهي نہ! پيو تہ مان اها شادي پنهنجي ماءُ جي خوشيءَ لاءِ ڪري رهيو آهيان.“

ان ڏينهن بعد هو ڪو هفتو گم هو. مون سوچيو گهٽي ڪم سبب اچي نہ سگهيو هوندو. خيال آيم، اگر هو شادي ڪري ها تہ مونکي گهٽ ۾ گهٽ ضرور ٻڌائي ها.

هڪ ڏينهن هو رات جو نوين بجي آيو. منهن لٿل ۽ ڏاڙهي وڌيل هئس. شايد ٿورو وڌيڪ پي آيو هو. ان ڪري ٿورو لڏي لمي رهيو هو. ڪافي دير تائين آسرپاسر جون ڳالهيون ڪندو رهيو. آخر اصل ڳالهہ سندس منهن مان ڦاٽ ڪائي نڪتي. ڀاري آواز ۾ چيائين، ”هن ماسترياڻيءَ بہ ڪيس ريجيڪٽ ڪري ڇڏيو. چي، اسان جي جــاءِ ننڍي ۽ اچ وڃ گهٽي آهي!“

مون هن جي چهري طرف نهاريو تہ لڳو اڃا ڪجهہ باقي آهي جيڪو هن جي پيٽ مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ آتو آهي. مون هن جي پيٽ مان اهو ٻاهر ڪڍڻ لاءِ ڪيس دائيءَ وانگر زور ڏنو. آخر اها ڳالهہ هن جي پيٽ مان ٻاهر نڪتي. منهن ڪوڙو ڪري چيائين،

"هن ماستريائيءَ اهو شرط وڌو ته اگر مان پنهنجي ماءُ کان ڌار رهڻ لاءِ تيار هجان ته هوءَ شاديءَ لاءِ سنجيدگيءَ سان سوچيندي."

هن جون اکيون ڳاڙهيون ٿي ويئون هيون. بيحد سخت لهجي ۾ چيائين، "هوءَ ڇا ٿي سمجهي، مان کيس رحم جي درخواست ڪندس؟"

۽ پوءِ جڻ فيصلو ٻڌائيندي چيائين، "هو يا عمر عدد - واحد ئي رهندو - بلڪل اڪيلو!"

## ٩

# زندگيءَ جا روپ

هن جڏهن بہ زندگيءَ جي الڳ الڳ روپن تي سوچيو هو تہ هن جي سامهون سوالن جي وڏي قطار لڳي ويئي هئي. زندگيءَ بابت هر سوال، جيڪو بہ هن جي سامهون آيو هو، الڳ الڳ حوالن ۽ معنائن ۾ آيو هو. ۽ هو انهن جا جواب، انهن جي ئي حوالن ۽ معنائن ۾ تلاش ڪندو هو.

زندگيءَ جي انهن سوالن جي جوابن لاءِ هن عالمن ۽ اديبن جي تصنيفن کي اُٿلايو هو. هن ڏٺو هو تہ زندگيءَ جي ڪارگردگيءَ کي ڪٿي، هر اديب ۽ عالم وٽ پنهنجو پنهنجو نظريو ۽ فلسفو هو. انهن مان ڪن لاءِ زندگي بيحد خوشنما هئي تہ ڪن لاءِ زندگي دوزخ هئي. آخر ۾ هو ان نتيجي تي پهتو تہ زندگي ڪيئن ماڻجي، اهو انسان جي پنهنجي من-وس هو. من کي وس ۾ رکو تہ زندگي وس ۾ هوندي. من کي ڇوٽ ڇڏيو تہ زندگي ڏولاون

۾ هوندي! انهن ٻنهي من-استٿين مان گذرڻ بعد ئي پتو پوندو ته زندگي ساڌارڻ نموني گذري يا اساڌارڻ نموني. يا ائين چئي سگهجي ٿو ته زندگي ماڻيسون يا ڀوڳيسون. جيتوڻيڪ زندگي ماڻڻ ۽ ڀوڳڻ الڳ الڳ تصور آهي؛ ٻنهي جو رد-عمل بلڪل جدا آهي. مثال طور جيڪڏهن زندگي سياوِڪ نموني گذرندي هجي ته اها هن نموني جي هوندي:

ارجن وچولي طبقي جو فرد هو. جڏهن ڄائو ته سندس پيءُ پرلوڪ سڌاري ويو. ماڻهن چيو ڇوڪري جو پير ڳؤرو آهي، جنهن شرط پيءُ کي کائي ويو. هر ڪو کيس نياڳو ڪوٺڻ لڳو. پر هن ڪن نه ڏنو. پرورش ٿيندي رهيس ۽ هو وڏو ٿيندو ويو. تعليم ڪا خاص نه مليس ڇو ته چاچن ننڍي لاڪر ڪم ۾ لڳائي ڇڏيو هوس. وڏو ٿيو ته سندس شادي ڪرائي ويئي. پوءِ ٻار به ٿيس. پوءِ پنهنجو ڌنڌو شروع ڪيائين ۽ چند سالن اندر چڱو پئسو ٺاهي ورتائين. هيئر کيس ڪير به نياڳو نه چوندو هو. ماڻهو ساڻس عزت وچان ارجنداس چئي مخاطب ٿيندا هئا. يعني هن پنهنجي محنت سان زندگيءَ کي ڪا معنيٰ، ڪو ارٿ ڏنو هو.

هڪ ڏينهن هو راهه ويندي گڏجي ويو. ڪلهي تي هٿ رکي پڇيومانس: ڪر خبر ارجنداس، زندگي

ڪيئن پيئي گذري؟

ڪلهدي وراڻي ڏنائين: تمام سٺي نمونـي پيئي گذري! هڪ دڪان ڪوپـري ڪالونيءَ ۾ اٿم، هڪ دڪان ملهد ڪالونيءَ ۾ به ورتو اٿم. وڏي پٽ جون شاهوڪار گهرن مان مائٽيون پيئون اچن.

واقعي ارجنداس ڏاڍو خوش پئي نظر آيـو. ڪيس زندگيءَ سان ڪا شڪايت ڪانه هئي. هو هڪ سڦل زندگي جي رهيو هو!

۽ زندگي جڏهن بار لڳندي آهي تڏهن:

اڄ به هن کي ڪٿي ڪو ڪم نه مليو. هن سوچيو ڪم کهڙو به هجي، اهو ملڻ تـه گهرجي. ڪم ناهي ته پئسا ڪونهن ۽ جي پئسا ڪونهن ته پوءِ آهن صرف فاقا! سو چيائين، ائين ڇو هو؟ هـو هتي پنهنجيءَ مرضيءَ سان ته ڪونه آيا هئا. آزاديءَ جـي گهڻي ۾ گهڻي قيمت اسان سنڌين ئي ته چڪائي آهي. اسان کان پنهنجو گهر، پنهنجو وطن ڇڏايو ويو! اسين هتي رفيوجي ڇوٿا سڏجون؟ اڳي جڏهن سنڌ مان بمبئيءَ يا ڪلڪتي يا دهليءَ گهمڻ ايندا هئاسـون تڏهن ته ڪيـر اسان کي رفيوجي ڪونه چوندو هـو! ڪيترا

سنڌي ولائت ۾ ڏنڊا - نوڪريون ڪندا آهن، اهي ته ڪڏهن اهڙي لقب سان ڪونه نوازيا ويا آهن. سنڌ ۾ هتان جا لوڪ اچي رهندا هئا، نوڪريون ڪندا هئا، تڏهن اسين ته ڪين پناهگير ڪونه چوندا هئاسين. پوءِ اسانکي هيئڙو رفيوجي ڇوٽو ڇيو وڃي؟ ڇا اسين پنهنجو وطن ڇڏي هتي هليا آيا آهيون، ان ڪري؟ ته ان ۾ اسان جو ڪهڙو ڏوهه آهي؟ جي ڪم نه ملندو، نوڪري نه ملندي ته گذارو ڪيئن ڪبو؟ هيڏو وڏو ڪٽنب ۽ ڪمائڻ وارو آئون اڪيلو! سرڪاري راشن تي ڪيترو وقت گذارو ڪبو؟ بابي ڪان ته اهو راشن ڳيٺو ئي نٿو وڃي. ڇي اهڙو ردي اناج ته اسان وٽ ڍور به ڪونه کائيندا هئا! تنهن ڪان ته پنهنجي وطن ۾ ئي مري کپي وڃون ها ته سٺو هو...!

زندگي جڏهن پنهنجون ادائون ڏيکاريندي آهي:

شاعر سگن آهوجا چوندو هو ته جيڪڏهن زندگي پنهنجون ادائون ڏيکاري ڪيس ديڄارڻ ٿي چاهي ته هو به پنهنجي نالي سان شاعر آهي! هو زندگيءَ جي هر ادا برداشت ڪندو پر زندگيءَ اڳيان آڻ نه مڃيندو. ليڪن اهو هن جو محض ڀرم هو. نيٺ هن

جو اهو ڀرم ٽٽو ۽ شاعر کي چوڻو پيو:

زندگي تنهنجي ادائن کان ٿيو ٻر آهيان
غم جا پهلو ته بدل نيٺ به شاعر آهيان!

شاعر سڳن آهوجا کي زندگي پنهنجون ادائون غربت جي روپ ۾ ڏيکاري رهي هئي. ان کان ڇوٽڪاري جي کيس هڪ ئي راهه پئي نظر آئي. هو چوندو هو ته جڏهن سندس وڏو پٽ امر ولائت مان ڪمائي موٽندو تڏهن هو زندگيءَ کان پورو پورو حساب وٺندو! ليڪن زندگيءَ ساڻس اهڙو ناٽڪ کيو جو جڏهن سندس پٽ ولائت مان ڪمائي موٽيو ته هو پاڻ ئي هن جهان ۾ نه رهيو!

زندگي جڏهن دٻاءُ وجهڻ شروع ڪندي آهي:

"سيٺ کيولرام! مان توهان کي اهو ليکو ضرور وٺرائي ڏيندس. ليڪن اُن لاءِ توهان کي منهنجو حصو پڻ رکڻو پوندو."

"پر صاحب، هو فلاڻو آفيسر به پنهنجو حصو ٿو طلبي ۽ هو سپلائر پڻ کجهه وٺڻ کان سواءِ پورو مال ڪين ٿو ڏئي! جيڪڏهن ائين پٽ ست ٿي ته باقي اسان لاءِ ڇا بچندو؟ آخر هيءُ ديش هو ڪم آهي،

ڪجهه ان جو به ته خيال ڪيو!"

ان صاحب هڪ زوردار ٽهڪ ڏيئي چيو، "سيٺ ڪيولرام! ديش تڪڙو ترقي ڪري، اهو خيال رکي ئي ته هيءَ نيڪا ڏنا پيا وڃن."

"پر صاحب..."

"نيڪ آهي، توهين سوچي ٻڌائيجو، نه ته هو موسيٰ پائي تيار آهي!"

هو صاحب ويو ته سيٺ لوڪورام سوچيو، سمورو مال هيءَ وچوارا ڪائي ويندا ته باقي اڏاوت ڪهڙي ٿيندي!

اُن ساڳي رات...

"سيٺ ڪيولرام! خبردار ٿجو. صبح جو انڪم ٽئڪس وارا توهان جي گهر ۽ آفيس تي ڇاپو هڻڻ وارا آهن!"

"ڇا چيئه، انڪم ٽئڪس وارا ريـڊ وجهڻ وارا آهن؟!"

"هائـو سيٺ صاحب! توهان جو ڳهڻو لُون پيـا ڪائون. ان ڪري توهان کي اطلاع ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهيم."

"وڏي مهرباني!" ائين چئي سيٺ ڪيولـرام ڪيسي ۾ هٿ وجهي ڪجهه ڪڍيو ۽ ان اطـلاع ڏيڻ واري ماڻهوءَ طرف وڌايو.

اُها سڄي رات سيٺ ڪيولرام گهر ۽ آفيس جي صفائي ڪندي گذاري!

۽ زندگيءَ جا ڪي الڳ الڳ روپ:

- ٻه وڇڙيل پريمي مدت بعد پاڻ ۾ گڏجي مليا، ته ان کان اڳ وارن جهان ۾ ڪانئن وٽ ٻيو ڪو خوش نصيب ڪونه هو.

- شام جو ڪم تان لٿي، جڏهن ڪيس سڄي ڏينهن جي پورهئي جو قُل - مزوري ملي ته هن پاڻ کي ڪانئس وٽ ٻيو ڪو ڏنوان نه هو.

- هن کي جڏهن معلوم ٿيو ته هو سٺين مارڪن سان پاس ٿيو هو ته اهين سمجهيائين هن زندگيءَ جي هڪ وڏي منزل فتح ڪئي هئي.

- جڏهن روئندڙ ٻار کي ماءُ ٿڃ ڏيڻ لڳي ۽ ٻار ٿڃ ڏائيندي، ٻهڪندا نِنڊڙا ۽ نرم هٿ ماءُ جي ڪير پريل اُرهن تي گهمائڻ لڳو ته ماءُ کي محسوس ٿيو، هن گهڙيءَ هوءَ زندگيءَ جو صحيح لطف ماڻي رهي هئي!

- شاعر شيخ اياز آرام ڪرسيءَ تي اکيون ٻوٽي آهليو پيو هو. هن ۾ ڳالهائڻ جي سگهه نه هئي. ته به پاڻ ۾ غزل جي هڪ سٽ پڙهڪي چوڻ جي قوت پيدا ڪيائين: "اي زندگي اسانجو هاڻي حساب چڪتو"

١٠

# رشتن جو اسٽريچر

ٽيوٽ کي جڏهن خبر پيئي ته ڪيس اسپتال مان موڪل ملي رهي هئي ته هو ملول ٿي ويو. هو گذريل پندرهن ڏينهن کان هتي علاج ڪرائي رهيو هو ۽ ان عرصي دوران هن جيوتي نرس جي روپ ۾ هڪ اهڙي ناريءَ جو درشن ڪيو هو جيڪا سندس ماءُ ۽ پيءُ کان بلڪل مختلف هئي. جيوتي نرس نه فقط ڪيس نئون ڪيو هو بلڪ پنهنجي سنيهه سان سندس ويران زندگيءَ ۾ اميدن جو هڪ سلو پڻ اُپاريو هو.

ٽيوٽ سوچيو هڪ هن جي ماءُ هئي جنهن ڪڏهن به ڪيس ممتا جي مهربانين سان ڪين نوازيو. هن ڪيس هميشه ماٽيلو پٽ سمجهيو ۽ چڙهيو. هو جڏهن ماءُ جي اهڙي وهنوار تي سوچيندو هو ته ڪيس لڳندو هو ته هن کي جو سندس مائٽن وڏيءَ عمر وارو رنڊ مرد سان پرڻايو

هو يا ائين ڪٺي چئجي ته هڪ فقير جي گوڏڙيءَ ۾ لعل ڦٽو ڪيو هو ته هن، سعدس ماتيلي ماءُ، اها ڳالهه شدت سان محسوس ڪئي هئي ۽ ته هيڏڙ هوءَ ان جو بدلو هن کان، پڻهنجي ماتيلي پٽ کان، وٺي رهي هئي. ليڪن سوچجي ته ان ۾ هن جو ته ڪو ڏوهه ئي ڪونه هو. سعدس ماءُ کي اگر غصو ڪرڻو ئي هو ته هوءَ پڻهنجن مائٽن يا هن جي پيءُ تي ڪري سگهي ٿي!

تيرت ڏنو هو ته سعدس نئين ماءُ شاديءَ بعد صرف هڪ ٻه دفعو ئي پيڪن ۾ ويئي هئي، پر پٽ ڄمڻ بعد ته بلڪل ڪانه ويئي هئي. هن اهو به محسوس ڪيو هو ته هن جو پڻهنجي مڙس، هن جي پيءُ، طرف وهدوار اهڙو هو جهڙو ڪر هو ڪنهن ۾ نه ايندڙ ڪو ٿانءُ هو جيڪو ڪنهن مهل موقعي تي ڪم اچڻ لاءِ گهر ۾ رهڻ ڏنو ويو هو.

ڪنهن وقت هو پڻهنجي ماءُ جي ورتاءَ مان ايترو دکي ٿيندو هو جو پيءُ سان وڃي دانهين ٿيندو هو. پر سعدس پيءُ هن جي ڪا مدد ڪرڻ کان بلڪل قاصر هو. هو ان ڪٽراڳ ۾ پوڻ ئي نه چاهيندو هو. هو چوندو هو، توهين ماءُ پٽ جاڻو، مونکي وچ ۾ نه آڻيو. البت هو پڻهنجي دل ۾ چوندو هو ته هن ٻي شادي ڪري چڱو نه ڪيو هو. هو جڏهن پڻهنجي

۽ زال جي عمر وچ ۾ تفاوت تي سوچيندو هو ته شرم وچان سندس ڪنڌ جهڪي ويندو هو!

تيوت کي ياد آيو، هڪ ڏينهن گهر مان ڪجهه پئسا گم ٿي ويا ته ڏوهه هن مٿان اچي پيو هو. هن گهڻو ئي چيو ته کيس پئسن جي سڌ ڪانه هئي پر سندس ماءُ اهو مڃڻ لاءِ تيار نه هئي. هن جڏهن تيسي مان جواب ڏنو هو ته هوءَ مٿس اُلر ڪري آئي هئي. هو ڪاوڙجي گهر مان هليو ويو هو ۽ سڄو ڏينهن گهر کان ٻاهر بکيو رهيو هو. رات جو جڏهن گهر موٽيو هو ته ماڻس خارن مان در ئي نه کوليو هو. هو سڄي رات گهر جي ٻاهران ويٺو سوچيندو رهيو هو ته هن بعد هو هن گهر ۾ ڪيئن ۽ ڪيترو وقت رهي سگهندو!

.

ٻمبئيءَ ۾ هن کي هڪ هوٽل ۾ نوڪري ملي وئي هئي. هوٽل جو هڪ ٻيو نوڪر، گهٽپٽ، هن جو دوست ٿي ويو هو. هو مؤجي ماڻهو هو ۽ پنهنجي دنيا ۾ رهندو هو.

هڪ ڏينهن هن تيوت کي چيو "منهنجي ڳالهه مڃين ته اڄ تون منهنجي پنڊايل آنڱڙي، ٻڪي تي

وڃي رانڊ ڪيڏي اچ!"

تيرٿ کي ڪنهن به رانڊ سان، ڪو به چاهه نه هو، تنهن ڪري چيائين، "گٽپت يار، مونکي اها رانڊ وڻي ئي ڪانه."

گٽپت نهايت ڌيرج سان، ائين جيئن ڪو بـزرگ ٻار کان ننڍي کي سمجهائيندو هجي، تيرٿ جـي ڪلهي تي هٿ رکي چيو، "گهيلا هيءَ رانڊ ٿوروئي آهي. هيءَ ته قسمت آزمائي آهي! ويو ته رپيو ٻا ٻه رپيا ويندا، آيا ته مڙو رپين جو ايندو!"

تيرٿ هونءَ ته گٽپت جي هر ڳالهه مڃيندو هو پر هيءَ ڳالهه مڃڻ کان ججهڪي رهيو هـو. مٽڪي رانڊ ته جوئا هئي ۽ هن کي جوئا کان چڙ هئي! پر هو گٽپت جي ڳالهه کي رٽي نه سگهيو ۽ دل نه هوندي به، دوست جي ڳالهه رکـڻ خاطر، هن جي ٻڌايل آنڪڙي ٻڪي تي ٻه رپيا ڪيڏي آيو!

ان ڏينهن ته نه، البت هـڪ ٻئي ڏينهن، گٽپت جو ٻڌايل آنڪڙو، پڌرو ڪيس لڳو ۽ ان مـان ڪيس ججها رپيا مليا. هو ڏاڍو خوش ٿيو. ڪافي عرصي بعد هن جي هٿ ۾ ايترا پئسا آيا هئا. رات جو جنهن وقت هو سمهيو پيو هو ته سوچي رهيو هو سندس ماءُ ڪيس ڪيئن نه پائيءَ پائيءَ لاءِ سڪايو هـو! ڪيس پئسن لاءِ مٽون ڪرڻيون پونديون هيون ۽ پئسي ٻجاءِ

ڇڙيون ملنديون هئس. هن سوچيو شاديءَ بعد هن جي پيءُ به دکي هئي ۽ پئسي پئسي لاءِ محتاج هئي. هوءَ جڏهن پيڪن ۾ آئي هئي ته پاڻ اڳيان ڇلي پيئي هئي. هوءَ ساهرن ۾، جنهن ۾ پيل ان جي داٽي جيان پيسجي رهي هئي!

تيرٿ کي پيءُ ياد آئي ته پاڻ کي ڏوهه ڏيڻ لڳو. هن پيءُ جون حالتون چانديون به سندس کهڙي سار لڌي هئي؟ بمبئيءَ اچڻ بعد ته هو ڪيئن پلجي ئي ويو هو. هن سوچيو، هو هتان پئسن مان ڪجهه پئسا پنهنجي پيءُ کي موڪليندو. اهو سوچي هن پاسو ورايو ليڪن ننڊ ڪانه آيس.

صبح جو جيئن ئي پوسٽ آفيس کلي، هن پنهنجي پيءُ کي پنجاهه رپيا مني آرڊر ڪري موڪليا.

ان ڏينهن هن جي خوشيءَ جي حد نه رهي جڏهن پيءُ وٽان چٺي پهتس. هن پيءُ کي پئسا موڪلي پنهنجو فرض نباهيو هو ليڪن ان جي بدلي ڪيئن هڙي خوشي نصيب ٿيندي، اهڙي اُميد ڪانه هئس. اهو ته ائين هو جيئن ڪنهن منگتي کي اُميدن کان وڌيڪ خيرات ملي! هن وٽ ۾ وڌ اها اُميد ڪئي

هئي ته مني آرڊر جي موٽ رسيد تي، پيءُ جي صحيح پيل هوندي! پر جڏهن اُن سان گڏ پيءُ جي چٺي مليس ته اصل ڪپڙن ۾ نه پئي ماپيو! هن اها چٺي ٻه ٽي دفعا پڙهي. هڪ دفعو گڏپڏ ڪري ٻه پڙهي پڙهيائين. چٺيءَ جي آخر ۾ پيٽس لکيو هو ته هو جڏهن به چاهي، جنهن وقت به چاهي، پنهنجيءَ پيءُ وٽ هليو اچي.

هن سوچيو، هن جي پيءُ نيڪ ئي لکيو هو. هن کي بمبئيءَ نه اچي، پيءُ وٽ ئي وڃڻ گهربو هو.

هڪ چٺيءَ ۾ پيٽس ماءُ پيءُ جي قياس جوڳين حالتن جو ذڪر ڪيو ته سندس دل ڀرجي آئي. هو ڪجهه ڏينهن موڪل وٺي پنهنجي گهر هليو ويو.

گهر پهچي هو ماءُ کي پيرن پيو ۽ ننڍڙي ڀاءُ کي هنج ۾ کڻي چمين ڏنائين.

ٻپهرن جو جنهن وقت هو پيءُ سان گڏ ويٺي ماني کائي رهيو هو ته سوچي رهيو هو سندس ماءُ جيڪڏهن ڪيس هتي ئي رهي پوڻ لاءِ چيو ته هو اتي ئي، پنهنجي گهر ۾، رهي پوندو. هن بمبئيءَ وڃي وري اهائي ساڳي زندگي گذارڻ نٿي چاهي جا هو گذريل ٻن سالن کان گذاري رهيو هو. هن سوچيو، ائين برابر هو ته بمبئيءَ ۾ آمدنيءَ جا وسيلا وڌيڪ هئا، پوءِ به هو اتي خوش نه هو. ڪنهن وقت

هن جي دل بمبئيءَ مان ايتري بيزار ٿي پوندي هئي جو چاهيندو هو ته هن گهڙيءَ هتان ڀڄي، واپس گهر هليو وڃي پر جڏهن سوچيندو هو ته هو حالتن سان ڳاهه نه ڪري سگهندو ته وري ڪيئن گهر مان لوڏجڻو پوندو، ته اهو سوچي هو گهر موٽڻ جو خيال دل مان ڪڍي ڇڏيندو هو.

هو ستن ڏينهن جي موڪل وٺي گهر آيو هو پر سڄو مهينو رهي پيو، پوءِ جيئن جيئن سندس آندل پئسا ختم ٿيندا ويا، سندس ماءُ جي وهنوار ۾ به ڦيرو ايندو ويو. هو سمجهي ويو ته هيئنر هن گهر ۾ سندس دال پاڻي پورو ٿي ويو هو.

هڪ ڏينهن هو گهر مان موڪلائي، واپس بمبئيءَ موٽي آيو.

هن دفعي تيرٿ جي زندگيءَ ۾ نوڪري ۽ مٽڪي راند ڪانسواءِ شراب به داخل ٿي ويو. هيئنر وٽس ايترا پئسا ئي ڪونه بچندا هئا جن مان ڪجهه ماءُ يا ڀيڻ کي موڪلي سگهي. ڀيڻ جا خط ايندا هئس جن ۾ ٻئي احوال ڪانسواءِ آخر ۾ پئسن موڪلڻ جي يادگيري ڏياريل هوندي هئي. ليڪن هو ڀيڻ کي پئسا موڪلي

ٺڻي سگهيو. هيڏو ته سعدس نصيب به ساٿ ڇڏي ڏنو هو. هو راند ۾ کٽڻ بجاءِ روز هارائيندو هو.

هڪ ڏينهن هو بيمار ٿي پيو. ڏهن ڏينهن بعد نيڪ ته ٿيو پر اڃا ڪمزور هو. سعدس مالڪ کيس ٻه سؤ رپيا ڏنا ۽ صلاح ڏنائينس ته هو ڪجهه ڏينهن گهر وڃي آرام ڪري اچي. هن جهٽ چاپ پئسا ورتا ۽ رات واريءَ گاڏيءَ ۾ سوار ٿي، ٻئي ڏينهن صبح جو پيڻ وٽ وڃي پهتو. تيرٿ جي پيڻ پهرين ته بيحد خوش ٿي. پوءِ جڏهن ڏٺائين ته سعدس ڀاءُ بيمار هو ته هوءَ من ئي من ۾ ڏجي ويٺي. سوچيائين بيمار ڀاءُ کي نيڪ ٿيڻ ۾ الائي ڪيترو وقت لڳندو. سعدس دوا درمل تي به چڱو ئي خرچ اچي ويندو!

مهيني جو آرام ڪرڻ کان اڳ تيرٿ پيڻ کي سؤ رپيا ڏنا ته پيڻس اکين ۾ آب اچي ويو، "تون مهنجو سڳو ڀاءُ آهين ۽ تو پيڻ لاءِ جيترو ڪيو آهي سو حد کان وڌيڪ آهي. ليڪن مهنجا ڀاءُ، توکان اسان جي گهر جون حالتون لڪل ناهن..." هن ڳالهه کي اڌ ۾ ڇڏي، ڀاءُ طرف نهاريو جنهنجون اکيون ڀوٽيل هيون.

"چڱو ڀاءُ، تون هيڏو آرام ڪر، وڌيڪ ڳالهيون رات جو ڪنداسين." هوءَ اٿڻ لڳي ته تيرٿ سعدس هٿ جهلي ورتو.

تيرٿ اکيون ڀوٽيل هوندي ئي، جهيڻي آواز ۾

چيو، "نہ پيڻ، مون کي ننڊ ڪانهي. مان جاڳيان پيو. تون وڃ."

ڀاءُ جي ڳالهہ ٻڌي هوءَ ويهي رهي. آهستي چيائين، "مون چيو پئي تہ تون هتي اچڻ ٻجاءِ، گهر وڃين ها تہ سٺو هو. آخر پنهنجا ڪاوڙ غصو تہ ڪڏهن ٿي آهن!"

اُن گهڙيءَ، پيڻ جي ڳالهہ ٻڌي، تيرٿ جي من ۾ ڄڻ زلزلو آيو. ان زلزلي سمورن رشتن ناتن کي پاڙن کان پٽي، پري اُڇلائي ڇڏيو. هن سوچيو ڇا هيءَ اُها ئي پيڻ هئي جنهن کيس رکڙي موڪلي هئي ۽ جنهن لکيو هو تہ هو جڏهن بہ چاهي، جنهن وقت بہ چاهي، پنهنجي پيڻ وٽ اچي سگهيو ٿي!

سڀ ڪوڙ آهي... سڀ ڏيکاءُ آهي... هن دنيا ۾ هن جو پنهنجو ڪير بہ نہ هو... نہ ماءُ هئي، نہ پيڻ هئي ۽ نہ پيءُ هو ... سڀ رشتا ڪوڙا، ڪاغذي گلن ۾ ڪا زندگيءَ ڪا سرهاڻ ڪانہ هوندي آهي، اُهي بلڪل بي جان هوندا آهن!

هن اکيون کولي پيڻ طرف نهاريو. "تون نيڪ ٿي چوين، پيڻ. تنهنجي سڪ لڳي هئي تنهن ڪري ڀورين تو وٽ آيس، نہ تہ مان تہ پنهنجي گهر ئي پئي ويس." هن اکيون بند ڪري، پاسو ورائي ڇڏيو.

ٻہ ڏينهن پيڻ جي گهر ۾ بي آراميءَ ۾ گذاري،

ٽئين ڏينهن هو گهر وڃڻ جو چئي، ٻمبئي موٽي آيو.

ٻه ڏينهن سانده شراب پيئندو رهيو. جڏهن هوش حواس صفا وڃائي بيهوش ٿي ويو ته ڪٽپٽ ڪيس اسپتال ۾ داخل ڪرائي آيو.

تيرٿ جڏهن هوش ۾ آيو ته پاڻ کي اسپتال جي وارڊ ۾ ڏٺائين. هڪ نرس سندس ڪيس پيپر پڙهي رهي هئي. تيرٿ کي هوش ۾ آيل ڏسي، مرڪي چيائين، ”ڇو، مرڻ جو ارادو هوءَ ڇا؟“ هن ڪيس پيپر رکي، سندس نبض تي پنهنجون آڱريون رکيون.

نرس جي سوال جو هن ڪو جواب نه ڏنو.

”خبر اٿيئي جناب، تنهنجي پيٽ مان ڪيترو دارون ڪڍيو ويو؟ سڄو سارو ڍول! ايترو دارون پيئڻ سان ته جيڪر ڪير به مري وڃي! ٻڌاءِ ته هن عمر ۾ مرڻ ڇو ٿو چاهين؟“

هن ڪا وراڻي ڪانه ڏني. چپ چاپ نرس جو منهن تڪيندو رهيو. دل ۾ چيائين هيءَ به ته عورت هئي. پر هيءَ عورت هن جي ماءُ ۽ ڀيڻ کان ڪيتري نه الڳ هئي! هن جي ڳالهائڻ خواهه ڇڙٻڻ ۾ ڪيترو نه سنبيهه هو!

صبح جو ساڳي نرس ٽيمپريچر ڏسڻ آئي. تہ ٽيرٽ جو منهن ٽڙي پيو. هن سندس ڪرائيءَ تي پنهنجون آڱريون رکيون تہ هن ڀانيو آهي گلن جون پنکڙيون هجن جن جي ڇهڻ سان هن جي نس نس ٽڙي پيئي هئي. هو اکيون ڇنڀڻ بنا نرس کي ڏسندو رهيو.

"سور تہ ڪونہ ٿو ٿيئي نہ؟"

هن ڪنڌ ڌوڻ سان ناڪار ڪئي.

"سور ٿيئي تہ مونکي سڌ ڪج؛ مان وارڊ ۾ ئي موجود هونديس."

همدرديءَ جي انهن ٻولن تي هن جي دل ڀرجي آئي.

"سور ٿو ٿئي؟" نرس هن جي منهن طرف نهاري پڇيو.

"نہ، مان ٺيڪ آهيان!" هو صرف ايترو ئي چئي سگهيو.

آرتوار ڏينهن نرس ٿورو دير سان آئي. جنهن وقت هوءَ ٽيرٽ جي بيڊ سامهون آئي تہ هن کيس گڊمارننگ چئي ڪيڪاريو.

"ويري گڊ مارننگ!" نرس مرڪي کيس گڊمارننگ

جي موت ڏني. سندس نبض ڏسندي پڇيائين، اڄ پاڻ کي ڪيئن پيو پائين؟"

"رات ٿورو سور پيو هو." تيرٿ مايوس لهجي ۾ چيو.

نرس سندس چارٽ ۾ رات واري نرس جو نوٽ پڙهڻ لڳي.

"اڇا، سمجهيم. توهان گهٻرايو نه، هفتي کن ۾ بلڪل ٺيڪ ٿي ويندا."

"اڇا هفتو لڳندو؟"

سندس سوال پڌي نرس کلڻ لڳي.

"چئو، اڄ ڇا وٺڻ ٿو چاهين؟" نرس ڏانهس نهاري چيو، "خبر اٿيئي سور ڇو پيو هوءِ؟ گهڻي شراب پيئڻ سبب آنڊي تي ان جو اثر ٿيو آهي. ان ڪري اڄ کان توکي صرف گلوڪوز ڏنو ويندو."

آرتوار هئڻ سبب اڄ اسپتال ۾ ڪيترن مريضن جا مائٽ ملاقات ڪرڻ آيا هئا. تيرٿ جو دوست ڏڦيت ساڻس ملڻ آيو. هو ڇهه موسمبيون ۽ ٿورا گلاب جا گل وٺي آيو هو. جڏهن ڏڦيت ويو ته تيرٿ اهي گل نرس کي ڏنا جنهن ٽشڪيو ڇڏي گلوڪوز جي هڪ خالي بوتل ۾ ٿورو پاڻي وجهي، گل سينگاري، وارڊ جي وچ ۾ رکيل ميز تي وڃي رکيا. پکي جي هوا

تي گلاب جون سرخ پنکڙيون ھلڪيون ڏڏڻ لڳيون.

ان ڏينھن ھو ايترو خوش ھو جو ھن نرس کي پنھنجي باري ۾ سڀ ڪجھ ٻڌائي ڇڏيو.

اڄ ٽيوٽ کي اسپتال ڇڏڻي ھئي.

جيوتي نرس چيس، اڄ تون وڃين ٿو ليڪن مونسان واعدو ڪر ته اڄ کان پوءِ تون شراب نه پيئندين!“

ٽيوٽ مرڪيو. ڇوڪ لاءِ چيائين، ”مان واعدو ٿو ڪريان ته اڄ بعد شراب کي ھٿ به نه لڳائيندس.“

جڏھن شرارتي نوع ۾ ھن اھا واعدي واري ڳالھ ڇيڙي تڏھن تي کلندي نرس چيو، ”واھ سياڻا، مون کي تو اُلو بڻائين! واعدو ڪر ته شراب کي منھن به نه لڳائيندين.“

ٽيوٽ نرس جي اھڙيءَ حجت تي دل ئي دل ۾ خوش ٿيو. ظاھري طور کلي چيائين، ”مان ته چاھيان ٿو ھڪ دفعو بيمار ٿي وري ھتي ٿو وٽ اچان!“

ھن جي اھڙي ٻاراڻيءَ تي جيوتي نرس ڇڪيل بڻجي ويئي. ھن کليو ليڪن ھن دفعي ھن جي کل ۾ پيار اوتيل ھو. اُمالڪ ھوءَ اڳيان وڌي ۽ ٽيوٽ

جي ڳل تي هلڪي چماٽ هڻي چوڻ لڳي، "عقل ڪر ايا ٽا، اهڙيون ڳالهيون مدهن مان نہ ڪنديون آهن!" ايترو چئي هوءَ تڪڙو تڪڙو اتان هلي وئي.

تيرت اچا وارڊ جو در بہ نہ اکريو هو تہ ڏنائين هڪ اسٽريچر وارڊ اندر آندو ويو جنهن تي هڪ مريض ليٽيل هو.

جيوتي نرس ڦڙتيءَ سان تيرت واري خالي ٽيل بيڊ تي، اڇي ڌوتل چادر وڇائي، نئين آيل مريض کي سنڀالڻ لڳي.

١١

# ڪاٺا ٽبل لغز

ڪيرالا جي راڄڌاني ترويندرم ۾ آل انڊيا ادبي ڪانفرنس هئي. هونءَ ته هئو اهڙين ڪانفرنسن کان لهرائيندو هو، پر پوءِ اهو سوچي ته ان بهاني ڪيس ڪيرالا جهڙو سرسبز ملڪ ۽ ڀارت جو آخري ڇيڙو، ڪنياڪماري گهمڻ جو موقعو ملندو، هن ادبي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

ڪانفرنس ۾ سڄي ڀارت مان ٻه سوَ ڪن ڊيليگيٽ آيا هئا جي الڳ الڳ هوٽلن ۾ رهيل هئا. هئو به ٻين ٻن ڊيليگيٽن سان گڏ هڪ هوٽل ۾ رهيل هو.

ڪانفرنس ٽي ڏينهن هلڻي هئي پر هئو پهرين ڏينهن ئي بور ٿي پيو. رڳو اجايو بحث ـ مباحثو هو. ڪن ليکڪن کي پبلشرن تي غصو هئو جن ڪين رائلٽي ڪانه ٿي ڏني ته ڪن اديبن

ڪي ان ڳالھہ جي شڪايت ھئي تہ ڪين انعامن ۽ عھدن
کان ريٽيو ويو ھو. حشوءَ کي لڳو ھن ڪانفرنس
۾ ساھتڪارن، ڏنڊوڙي ذھنيت وارا اديب آيا ھئا
جن ساھت کي بہ ڪا جنس سمجھيو ھو جنھن کي
بزار ۾ وڪڻڻ پئي چاھيائون.

شام جو چانھہ جي وقفي وقت حشو ڪانفرنس
مان گولي ٿي ويو. سڀ کان پھرين ھن ھڪ مليالم
فلم ڏٺي جنھن کي "اي" سرٽيفڪيٽ مليل ھو. فلم
جا ڊائلاگ جيتوڻيڪ ھو سمجھي نہ سگھيو، پر فلم
تہ بہ ڪيس بيحد وڻي.

سج لھڻ بعد جيئن اونداھہ وڌندي ويندي ھئي،
حشوءَ جا حواس جاڳڻ لڳندا ھئا. بمبئيءَ ۾ رھندي
حشوءَ لاءِ انھن جاڳيل حواسن جون ضرورتون پوريون
ڪرڻ ڪا مشڪل ڳالھہ نہ ھئي. ان لاءِ ڪيس گھڻي
جفاڪشي ڪرڻي ڪانہ پوندي ھئي. ھر چيز پنھنجي
مقرر جاءِ تي موجود ھوندي ھئي. ليڪن ھيءُ شھر
ھن لاءِ نئون ۽ اوپرو ھو. ھتي ڪيس ٿوري گھڻي
ڪوشش ڪرڻي ھئي.

فلم ڏسندي سنيما ھال ۾ حشوءَ جي ھڪ
اھڙي مليالي سان ملاقات ٿي جيڪو پاڻ بہ سج لٿي
بعد جاڳيل حواسن جو شڪار ھو. فلم پوري ٿي تہ
اھو مليالي ڪيس ھڪ گھٽي تي وٺي ويو. اتي ھنن

ڪيرالا جي ٺهيل وسڪي پيتي. حشوءَ اڃا به ضرورت محسوس ڪئي پر پوءِ اهو سوچي وڌيڪ نه پيتائين جو هن جوکي جو بل به ڪيس ڏيڻو هو. هن آتي ناريل ۾ پڪل گوشت به کاڌو جيڪو ڪيس ڏاڍو سوادي لڳو. ان بعد اهو مليالي جوکو بمبئي واسي حشوءَ کي ان هنڌ وٺي ويو جتي زنده ماس وڪامندو هو.

ڪيرالا جي ڪا ڪا ڇوڪري پوري نه ته هڙ ئي شامورٽيون! صبح جو بس اسٽاپ تي حشوءَ هڪ مليالي ڇوڪري ڏٺي هئي جيڪا تمام سهڻي هئي. وهنجي آئي هئي ۽ سندس ڪارا لنبا وار سٿرن تائين پئي لڙڪيا. هن جو من خوش ٿي ويو. هو جڏهن به ڪا سهڻي ڇوڪري ڏسندو هو ته سندس من ۾ ٽن پئي جهومڻ لڳندا هئا. هن جي ويچار موجب سونهن قدرت طرفان عطا ٿيل وڏي ۾ وڏي نعمت هئي!

حشوءَ اتي چار ڇوڪريون ڏٺيون. انهن مان هڪ مڙيوني موچاري هئي. هن جي هڪ ڳالهه ڪيس ڏاڍي وڻي. هر هر مرڪڻ! ڇوڪريءَ شايد ان ڪري ٿي مرڪيو جو هنن هڪ ٻئي جي ٻولي ڪانه ٿي سمجهي. هر ڳالهه اشارن ۾ پئي ڪيائون. فائيدل ڳالهه به اشارن ۾ ئي فيصل ٿي!

ڪانفرنس جي پروگرام ۾، ڊيليگيشن کي ٽرويندرم
جون خاص خاص جايون گهمائڻ جو پروگرام به
هو. ليڪن ڪشوع جي اصل مرضي ڪانه هئي. هن
کي رات وارو ٽڪ به هو. پر جڏهن دوستن ڪافي
زور ڀريس تڏهن لاچار ساڻن گڏ بس ۾ وڃي ويٺو.

خاص خاص جايون گهمي، آخر هو اُن ڏينهن
جو آخري اسر، ٽرويندرم جو جيل ڏسڻ ويا. هن
جيل بابت ڊيليگيشن کي ٻڌايو ويو هو ته قيدين کي
سڌارڻ لاءِ نوان نوان اُپاوَ ورتا ويا هئا. مثال طور هڪ
طريقو اهو آزمايو ويو ته جيل جا قيدي جيڪي
چيزون تيار ڪندا هئا، اُهي پاڻ وڃي بزار ۾ وڪڻندا
هئا. ان تجربي مان اهو فائدو هو ته ماڻهن کي قيدين
سان همدردي ٿيندي هئي ۽ هو ڪانئن چيزون خريد
ڪندا هئا. ائين قيدين کي ڇڙواڳ ڇڏيندي اتفاق
سان ئي ڪڏهن ڪو قيدي فرار ٿيو هو نه ته شام جو
سڀ قيدي مقرر جاءِ تي پهچي، جيل جي بس ۾
سوار ٿي، جيل ۾ موٽي ايندا هئا. ائين به هرويرو نه
هو ته قيدين تي مڪمل ڀروسو ڪري کين آزاد ڇڏيو
ويندو هو. ڪجهه سپاهي خانگي ڪپڙن ۾ مٿن
چوڪسي ڪندا هئا ۽ ضرورت پوڻ تي پوليس جي
مدد وٺندا هئا.

انهن ۽ ٻين ڪيترين ڳالهين کان سواءِ جيل جي

صفائي، شڪ واتاورڻ ۾ قيدين جو اهو اڳرو رهڻ به سيڏي کي وڌيو. هڪ خاص ڳالهه جنهن سيڏي کي متاثر ڪيو، اها هئي جيل جي هڪ حصي ۾ مرد قيدي ۽ ان جي ٻئي حصي ۾ قيدي عورتون! پر مجال جو ڪا ڳڙٻڙ يا ڪا شرارت ٿيندي هجي! وڏي ڳالهه ته ٻئي جنسون هڪ ئي بس ۾ سوار ٿي شهر وينديون هيون.

حشوءَ کي اهو سڀ ڄاڻي سٺو لڳو. سوچيائين، گهٽ ۾ گهٽ، ڀارت ۾ هڪ اهڙو پرڳڻو هو جتي قيدين کي سڌارڻ لاءِ سچ پچ ڪو نئون ڪم ٿي رهيو هو. هن اهي سڀ ڳالهيون هڪ پني تي نوٽ ڪري ڇڏيون. هن جو ويچار هو ته هو ٻمبئيءَ پهچي ان تي هڪ وڏو ليک يا ڪهاڻي لکندو ته ڪيئن وشواس جو آڌار وٺي قيدين جي سڌارتيءَ ۾ ڦيرو آندو پئي ويو.

اوچتو ڪجهه ڏسي حشو ڪاٺ جو بت بڻجي ويو. هن جيڪي ڏٺو تنهن تي کيس اعتبار نه آيو. هن ڏٺو، عورتن واري حصي ۾، جيل جي هڪ کوليءَ ۾، شيشن جي پٺيان، اها ساڳي رات واري ڇوڪري بيٺي هئي!

ڇوڪريءَ به شايد کيس سڃاڻي ورتو هو. هن پنهنجي ساٿي قيدياڻين کي ڪجهه چيو جنهن تي هو

سڀ حشوءَ طرف نهاري کلڻ لڳيون. راتو ڪيءَ ڇوڪريءَ جي چپن ۾ ساڳي ڪالهه واري مرڪ هئي؛ پر اها رات واري مرڪ حشوءَ کي وڻي هئي ۽ هيءَ اڄوڪي مرڪ ۾ چڙ ۽ مٿس ٺٺولي هئي.

حشوءَ جا حواس باختا ٿي ويا. هن کي لڳو هو سرِ عام ننگو ڪيو ويو هو ۽ هيءَ قيدياڻيون سندس اوگهڙ ڏسي مٿس کلي رهيون هيون! هو ششدر ٿي، دوستن جي وچ ۾ لڪڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. ان لڪ ڇپ ۾، سندس هٿ مان نوٽس ورتل اهو پنو ڇڏائجي، ڪاتا ٿيل لغڙ جيان هوا ۾ اڏامڻ لڳو!

# ١٢

# خوددار

ڪمال جي عورت هئي. ونشياڻن ۾ اهڙي ٻڌيمان عورت هن ورلي ڏٺي هئي. عمر ۾ ڪا خاص وڏي ڪانه هئس. ٻار ٿي ٻڌايو هئائين ته هوءَ اڪويهن ٻاويهن جي مس هئي. ان حساب سان هوءَ ڪا وڏي سڏي به ڪانه هئي. پر قد بت ۽ عقل جي حساب سان هوءَ وڏي سياڻي هئي.

ڪرشن کي وٽس سندس دوست چيتن وٺي ويو هو. هو ٻئي گهرا دوست هئا ۽ ٻين ڳالهين جيان هن وٽ به گڏجي آيا هئا. چيتن البت هڪ ٻه دفعو هن وٽان ٿي ويو هو. هن پنهنجي دوست ڪرشن سان سندس ذهانت جي اهڙي ساراهه ڪئي هئي جو ڪرشن ٻار کي روڪي نه سگهيو هو ۽ هڪ ڏينهن پنهنجي دوست چيتن سان گڏجي هن وٽ پهچي ويو هو.

ڪرشن کي هوءَ خاص سهڻي ته ڪانه لڳي هئي پر هن ڳالهيون ڏاڍيون سياڻپ جون پئي ڪيون. هن جڏهن ڳالهين ڳالهين ۾ مرڪي پئي ڏنو يا ڪڏهن ٽهڪ پئي ڏنائين ته ان وقت ڪافي موهيندڙ پئي لڳي.

ڪرشن پهرينءَ ئي ملاقات ۾ هن جو چاهڪ بڻجي ويو هو. ليڪن هن ۾ ۽ چيتن جي سياءَ ۾ فرق هو. چيتن اڪيلو هن وٽ آيو هو ته هن ڳالهين ۾ الجهي، وقت وڃائڻ بجاءِ پنهنجو وقت سڦلو ڪيو هو. چيتن جو عقيدو هو ته عورت سان عشق ڪرڻ، وقت جو زيان هو. هن جي ويچار موجب عورت جي مٺين ڳالهين ۾ اهو قاسدو آهي جيڪو جذباتي هوندو آهي. هو جذبات ۽ پيار کي ساڳيءَ معنيٰ ۾ ڪٽيندو هو. هو مثال ڏيندي ٻڌائيندو هو ته ان جو نتيجو اڳي ڪي پوءِ ٻنهي جنسن مان ڪنهن به هڪ جنس جي بربادي هئي! هو چوندو هو ته عورت سان عشق ڪرڻ جهڙي ٻي ڪا چريائپ ڪانه هئي. هن جي پنهنجي راءِ موجب عورت ماڻڻ جي چيز هئي، پوءِ اها عورت زال هجي، محبوبا هجي، چاهي وئشيا هجي. دئٽ از آل!

ان ڪري، چيتن هن سان صرف اهو ئي هڪ سمبنڌ رکيو هو. پر جڏهن ڪرشن هن وٽ آيو ۽

سعدس سپاهيءَ وارين ڳالھين ٻڌائين تہ دل ئي دل ۾ ڪيس داد ڏيندي اھو فيصلو ڪيائين تہ جي ھو وري ھتي آيو تہ اڪيلو ئي ايندو.

اڃا ھڪ مهينو بہ نہ گذريو تہ ڪرشن اڪيلو ھن وٽ اچي پھتو. ھن بيحد موھيندڙ مرڪ سان سعدس سواگت ڪيو. ڪرشن اڃا صوفا تي ٺھي جڙي ويٺو مس تہ ھن ميز جو خانو کولي سعدس برانڊ جو سگريٽن جو پيڪيٽ ڪڍي اڳيان وڌايو.

ڪرشن اچرج ۾ پئجي ويو. ھن پنھنجون اکيون مٿي کنيون ۽ نراڙ ۾ گھنج وجھي، سعدس چھري تي ھڪ ڀرپور نگاھ وڌي. پوءِ ھٿ وڌائي، سگريٽن جو پيڪيٽ ورتي، ھڪ سگريٽ دکايو. سگريٽ مان ھڪ زوردار ڪش ھڻي، دونھون ڇت طرف ڇڏيندي، ھن چپن کي مرڪ جي انداز ۾ ڦھلائيندي چيو، "سچ پچ تون سپاھي آھين - اينري سپاھي ۽ ھوشيار جو اھو پتو بہ رکيو اٿيئي تہ مان ڪھڙي برانڊ جو سگريٽ ڇڪيندو آھيان!"

ڪرشن جي مک مان پنھنجي ساراھ ٻڌي ھوءَ مرڪڻ لڳي.

"ڀلا تو اهو ڪيئن سمجهيو ته مان وري تو وٽ ايندس؟ ايتري خاطري هيئي جو مون لاءِ سگريٽن جو پئڪيٽ به گهرائي رکيو اٿيئي!"

"ڇا سڀ ڪجهه ٻڌائڻ لازمي آهي؟" هوءَ بدستور مرڪي رهي هئي.

"نه، هرويرو ضروري نه آهي. مونکي ته باڙ خوشي ٿي ته تو هڪ ئي ملاقات ۾ منهنجون ڪي عادتون ۽ ڪي گهرجون جاچي ورتيون آهن."

"ڪي ٻيون ڪهڙيون؟"

"مثلاً تون نوڪر کي سڏ ڪري چونديئن ته منهنجي لاءِ هڪ پان وٺي اچي - ڪلڪتا سادا جنهن ۾ ٿورو قوام ۽ ٿوري نمبڪ پيل هجي. ٺيڪ چيم؟"

هن کليو ۽ ڪرشن کي هن جي اها کل وڻي. هن چيو، "اهو پان به مون گهرايو آهي. ڏيانوَ؟"

"اڇا! جي اهو سچ آهي ته مان چوندس ته تون انترمکي آهين ا يعني تون ماڻهن جا من پڙهي سگهين ٿي."

"ايترو نه ٻڌايو مونکي، سچ اهو آهي ته مون دريءَ مان توهان کي ڏسي ورتو هو. مون سوچيو توهين پڪ ئي پڪ هتي اچي رهيا آهيو. انڪري نوڪر کي موڪلي توهان لاءِ سگريٽ ۽ پان گهرائي ورتم."

"تڏهن ٿي نہ چيم تہ تون ڏاڍي سياڻي آهين."

"اڄ اوهين اڪيلا آيا آهيو؟" هن ڳالهہ بدلائيندي پڇيو ۽ کلندي چيائين، "اوهان جو هو دوست، اوهان جي بلڪل اُبتڙ ۽ هر ڳالهہ ۾ اُبهرو آهي!"

هن جي کل ۾ ڪرشن شريڪ نہ ٿيو. هن سنجيده بڻجندي چيو، "چيتن برابر منهنجو دوست آهي ۽ هو ئي مونکي هتي وٺي آيو هو پر سچ ڄاڻ، اڄ مان پاڻ مرادو، اڪيلو ئي تو وٽ آيو آهيان. اگر توکي منهنجو اڪيلو اچڻ نہ وڻيو هجي تہ مان واپس هليو وڃان."

هن جي مرڪ ۽ کل ٻئي غائب ٿي ويئون. گنڀير بڻجي چيائين، "منهنجو اهو مطلب نہ هو. مون تہ ائين ئي پڇيو هو. ڀر ڇا اوهين سچ پچ ناراض ٿي واپس هليا وڃو ها؟"

سگريٽ جي بچيل پڇڙي ايش ٽري ۾ وجهندي ڪرشن چيو، "ٻڌ، مان تمام گهٽ ڪنهن ڇوڪريءَ کان متاثر ٿي سندس ساراهہ ڪندو آهيان. مونکي تنهنجي نالي جي تہ سڌ ڪانهي، پر مان اڄ کان توکي ڪامني چئي مخاطب ٿيندس!" ڪرشن هڪ سگريٽ دکايو هڪ وڏو ڪش هنيو.

هوءَ وڏا وڏا ٽهڪ ڏيڻ لڳي. جڏهن ٻہ ٽي ٽهڪ ڏئي بس ڪيائين تہ چيائين، "ڀورين سياڻي چيو ۽

پوءِ هوشيار ٿي هاڻي مون تي ڳالهه ڇڏي ڏني -

ڪامني! انهن لفظن تان تون ته نه ويندا نه؟" وري ساڳي ڳالهه ڪئي.

"منهنجي ڳالهه تي تون ٻن کي ٿي ڪئي. پر مون تنهنجي باري ۾ جيڪي ڪجهه ڇيو آهي، بلڪل صحيح چيو آهي - ڪامني!"

"ڪامني!" هن نالو دهرايو ۽ چپن تي زهر ڀريل مرڪ آڻي چيو، "ٺيڪ ٿي ته آهي. اسين ڪاٺيون ٿي ته آهيون. مردن کي موهڻ ٿي ته اسان جو پيشو آهي!" هن جي ڳالهائڻ مان لڳو، ڄاڻ ڪي مٿان جيڪا رڪ پيل هئي، اها اُن تان هٽي وئي هئي.

ڪرشن کي لڳو، هن کي ان نالي تي ڏک رسيو هو. تنهن ڪري چيائين، "توکي ڪامني نالي تي اگر ڏک ٿيو آهي ته مان اهو واپس ٿو وٺان. پر مان توکان ٻي هڪ ڳالهه ٿو پڇان. ڇا تو ڪجهه ساهت پڙهيو آهي؟" ڪرشن جو سگريٽ اڌ جلي چڪو هو. هن ان مان هڪ ڪش هنيو.

"ڪامني نالي جو ساهت سان ڪهڙو سمبند آهي؟ هون، مان توهان کي ٻڌايان ته مون ڪاليج تائين سکيا ورتي آهي ۽ مون اُتي ساهت جو به ابياس ڪيو هو."

"واهه! اها ته تمام سٺي ڳالهه آهي!"

"پر هاڻي توهين اهو نه پڇندو ته تعليم يافته هئڻ جي باوجود مون هيءُ پيشو ڇو اختيار ڪيو؟ اهڙا سوال پڇڻ تي مونکي چڙ لڳندي آهي."

"نه، مان اهو نه پڇندس ۽ نه مونکي ان ڳالهه ۾ ڪا دلچسپي آهي. اهو هرڪنهن جو پنهنجو نجي معاملو آهي. ٻيو ته مان سوشيالاجيءَ جو ماهر به نه آهيان. اهو ڪم سماج سڌارڪن جو آهي، منهنجو نه آهي. مونکي رڳو توکان پڇڻو هو ته تو شرت چندر چٽرجيءَ جو ديوداس ناول پڙهيو هجي ته مان توکي ان ناول جي چندرمکي ڪوٺيان!"

"مون ناول به پڙهيو آهي ۽ فلم به ڏٺي اٿم. معاف ڪجو صاحب، مان پاڻ کي چندرمکي ڪوٺائڻ لاءِ تيار نه آهيان."

"تون هيءُ ڇا ٿي چوين! تون چندرمکي چوائڻ لاءِ تيار نه آهين؟ پر ڇو؟ هوءَ ته ڀارتي ساهت جو هڪ امر ڪردار آهي. توکي ته مٿس ريس اچڻ گهرجي. هن جي ارپنا ته ڏس ڪيڏي نه لاجواب آهي!"

"معاف ڪجو صاحب! ڇا خودداري صرف توهان مردن جو ئي ورثو هي؟ اسين عورتون ڇا صرف توهان جون داسيون آهيون. ڇا مليو ان چندرمکيءَ کي ديوداس جي داسي بڻجڻ تي؟ توهين ئي ٻڌايو ته چندرمکيءَ کي سواءِ ڏکن ۽ سورن جي ٻيو ڇا هٿ حاصل

ٿيو؟" ايترو چئي هوءَ ٽڪڙي ٻئي ڪمري
۾ هلي وئي.

ڪرشن وائڙو بڻجي ان ڪمري طرف نهارڻ لڳو. ڪا دير هن جي واپس اچڻ جي واٽ ڏٺائين. پوءِ اهو سوچي ته شايد هن جي دل کي چوٽ رسي هجي ۽ ان ڪري شايد هوءَ واپس نه اچي، اهو سوچي هو اُٿيو ۽ بوٽ پائي ڪهيون ٻڌڻ لڳو.

پر هوءَ موٽي آئي. شايد ڪمري ۾ وڃي رني هئي. اکيون اڃا تائين ڳاڙهيون هئس. ڪرشن کي وڃڻ جي سانباهي ۾ ڏسي چيائين، "هيءَ ڇا، توهين واپس وڃي رهيا آهيو؟" هن جي آواز ۾ مانائي هئي.

سندس آواز جي مانائيءَ کي ڀانپي ڪرشن چيو، "مون سوچيو تون شايد منهنجين ڳالهين تي ناراض ٿي وئي آهين. ان ڪري واپس پئي ويس."

"واهه صاحب، واهه! مان ڀلا ڇو ناراض ٿيندس. جيڪڏهن ناراض ٿيندس ته ڪائيندس ڪٿان!" هن جي چپن تي ساڳي اڳ واري مرڪ هئي. چيائين، "اهو بوٽ لاهي صوفا تي سهنجا ٿي ويهو."

پر ڪرشن اُٿي ئي بوٽ پائي بيٺو رهيو.

"هاڻي جيڪڏهن توهان جي اها مرضي آهي ته مان چندرمکي بڻجي توهان جي چرنن ۾ ويهي، توهان جو بوٽ لاهيان ته صاف ٻڌايو." هن کل روڪي

شرارت وڃان ڇيو.

هن جي ان نموني جي شرارت تي ڪرشن جـون پيرون تاڪجي ويئون. مٿس ۾ شـور وجهي چيائين، تنهنجو نالو ڪامدي ٿي ٺيڪ آهي. لڙ آهي. توسان بلڪل ٺهڪي ٿو اچي. ته پڻ ڪامدي، اڄ تائين ڪنهن به عورت اهڙي نموني مونتي ٺٺولي ڪانه ڪئي آهي. توکي به مان اهڙو اڌڪار ڪـونه ڏيندس. اڄ بـہ نہ، سڀاڻي به نہ، ڪڏهن به نہ. اهو تون سمجهي ڇـڏ!" ايترو چئي هو دروازي طرف وڌيو.

"بس، ايتريءَ ڳالهہ تي ناراض ٿيندا ۽ هليا ويندا. توهان مونهنجي جيڪا هيتري ساراهہ ڪئي اُهـا ڇا اجائي هئي، بناوٽي هئي؟"

ڪرشن بيهي رهيو. هن طرف رخ ڦيرائي چيائين، "نہ، اها اجائي نہ هئي. ۽ نہ ئي بناوٽي هئي. تون سچ پچ سياڻي ۽ هوشيار آهين. پر تو ۾ هڪ خامي به آهي. تون خودداريءَ جي بوجهہ هيٺان دٻجي ويئي آهين. ان ڪري تنهنجي اهـا سهڻتا جيڪا ڪنهن به ناريءَ جو خاص گڻ هوندي آهـي، تنهن کان تون پري هٽي ويئي آهين؛ ايترو پري جو چاهيندي به تون هيٺڙ اتان واپس موٽي نٿي سگهين."

"ته ڇا ان ڳالهہ سبب توهان ناراض ٿي هليا ويندا؟"

"نہ، ائين واپس وڃڻ واجب نہ آهي. مان توکي، تنهنجي مقرر في ڏيئي پوءِ واپـــس ويندس." ايترو

چٽي ھڻ سوٽ جي پتلون پاڪيٽ مان پنھنجو پرس ڪڍيو.

ھيٺئين سچ پچ ھڻ جو منھن ڳاڙھو ٿي ويو. ڪاوڙ وچان چپ کي چڪ پاتائين، ڏري گھٽ رڙ ڪندي چيائين، "توھين مرد پاڻ کي وڏا ايماني ٿا سمجھو. اھو به ڪونه ٿا سوچيو ته سامھون واري عورت به اھڙو ايمان ڪري سگھي ٿي. پئسا وٺي جسم فروشي پل ته اسان جو پيشو ھجي پر توھان مرد اھو ڇو نٿا سوچيو ته پنھنجي خودداريءَ لاءِ ھوءَ الٽو قدم به کڻي سگھي ٿي. توھان مونکي جيڪا في ڏيندا، مان اگر اُن جي ڊبل في، توھان کي، توھان جي جسم فروشيءَ جي ڏيان ته توھان جي سؤمان کي چوٽ نه رسندي؟ اھو سمجھي ڇڏيو ته مان اگر استري-وڪڻيا آھيان ته اوھان پرش - وڪڻيا آھيو!" اھو سڀ چوندي ھوءَ ڳاڙھي ٿي وئي ھئي. ڪن گھڙين سانگي ٿورش لھجي ۾ چيائين، "معاف ڪجو، اوھان کان ته اوھان جو ھو دوست بھتر ھو جيڪو جذبات جو شڪار نه ھو!" ايترو چئي ھوءَ وري پٺي ڪمري ۾ ھلي وئي. ھن دفعي ھوءَ دروازو زور سان بند ڪندي وئي.

ڪرشن ڪا دير اُچل ۽ اُپلڪ نگاھن سان ان بند دروازي طرف نھاريندو رھيو. پوءِ ڏيري ڏيري ڏاڪڻ تان ھيٺ لھي آيو.